# نيڪي ۽ بدي


از

شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ



ڪتاب ايجنسي

[illegible] حيدرآباد



سنڌي ادبي بورڊ

ڪراچي – حيدرآباد

سنڌ

نئين ڇاپي جي پهرين ايڊيشن، ١٩٥٩ع- ٢٠٠٠ ڪاپيون

قيمت ٠-٨-١

ملڻ جو هنڌ: سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال،
اسٽيشن روڊ حيدرآباد (سنڌ)

PIRNTED AT ISLAMIA PRINTING PRESS W. CATCHA HYDERABAD, AND
PUBLISHED BY MOHD: IBRAHIME JOYO SECRETARY THE SINDHI ADBI BOARD
HYDERABAD SIND & KARACHI.

پيا آهن. جنهن مان عوام طرفان بورڊ جي هن ڪوشش جي قدرداني ۽ جو ثبوت ملي ٿو. مناسب سمجهجي ٿو، ته هتي بورڊ جي انهيءَ پروگرام جي سلسلي ۾ هڪ خاص چيز جو ذڪر ڪجي: بورڊ اهي ناياب ڪتاب محض جيئن جو تيئن ڇپائي ڪونه ٿو پڌرا ڪري، بلڪ انهن کي لائق ادبين جي هٿان نئين سر سڌاري، طباعت ۽ ڪتابي اشاعت جي جديد تقاضائن موجب حتي الامڪان ٺاهي سينگاري، پوءِ شايع ٿو ڪري- ايتريقدر جو ڪتابن جي هنن نون ڇاپن جي افاديت ۽ اهميت ٿي خاص پنهنجي ڏيو وڃي ٿي. بورڊ جو هيءُ پروگرام ڪافي وسيع آهي؛ ۽ ان ماتحت سردست اٽڪل ٻه سؤ قديم خواهه جديد—مگر ناياب ڏيل— ڪتاب شايع ڪرڻا آهن. اميد آهي ته سنڌي ادب جا ٻهي خواه، بورڊ جي هن ڪوشش کي همٿائيندا؛ ۽ هن نيڪ مقصد جي تڪميل لاءِ بورڊ کي پنهنجي گرانقدر مشورن سان هميشه نوازيندا رهندا.

حيدرآباد سنڌ — محمد ابراهيم جويو،

۲۰ فيبروري ۱۹۵۹ع — سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ.

## مهاڳ

هن ناٽڪ جو اصل قصو، انگريزيءَ جي مشهور قديم شاعر 'شيڪسپيئر' جي هڪڙي ناٽڪ مان ورتل آهي، جو هڪڙيءَ ناٽڪ واريءَ ڪمپنيءَ هندستاني ٻوليءَ ۾ لکيو هو: انهيءَ ۾ وري ضروري ڦيرگهير ڪئي ويئي آهي، ۽ منجهس مزي جهڙا نقل ماڻهن کي کلائڻ ۽ خوش ڪرڻ لاءِ گڏيا ويا آهن، ۽ گهڻن هنڌن تي راڳ به داخل ڪيا ويا آهن. اميد آهي ته ڪتاب جي پڙهندڙن ۽ ناٽڪ جي ڏسندڙن کي انهيءَ مان گهڻي خوشي حاصل ٿيندي.

حيدرآباد سنڌ، — قليچ بيگ

١٤، ڊسمبر، ١٩١١ع

# ناٽڪ جا ماڻهو

## — مڙس —

شفيق : فرخ آباد جي مرحوم بادشاهه 'هرمز' جو خاص وفادار سردار، عصمت بانوءَ جو مڙس

سهراب خان : وفادار سردار

گرگين خان : بيوفا سپهه سالار، راڻيءَ شاهه بانوءَ جو مددگار

عماد خان : شاهه بانوءَ جي طرف جو هڪڙو سردار

سرفراز خان : عماد جو فوجي عملدار، جميله بانوءَ جو عاشق، اصغر جو مددگار

اصغر : صغير شاهزادو، مرحوم شاهه هرمز جو پٽ

نظام : شفيق جو وفادار نوڪر

رفيق : شفيق جو صغير پٽ

حيدر : عماد جو سپاهي اردلي

اسحاق خان : پهرين فوجي جمعدار، پوءِ عماد جو مصاحب يا ايڊيڪانگ

فريد خان : سرفراز جو زيردست عملدار، زهره بانوءَ جو مڙس، اسحاق جو سنگتي

سليم : گرگين جو پٽ، مريم جو مڙس

قلندر : هڪڙو ديوانو

سنبل خان : شبنم جو مڙس

گل خان : سنبل جو چاچو

قادر : گرگين جو ناخلف پائنيو
ڪريم : گرگين جو بورچي
عمر : لطيفہ جو مڙس، فريد خان جو نائي
— تنهن کان سواءِ پوليس جمعدار، سپاهي، درٻاري،
وڪيل ۽ ڇوڪرا، وغيره.

— زالون —

شاهہ بانو : مرحوم شاهہ هرمز جي دغاباز پيٽ
عصمت بانو : شفيق جي وفادار زال
جميلہ بانو : سرفراز خان جي معشوقہ
مريم : سليم جي زال
زهره : گرگين جي نوڪرياڻي، پوءِ منگيتڙ ي زال
شبنم : سنبل خان جي زال
لطيفہ : عمر جي زال
— تنهن کان سواءِ 'نيڪي'، دنيا کي نيڪ رستي تي
هلائڻ واري رحماني طاقت؛ 'بدي'، دنيا کي
بري رستي تي هلائڻ واري شيطاني طاقت.

# باب پهريون

## پردو پهريون

### محلات

[ 'نيڪي' ۽ 'بدي'، زناني صورت ۾ داخل ٿين ٿيون.]

نيڪي: (ڳائي ٿي)

خدا يا، سڻ منهنجي پڪار، رحم ڪر مالڪا، ري،
جوان مان هر گهڙي سو سو وار، خير ڪر خالقا، ري،
ڏکياري، ناچاري، پڪاري ۽ روئي، رڙي،
سائين تو بن دور نه ڏکڙا، ڪوئي ڪري،
ڪٽ مشڪل داتار - خدا يا سڻ..............

باري خود تو ڪيا پيدا، شاهه و گدا، خاصو مدا،
سڀ جوڙ هيءَ آهي تنهنجي پڻ، منهنجي ناهي ابتدا،
فرض ادا ڪريون سدا، رهون فدا تو تي، خدا،
ڪا لغايت ناهي تنهنجي، پڻ تنهنجي ناهي ابتدا.

وڏائي خدا جي، جو هر طرح پاڪ ۽ لا شريڪ
آهي؛ اهو رحمان ۽ رحيم، جو آدم جي سرڪش
۽ نافرمان اولاد کي پڻ وانگي پيار ڪري

تو. نيڪبخت آهي اُهو انسان، جو ساديءَ دل
۽ پوريءَ سچائيءَ سان انهيءَ جي بندگي ڪري
تو. اي گمراهه هستي، جا انڌي ۽ ديواني ٿي
خرابيءَ جي غار ۾ ڊوڙندي وڃين، سا انهيءَ
اونداهيءَ کان نڪري روشنائيءَ ڏي آءُ، خدا
جو رحم توکي پري کان وڏي آواز سان پيو
سڏي، ۽ سندس مهرباني ۽ شفقت تنهنجي لاءِ
محبت جي جهولي کوليو ويٺي آهي؛ اچي
منجهس پؤ، ۽ پناهه وٺ.

جنهن هنڌ کڏون کوہا هجن، سا واٽ اصلي تون نہ هل،
ڏوهن خطائن ۾ متان، انڌا پوين، پهچئي خلل؛
چوگرد اونداهي اٿئي، ڪر هوش، اک پٽ پهر پل،
ايمان جي فانوس ۾ رک شمع جان پنهنجو عمل؛
هردم خدا کي ياد ڪر، ٿي محو اُن جي ذاتؔ ۾،
آرام ۽ راحت سدا آهي خدا جي چاڏؔ ۾.

بدي: آرام ۽ راحت آءٌ آهيان؛ دنيا جي خوشي ۽ فرحت
آءٌ آهيان!

نيڪي: تون دنيا جي مصيبت آهين، ۽ خدا ۽ انسان
جي وچ ۾ وڏي پٽ آهين!

بدي: دنيائي عيش عشرت منهنجي سڄي هٿ ۾ آهي،
۽ اُنهيءَ جي ڪنجي منهنجي کٻي هٿ ۾. اوهين،
جي بهشت جي اُميد ۾ هتي عذاب پيا ڪائو، ۽
هين مزي جهڙيءَ دنيا کي پنهنجي لاءِ دوزخ ٿا

بنايو، سي سڀ مون ڏي منهن و رايو، ۽ آچي منهنجو د ر ڪڙڪايو، تہ آءٌ پنهنجيءَ سخا جو مينهن وسائي، اوهان جون جهوليون موتين ۽ ماڻڪن سان پريان، ۽ حاجتمندن مان ڦيرائي طاقتمند ڪريان!

دل ۾ بيفڪري هجي، ۽ مال زر هوئي بيقياس،
طعام عمدو هوئي اڳيان، ۽ بت تي هوئي عمدو لباس،
عيش عشرت جو هجي سامان هردم آسپاس،
مي بہ هوئي، ساقي بہ هوئي، ۽ خوش هجن پنجئي حواس:
بس بهشت آهي اهو، پيو آهي جيڪي وَهم آهہ،
کاءُ، پيءُ، ڪر عيش هردم، جي ڪو تو ۾ فهم آهہ!

نيڪي: ڪوڙي، تون ماڻهوءَ کي خواريءَ ۽ خرابيءَ، ڏک ۽ مصيبت، گنهگاريءَ ۽ موت کان سواءِ پيو ڪي ڏيئي نٿي سگهين!

بدي: چپ ڪر؛ تون ئي آهين جا منهنجن گراهڪن کي پاڻ ڏي سڏين ٿي، ۽ منهنجو شڪار منهنجي هٿان وڃائين ٿي!

نيڪي: ۽ تون ئي آهين، جا چڱي رستي تي هلڻ وارن کي گمراهہ ڪري ڇڏين ٿي، ۽ جهنم جي غار ۾ ڪيرائين ٿي!

بدي: جي تون نہ هجين، تہ جيڪر دنيا ۾ بهشت جي لذت اچي ها!

نيڪي: ۽ جي تون نہ هجين، تہ جيڪر خدا دوزخ ئي

پيدا نہ ڪري ها!

بدي: نيڪي، تون لڙائي ڇڏي ڏي!

نيڪي: بدي، تون برائي ڇڏي ڏي!

ارڙ، ارڙ... ڇڏ ڙي تون، بدي، برائي!
آها ها ها ها ها، اهو هو هو هو هو، ٻڌ تون
منهنجي ڳالهہ، ڳالهہ، ڳالهہ،
ڇڏ تون لڙائي، سک تون سچائي، رهين سدا
خوشحال حال...!

بدي: دنيا حرص وارن جي بازار آهي؛ انهيءَ ۾ ڪو منهنجو خريدار آهي، ۽ ڪو تنهنجو طلبگار آهي:
جي نفرت آهي منهنجن عاشقن کي، تنهنجيءَ صورت کان،
تہ چو مون سان وڙهين ٿي، وڙهہ وڃي تون پنهنجيءَ قسمت سان!

نيڪي:

اڄ ڏينهن جي ٿا چاڙهن، دنيا جي حُور توکي،
دل سان ڏنو آهي جن عقل ۽ شعور توکي،
جنهن ڏينهن روشنيءَ ۾ ڏسندا سي شڪل تنهنجي،
نفرت سان نت ڏ ڪيندا، سي نيٺ دور توکي!

بدي: ائين ڪڏهن نہ ٿيندو. نادان، توکي اها خبر ناهي تہ دنيا جي مٺي لالچ ۽ خود غرضيءَ جي پاڻيءَ سان ڳوهيل آهي؟

جيسين سيڪنهن شي ڏيڻ جي لاءِ آهيان آءٌ تيار،
تيسين ئيندا منهنجا هو طالب ۽ نت مون تي نثار!

نيڪي:

ڪُوڙي، تنهن جو دلبو ڏسي هرڪوئي ڀلي ٿو،
دنيا جو چمن منهنجي ئي ڪوشش سان ڪلي ٿو!

بدي: بس، بند ڪر پنهنجو قيل قال؛ هاڻ ڏس منهنجي عاشق جو حال—

*   *   *

[نڪاءُ سان پردو قاتي ٿو. 'عماد' ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هو ويٺو شراب پئي، ۽ ڳائڻ واريون ويٺيون ڳائين.]

ڏيئي منهنجن عاشقن جي حالت؛ هاڻ ڏس پنهنجن خريدارن جي ذلت ۽ مصيبت—

نيڪي: ڀلي ڏس؛ پاڻيهي پڇاڙيءَ ۾ خبر پوندي ته آءٌ سچي يا تون سچي!

(نڪاءُ ٿئي ٿو، ۽ شاهه بانوءَ جي محلات جي درٻار نظر اچي ٿي.)

چوبدار: جلال همره، ڪمال همدم، جمال حاصل ۽ تاج برسر؛

پيونوڪر: زمانو حامي، فلڪ محافظ، جهان بندو، ستارو چاڪر؛

چوبدار: نصيب دربان، قضا نگهبان، قدر ثنا خوان، ۽ بخت ياور؛

پيونوڪر: بحر سخا جو؛ ڪر عطا جو، آپائي گوهر، وسائي نت زر؛

چوبدار : تجلو چمڪي ٿو نور جو هت، ٿو ڳيت هرڪو ڳڻن جا ڳائي؛

ڀيونوڪر : حضور ملڪ جي آهي تشريف، هر ڪو حاضر ڏو سر جهڪائي!

(گرگين، شفيق کي زنجيرن ۾ ٻڌل وٺي اچي ٿو.)

شاهه بانو : هو ڪمبخت باغي ڪٿي آهي؟

گرگين : حضور، هن پنهنجي ضد ۽ تڪبر آجا نه، ڇڏ يو آهي.

شاهه بانو : انهيءَ ضد ڪٿي کي منهنجي اڳيان آڻ. ڪنهن سان ٿو ضد ڪري – آنهيءَ زال سان، جا ڪاوڙ مهل سمنڊ وانگي ڀيٽي ڳجي! جي هو سنئين رستي تي نه ايندو، ته هن دنيا ۾ جيئري رهڻ جي اميد لاهي ڇڏي. ڪيئن شفيق، تنهن جو ڪهڙو حال آهي؟

شفيق : ڪهڙو حال آهي ؟ – جهرو شينهن جو لوهه جي پنجوڙ ۾ احوال آهي!

شاهه بانو : جو پنهنجي عزت آبرو ٿو وڃائين، ۽ ڏڪنگو رستو ڇڏي سنئين تي قدم نٿو آڻائين!

شفيق : دنيا ۾ سچو ۽ سنئون رستو فقط نيڪيءَ جو آهي، جو قبر جي دروازي مان نڪري، قيامت جي ميدان مان لنگهي وڃي بهشت جي در تي ٿو بيهي؛ باقي ٻيو سيڌڪو رستو، ڏڪا ڪارائي، ڪنڊن منجهان ڪهلائي، دوزخ جي غار ۾ وجهي، ڏکن ۽ عذابن جي جاندهه ۾ ٿو ٻيهي!

پروا نہ آهہ اج جي زمانو خلاف آهہ،
وٺندس آهائي واٽ، جا سيڌي ۽ صاف آهہ؛
جا آهن هي ڏک ۽ خوف بہ منهنجي نگاهہ ۾،
ويندس جي باڪ ٿي، تہ بہ نيڪيءَ جي راهہ ۾!

شاهہ بانو : آءٌ نٿي سمجهان تہ نيڪي ڪهڙي چيز آهي، جا ڏوکي ۽ تو جهڙن ٻين ڪن بيوقوفن کي اهڙي عزيز آهي!

شفيق : نيڪي هڪڙو پاڪ نُور آهي، جو انسان جي لاءِ نهايت ضرور آهي؛ نيڪي هڪڙو خدا جي هٿ جو جڙيل ڪوٽ آهي، جو شيطاني فوج مان وڙهڻ لاءِ انسان جي پناهہ ۽ اوٽ آهي.

شاهہ بانو : ديوانو ٿيو آهين!

شفيق : برابر، ديوانو آهيان، مگر شڪر آهي تہ حرص جو ٻانهو ۽ خدا کان بيگانو نہ آهيان؛ يا شيطان جو غلام، بيرحم تمام، خوني خون آشام، ۽ نمڪحرام نہ آهيان!

شاهہ بانو : بس ڪر، اي بدنام؛ منهنجي روبرو اهڙو بي ادبيءَ جو ڪلام؟

شفيق : آءٌ انهن ماڻهن مان نہ آهيان، جي ڪنهن جي پرپٺ گلا ڪندا آهن؛ آءٌ بهادر آهيان، ۽ بهادر هميشہ منهن تي ڏک هٽندا آهن ۽ وڙهندا آهن!

صاف دل ماڻهو آهي، سچ ٿيا چون جي صاف صاف،
آرسي جهڙيءَ طرح سچ چئي ٿي منهن تي صاف صاف!

گرگين : شفيق، جيڪڏهن تون ضد ڇڏي ڏيندين، تہ آءٌ ايمان سان تو چوان تہ ......

شفيق : ايمان! چپ ڪر، جنهن پاڪ شي جو ذڪر بہ تنهنجي ناپاڪ جُسي ۾ ڪوڙهي، تنهن جو نالو نہ وٺ. اوهين ٻئي، شيطان کان زياده، ايمان جا دشمن آهيو!

شاهہ بانو : بيشڪ آهيون، مگر اهو هن لاءِ جو اهو ايمان گرم کي سرد، مرد کي نامرد، ۽ ڳُنهي رت کي زرد ڪريو ڇڏي.

شفيق : جهڙيءَ طرح خداتعاليٰ جسم جي لاءِ جان جي شمع پيدا ڪئي آهي، تهڙيءَ طرح هن وري جان جي لاءِ ايمان جو ڏيو خلقيو آهي.

شاهہ بانو : پر جي آءٌ هونديس، تہ ضرور اهو ڏيو اُجهائينديس!

شفيق : تون ڇا اُجهائيندينءَ — جي ساريءَ دنيا ۾ شيطان جا ٻالڪا گڏجي ڪوشش ڪن، تہ بہ نہ اُجهائي سگهندينءَ — رحم ۽ انصاف جي روشني هميشہ جهان ۾ چمڪندي رهندي!

شاهہ بانو : شفيق، تو کي خبر ناهي تہ آءٌ ڪهڙي قسم جي زال آهيان!

شفيق : تو کي زال ڪير ٿو چوي؟ زال آها آهي، جنهن جي دل نرم هجي، جنهن ۾ حيا ۽ شرم هجي، جنهن ۾ سچائي هجي، اندر جي صفائي ۽ پارسائي هجي، جنهن ۾ ملائڪن جهڙي طبيعت ۽ حور جهڙي

پرهيزگاري ۽ وفائي هجي: تـوکي زال ڪير
چوندو؟ جيئن تو ويچاري معصوم شهزادي جو
حق دغا سان کسي ورتو آهي، تيئن زال جو ڏالو
به تو زبردستيءَ سان ڪٽي هٿ ڪيو آهي!

شاهه بانو: شفيق، پٽ: اهڙا اهڙا آهيان، جنهن جي
ساهه ڪڍڻ سان باهه جا آلا نڪرندا آهن؛ آءٌ
چڙيس، ته ساڙي ٻاري رکندي يسانءِ!

شفيق: اهڙن دڙڪن کان ڪين ڊڄي، آءٌ سچ ۽ انصاف جو
رستو نه ڇڏيندس!

منهنجي روحِ روانءَ سنجهان هي' قول سدا جاري آهه:
"جان پياري ناهي دنيا ۾، وفا پياري آهه!

گرگين: چريا، چو ٿو چانئي ٻجهي دنيا جي سک کان
بيزار ٿين: جي ضد ڇڏي ڪٽي هائو ڪرين، ته
جيڪر شاهي مهربانين سان دولت ۾ دنيادار
۽ عزت ۾ نامدار ٿين!

شفيق: مون کي اهڙي مهرباني درڪار ناهي. اي
حرص جا غلام، ياد رک هي ڪلام:
ڏينهن ٿورا آهه دولت جو خمار،
موت جي ترشي نشو لاهيندي، يار؛
جڏهن جنازو تنهنجو کڻندا دوستدار،
تڏهن مـلي هٿ چوندين پيو تون بار بار:
جا اڇي ڪيو مون، وڃان ٿو هاڻ لڏي،
هوم جيڪي، سو وڃان ٿو هٿ ڇڏي!

شاهه بانو: بس، بس، اهو پنهنجو وعظ چريـن ديوانن جي

لاءِ رکي ڇڏ، اصغر کي اسان جي حوالي ڪر، تاج جو تابعدار ٿي، نه، ته موت جي لاءِ تيار ٿي!

شفيق: ڇا، هن ويچاري معصوم شهزادي کي اوهان ڪاسائين جي هٿن ۾ ڏيان، ته وڃي کهوس؛ رحم ۽ انصاف جو خون ڪريان؛ تخت ۽ تاج جي لٽيندڙن کي تعظيم ڏيئي ممنون ڪريان؛ شيطان کي بهشت جو مالڪ ۽ وارث ڄاڻي، پنهنجو ايمان زبون ڪريان؟ نه نه، وفادار شفيق کان ائين ڪڏهن ڪين ٿيندو!

گرگين: مگر ائين ضرور ڪرڻو ٿيندو!

شفيق: ڇو؟

شاه بانو: اسان جو حڪم آهي!

شفيق: تنهنجو حڪم ڪو خدا جو حڪم نه آهي!

شاه بانو: آءٌ شاهي حڪم ٿي ڏيان!

شفيق: آءٌ تنهنجي شاهيءَ جو انڪار ٿو ڪريان!

ٿيِير تلوار تَبر نيزا ۽ خنجر ڪڙڪن،
زهر خون باه مصيبت پلي هر هر ڪڙڪن،
آبِمان وِج ڪڙڪيءِ ڏونگرمان جي پٿر ڪڙڪن،
ساريءَ دنيا جون بلائون ڪٺي برسر ڪڙڪن:
جيڪا پوڻي هجي، پئي رنج مصيبت مون تي،
پر جي ايمان ڇُري منهنجو، ته لعنت مون تي!

شاه بانو: ڏس، شفيق، ڏس، وري به ويچار ڪر؛ نه، ته پنهنجي جان نثار ڪر.

شفيق :

مصيبت جي ڏپ، موت جي هول کان،
بهادر ڦرن ڪينڪي قول کان؛
خدا نئي يا تون نہ پين، تہ جان آهي هڪ،
مگر ڳالهہ هڪ، ۽ زبان آهي هڪ!

شاهہ بانو : چڱو، تڏهن مون کي لعنت آهي، جي تو کي جيئرو ڇڏيان ... وڃي هن کي ماري، هن جي سسي ڪٽي اچو!

(شاهہ بانو اٿي ٿي.)

## پردو پيو
### گرگين خان جي جاءِ

گرگين : حيف اٿس، حيف اٿس، هزار حيف اٿس! لچو، ڪمينو، نالائق! منهنجي صلاح نہ ورتائين، وڃي هڪڙي غريب جي ڌيءَ سان شادي ڪيائين — غريب بہ اهڙو غريب، جنهن جي نالي وٺندي نفرت پيئي اچي؛ جنهن جي ذڪر ڪندي ڪرهت پيئي اچي!

سليم : بابا سائين!

گرگين : چو تو مٿو کائين؛ هڪڙي ڏوڙ پائين، پيو وري مون کي کپائين؛ منهنجو پٽ سڏائين، ۽ پنهنجو حڪم هلائين!

سليم : چو، اوهين منهنجا پيءُ ناهيو؟

گرگين : اڙي، تنهنجو ته پيءُ ناهيان، پر تنهنجي پيءُ جو به پيءُ ناهيان!

سليم : هان، منهنجي پيءُ جو پيءُ؟

گرگين : هائو، تنهنجي پيءُ جو پيءُ، تنهنجي ڏاڏي جو پيءُ، تنهنجي پڙڏاڏي، پڙ پڙ ڏاڏي جو پيءُ – ساري جڳ، جو پيءُ، پر تنهنجو پيءُ ناهيان!

سليم : چو، تڏهن آءٌ اوهان جو پٽ ناهيان؟

گرگين : مات ڪر، ڪرتاٽا، نه ڪو منهنجو پٽ، نه آءٌ ڪنهن جو پٽ!

سليم : بابا سائين، چو اهڙا خفي ۽ بيزار ٿيا آهيو؟

گرگين : خفي ۽ بيزار؟ اڙي، آهي ڪو، اچي هن لغور کي منهنجي گهر مان ڪڍي!

سليم : بيهو، سائين، بيهو، اهڙا رنج نه ٿيو، ٻڌايو ته سهي منهنجو قصور؟

گرگين : تنهنجو قصور اهو ته هڪڙي غريب جي ڌيءَ سان شادي ڪيئه، ۽ منهنجي صلاح نه ورتيئه! ناخلف، منهنجي اڇيءَ ڏاڙهيءَ جو به شرم نه آيئي، ڪيس جي بدران ڪارنهن لا ڏنئي . . . شرم، شرم!

سليم : انهيءَ ۾ ڪهڙو شرم ۽ حجاب آهي؛ چو، غريب ويچارو ڪو خراب آهي؟

گرگين : چو نه خراب آهي، بلڪ اهڙي بدناميءَ کان منهنجي دل ڪباب آهي.

مريم : سائين، غريبن اوهان جو ڇا وڃايو آهي، جو اوهان
کي انهن تي ايترو غصو آيو آهي؟

گرگين : بس، غريبن سان منهنجي اصل پوئي ڪين. جي
منهنجو وس پڄي، ته غريبن کي جيڪر ڇمڻ ئي
نه ڏيان! هيءَ دنيا اميرن ۽ دولتمندن جي جاءِ
آهي، نه فقيرن ۽ ڪنگالن جي : غريب اُگهڙين
ڍڪڻ وارا، غريب خيرات پنڻ وارا، غريب
سُڪي مانَي کائڻ وارا، غريب جُتين ڪٽڻ ۽
موچڙن کائڻ وارا!

مريم : بس، سائين، بس. اميرن کي دولت تي مغرور
ٿيڻ نه کپي. مُئي کان پوءِ امير ۽ فقير هڪ
جهڙو آهي. خدا جي اڳيان ٻئي هڪ جهڙا گندا
آهن، ٻئي خدا جا بندا آهن. چو، غريبن ۾
نيڪي ۽ پرهيزگاري ڪانهي؟ دين جي ڪري
غريب چڱا، ۽ دنيا جي ڪري امير چڱا.

گرگين : امير دين جا مالڪ، دنيا جا مالڪ؛ هِن جهان
جا مالڪ، هُن جهان جا مالڪ؛ مَڪين جا مالڪ،
مَڪان جا مالڪ؛ زمين جا مالڪ، زمان جا
مالڪ...

مريم : ڪيئن، اميرن جي قبرن تي نور ٿو وسي، ۽
غريبن جي قبر تي باهه ٿي وسي ڇا؛ يا اميرن
جي محلاتن تي سج ٿو چمڪي، ۽ غريبن جي
پونگين تي تارا ٿا چمڪن؟

گرگين : هاڻي بس ڪر، گهڻي بڪ بڪ نه ڪر؛ سون

سان مهاڏو نه اٽڪاءِ، منهنجي گهران نڪري
وڃ، وڃي ٻئي هنڌ ڇائي پاءِ!
مريم: سائين!
گرگين: ٻيو ڪيئن ٿي ڀانئين؟ هتان نڪر، نه ته موچڙا
ٿي کائين!
سليم: جناب!
گرگين: تون به نڪر، خانه خراب!
سليم: سائين، معاف ڪريو!
گرگين: ڇا ڪريان معاف؟ ڇيو اٿمئين صاف، نڪري
وڃو جي هجو اشراف!
سليم: چڱو، سائين، سلام.
گرگين: نڪو سلام، نڪو ڪلام؛ نڪرو، نڪرو!
(سليم ۽ مريم نڪري وڃن ٿا. زهره اچي ٿي.)
زهره: ميان، سليم آيو هو نه - ڪيڏي ويو؟
گرگين: سليم سلام ڪندو جنهم ۾ ويو!
زهره: خير گهرو، خدا سندس دشمنن کي آتي وجهي!
گرگين: هو ناخلف آهي، اسان کان بر طرف آهي.
زهره: هو اسان جي اکين جو نور آهي، اسان جي سيني
جو سُرور آهي.
گرگين: نه نه، هو مٽي جو سور آهي؛ هن جي مغز ۾
فساد ۽ فتور آهي؛ اهو هن جو وڏو قصور آهي،
انهيءَ ڪري مون انهيءَ رن ۽ آهر پنهي کي
پنهنجي گهران ڪڍي ڇڏيو. هاڻ آءٌ پنهنجي
ڀائٽي قادر کي پنهنجو پٽ ڪريان، ۽

پنهنجيءَ ملڪيت جو وارث ٿو ڪريان.

زهره: ميان، هي ڇا ٿا ڪريو- پرائو ڏڏورو منو، ۽ پنهنجو ڪٿو ٿا ڪريو! ٻڌو نہ اٿو تہ ”توڙي ڪو ماري ڀاڻ، تہ بہ پراوا پنهنجا نہ ٿين“؟

گرگين: ڇو، هو صالح ڇوڪر ناهي ڇا؟

زهره: صالح آهي ڪي ناصالح آهي- سنهن تي پيار، بغل ۾ ترار!

گرگين: سو ڪيئن؟

زهره: مون کي خاطري آهي تہ هن جي نيت بڇڙي آهي. جي اوهان کي شڪ هجي، تہ اهو لاهي سگهند يس؛ اتي جو اتي تماشو ڏيکاريندس، ۽ پنهنجيءَ ڳالهہ جي ثابتي ڏيندس.

گرگين: ڀلا ڏي.

زهره: هينئر اوهان جي ڀائٽي جي اچڻ جو وقت آهي. آءٌ وڃان ٿي. هو اچي ٿو. اوهين هن سان هيڏي هوڏي جون ڳالهيون ڪجو. لحظي کان پوءِ آءٌ ايندس. اوهين ڪوڙ ڪري اوچتو بيمار ٿي پئجو. آءٌ اوهان کي زور ڪري هلي کٽولي تي سمهاريندس. پوءِ سگهو ئي اوهان جي مرڻ جي خبر اٿاريندس. پوءِ پنهنجي ڀائٽي جا رنگ ڏسجو.

گرگين: چڱو ڀلا.

(زهره وڃي ٿي)

## پردو ٽيون

### عصمت بانؤ جي محلات

[عصمت، اصغر ۽ رفيق ويٺا آهن. گڏ جي ڳائين ٿا.]

سڀ گڏ: ساري جهان جو تون ئي پالڻهار — تون ئي پالڻهار، پالڻ هار ...

عصمت: ياخدا، خدا ڪرين، رحم ۽ ڪرم سدا، آهيون سڀ تو سندا بندا، ڪرين تون پال پلا.

سڀ: پالين تو پالين تون، سائين، نت تون سنڀالين، سائين، سڀ جو تون والي، سائين، نت تون سنڀالين سائين،

اصغر: امان ڪالهه سون ڪي ظفر خان ٿي چيو تہ ترار ڪانسواءِ بادشاهي جو ڪم هلي ڪين سگهندو.

عصمت: هائو ابا، سچ آهي، مگر ترار جي ڪري رعيت جو فقط ڪنڌ بادشاهہ جي اڳيان جهڪي ٿو، پر دل بلڪل نہ ٿي جهڪي. دل تڏهن فرمانبردار ٿئي ٿي جڏهن بادشاهہ رعيت تي اولاد وانگي رحم ۽ انصاف جي نظر ڪري ٿو ۽ رعيت پڻ وانگي بادشاهہ کي پيار ڪري ٿي.

اصغر: امان، آءٌ ڏاڍي رحم ۽ انصاف سان بادشاهي ڪندس.

عصمت: تہ ابا، تنهنجي بادشاهي کي ڪڏهن زوال نہ پهچندو. (اتي نوڪر اچي ٿو)

نوڪر : حضور، نواب گرگين خان جو صاحبزاد و عمادخان آيو آهي.

عصمت : چڱو، ڀلي آچي.

رفيق : آدا اصغر، جڏهن باد شاهه ٿيندين، تڏهن مون کي ڏهاڙي تنهنجي اڳيان ڪنڌ جهڪائي 'جهان پناهه' ۽ 'قبلا' سڏڻو ٿيندو، ۽ هٿ ٻڌي سلام ڪرڻو پوندو ؟

اصغر : نه نه، اهو ته نوڪرن جو ڪم آهي – پاڻ ڀائر وانگي آهيون !

رفيق : تڏهن ته مزو آهي. پر، هڪڙيءَ ڳالهه جو ضرور تڪرار ٿيندو !

اصغر : آها ڪهڙي ؟

رفيق : تخت تي ته رڳو تو کي ئي ويهڻو ٿيندو نه؟

اصغر : نه نه، اڌ تخت تي آءٌ ويهندس، ۽ اڌ تي تو کي وهاريندس.

رفيق : تڏهن ٺهيو، تڏهن آءٌ به تو سان گڏ باد شاهه سڏبس !

اصغر : واه واه – اصغر باد شاهه، رفيق باد شاهه !

(اصغر ۽ رفيق ڳائين ٿا –)

مانَ رهون گڏ هرجاءِ ري، گهمون ڦرون گذاريون ڏينهن سجايا،
ماڻهن کي فيض پڻ هردم رسايون، ري، ڪنهن کي ڪڏهن ڪين ستايون.
سخن اجايا، پنهنجا پرايا، سڀني جا رکون رايا،

خاوند، تون رڪجئين خوشي اسان کي، نيڪيءَ جا
ڪنداسين سعيا!

(ٻار نڪري وڃن ٿا. عماد اچي ٿو.)

عصمت: هڪڙي غريب معصوم جو حق دغا سان کسيو
ويو، ۽ انهيءَ کي لاوارث ڪري گهر مان ڪڍي
ڇڏيو ويو، هاڻي وري ڪئن آيو آهين؟

عماد: بيگم، آئين ڪيئن ٿيو آهي؟

عصمت: ائين: نه ٿيو آهي، ته ڇيو ڪيئن ٿيو آهي؟

عماد: پر ڪٿي قبول ڪجي ته ائين ٿيو آهي، ته به
سرڪاري حڪم ۽ اختيار جي اڳيان اسين ڇا
ڪري ٿا سگهون؟

عصمت: تڏهن تون سمجهين ٿو ته دنيا ۾ ڪوبه شريف
يا بهادر ڪونهي!

عماد: منهنجي نظر ۾ ته ائين ئي آهي.

عصمت: ائين نه آهي، گهڻا ئي آهن.

عماد: ڪهڙا؟

عصمت: ٻهرين، منهنجو گهر وارو.

عماد: شفيق خان هنن سان ٻچي سگهندو؟

عصمت: بيشڪ ٻچي سگهندو. آءٌ يقين سان ٿي چوان ته
جڏهن انهيءَ بهادر ترار کنئي، تڏهن باغين
کي ڀڄائي ڪڍندو، ۽ حقدارن کي حق وٺي
ڏيندو.

عماد: بيگم صاحبه، اوهين هن منڊيءَ کي سچاڻو ٿا؟
(ڏيکاري ٿو)

عصمت : (ڏسي) هائو، اِها منڊي منهنجي گهر واري جي آهي. انهيءَ سان تنهنجو ڪهڙو ڪم؟
عماد : ڪم اهو، ته آءٌ به راڻيءَ شاهه ٻانوءَ جو طرفدار آهيان. انهيءَ جي حڪم سان، راڻيءَ جي تاجپوشيءَ جو احوال ٻڌائڻ لاءِ آيو آهيان. پنهنجي سچائيءَ جي ثابتيءَ لاءِ، هيءَ منڊي نشاني ڪري آندي اٿم.
عصمت : يا خدا، جي منهنجي مڙس جهڙي ملائڪ تي به دولت ۽ لالچ جي جادوءَ جو اثر ٿيو، ته پڪ ڄاڻو ته هن ڪوڙي جهان ۾ انسان ذات مان ايمان نڪري ويو!
عماد : بس، هاڻ ته پڪ ٿيئه؟
عصمت : تون اهڙي ڳالهه ڪرڻ سان منهنجي گهر واري جي بيعزتي ٿو ڪرين: جي سچ هن اصغر جي آڻڻ لاءِ توکي موڪليو، ته هو منهنجو مڙس ناهي!
عماد : زال تي فرض آهي ته مڙس جو حڪم اکين سان مڃي، ۽ انهيءَ جي فرمانبردار رهي.
عصمت : سو تيستائين، جيستائين مڙس ايماندار ۽ وفادار رهي.
عماد : آءٌ نٿو سمجهان ته ٻئي جي پٽ لاءِ پنهنجي حياتي برباد ڪرڻ، ڪنهن مذهب يا قانون ۾ روا آهي.
عصمت : ائين نه چئو، ٻئي جو پٽ نه آهي، اسان جي جگر جو پارو آهي، اسان جي اکين جو تارو

آهي. هو اسان جي جان آهي، ۽ جي ضرور ٿيو ته جان به مٿس قربان آهي. ٺهيو، هاڻ ملاقات پوري ٿي؛ وڃي پنهنجي يار شفيق کي چؤ ته عصمت توکي مٺو سهسايو، ۽ ٻاڻ رن زال ٿي اڳتي نه هو منهنجو مڙس آهي، نه آءٌ سندس زال آهيان!

عماد: تڏهن اصغر جي ٻاڌهن ڏيڻ نٿا گهرو؟

عصمت: اڙي، تون ۽ تنهنجو شفيق ۽ ڏنهنجي راڻي پنهنجا سڀ طرفدار، گڏجي، مون سان جنگ ڪريو، ته اصغر جو ننهن به مون کان نيئي ڪين سگهندؤ!

عماد: ائين؟

عصمت: ائين!

جيسين هي روح باهم کان غيرت جي گرم آهه،
تيسين اکين تي البته دنيا جو شرم آهه؛
هر قوم جي چڱائيءَ لاءِ دين ڌرم آهه،
زالن جي نت اشرافت عصمت ۽ پرم آهه؛
سيني ۾ دل، ۽ دل ۾ خدا جو خيال آهه،
دنيا ۾ گرچ هاڻ عبادت جو ڪال آهه.

عماد: چڱو، پاڻيهي جلد معلوم ٿيندو ته ڪهڙي طرح زور زبردستيءَ سان اسين انهيءَ صغير شهزادي کي وٺي ٿا وڃون!

عصمت: هاڻ ماٺ ڪري هليو وڃ، نه ته بي آبرو ڪري ٿي ڪڍانءِ! جي اصغر کي وٺڻو اٿئي،

تہ پهرين گهر وڃي ماءُ-پيءُ کان ۽ يارن دوستن کان موڪلاءِ، پوءِ ڪنن دفن جو ڪپڙو وٺيو آءُ ۽ موت جي لاءِ تيار ٿيو آءُ، پوءِ اچي اصغر جي ٻانهن مون کان وٺ!

عماد: ڏسو، ستل شينهن کي نہ جاڳايو، اوڏها سان منهن نہ اٽڪايو، جبل سان متو نہ ٽڪرايو:
جيڪڏهن راڻيءَ شاهہ ٻانوءَ ۽ اصغر جي وچ ۾ ايندؤ، تہ پاڻ کي چيپاٽي مارينديؤ!
(اتي شفيق خان اچي ٿو.)

شفيق: دغاباز، اوهان مون کي ٺڳي ڪري قاسايو!

عماد! هان، شفيق آزاد گهمندو وتي!

شفيق: سُتي پٽي منهنجي منڊي لاهي، اچي منهنجيءَ زال کي ٿو ٺڳين؟

عماد: شفيق، ماٺ ڪر، نہ تہ پڇتائيندين. هڪڙي پيري شينهن جي چنبي سان نڪري ويو آهين، وري هٿ نہ ايندين ڇا؟

شفيق: ماٺ ڪري هليو وڃ، نہ تہ ڏڪا ڏياري ڏيو ڪيدانءِ!

عماد: ڏسجو ويٺا تہ ڪيئن نہ هن قلعي جي سرسر آڏامي ٿو ڏيئاڙ: جنهن قلعي سان پڇي نڪتو آهين، انهيءَ ۾ وري قيد ڪري زنجيرن ۾ نہ ٻڌايانءِ، تہ آءٌ گرگين خان جو پٽ عماد ناهيان!
(وڃي ٿي)

عصمت: (مڙس کي) سائين، مون کي معاف ڪجو، اڄ

اوهان جي نسبت ۾ مون کي بي اد بيءَ جهڙا لفظ ڳالهايا آهن.

شفيق: پياري عصمت، حرڪت ناهي: هن د غاباز جون ڪوڙيون ڳالهيون ٻڌي ڪاوڙي هوندي ين‌ءَ، تہ انهيءَ ۾ ڪهڙو عجب آهي.

عصمت: پر ٻڌايو تہ اوهين شاهہ بانوءَ جي قيد مان ڪيئن آزاد ٿيؤ؟

شفيق: منهنجي دوست سردار سهراب خان مون کي آزاد ڪرايو.

عصمت: پر هيئنر ضرور انهيءَ راڻيءَ جي فوج مڪڙن ۽ ماڪوڙين وانگي اسان جي قلعي کي وڪوڙي ويندي ۽ تنهنڪري اسان کي قلعي جي سنڀال ۽ اصغر جي حفاظت پوريءَ طرح ڪرڻ گهرجي.

شفيق: تون ڪوبہ ڊپ نہ ڪر، سهراب خان اسان کي پوري مدد ڏيڻ جو انجام ڪيو آهي.

عصمت: هن جي بہ مدد ڏ چڱي، پر اسان کي خدا جي مدد گهرجي ۽ اوهين بہ پنهنجي همت ڪجو، ۽ مون کان بہ جيڪا مردانگي ٿي سگهي سا ڪندي س.

شفيق:

آءٌ ڪندس جيڪي ڪري سگهندس بہ پنهنجي شان ۾،
ماري ايندس، يا تہ مرندس پاڻ آءٌ ميدان ۾!

# پرد و چوڏون

## گرگين خان جي جاء.

(قادر ۽ ڪريم اچن ٿا)

گرگين ڳائي ٿو:

پري پـــري پيالا مـــان پيان، پـيـاريـان.
مان تـــه تو تي جيان، تـوڪـي ڏهاڙي پيان،
تـوڪـي تـن ۾ وهاريـان، مان تـن مـن نثاريان
سندن سنياريان!
مـئـي نـوش ڪـرڏو ڪم نيڪ آهـه ڪـرڏو،
چــار ڏيـنـهـن آه زمـــانـــي ۾ جيـئـڻون،
ساري رات تو سان وهايان!

(ٿورو ترسي، شعر پڙهي ٿو.)

چاڙهي جيڪو چاهه مان پرپر پيالا لـعـل،
سو بزدل رستم جهڙو بـنـي چهرو تنهنجو لعل،
چاڙهيان مان، چاڙهيان مان، چاڙهيان مان، واهه... !

قادر: چاچا سائين، بندگي.

ڪريم: قبلا، منهنجو به نياز ٿئي.

گرگين: بابا، آءُ، پلي آئين. تنهنجي حياتي وڏي آهي؛
اڳهڻو تنهنجو ذڪر ٿي هليو.

قادر: چاچا، آءٌ جڏهن اچان، تـڏهن شراب نـوشـيءَ ۾

مشغول هوندا آهيو، اڄ به نشي ۾ مخمور ٿا ڏسجو.

گرگين: بابا، تون ننڍو آهين، شراب جي لذت جي توکي خبر ناهي:

زاهد پئي شراب، ته هيٺو ثواب هوئي،
دوزخ بهشت ۾ به سدا شل شراب هوئي!
سڀ ٿا چون شراب خراب ۽ حرام آهه،
ليڪن يقين ڄاڻ هي ڪوڙو ڪلام آهي!

(ماٺ ڪري، پنڪيون ڪائي ٿو. 'زهره' اچي ٿي.)

زهره: ميان، هي ڇا، هي ڇا! غضب ٿيو، قهر ٿيو – رنگ ڇو زرد ٿي ويو آهي! پيو ته خير آهي؟

گرگين: خبر ناهي؛ هاڏو ماندو ٿيندو وڃي، مٿو ڦرندو وڃي...

زهره: سائين، اها اوهان جي پراڻي بيماري وري آئي آهي. طبيب اڳي ئي ڏاڍهون ٿي ڪيون ته ڪنهن مهل وري اوچتي ايندي، ۽ نيٺ نهوڙي نيندي.

گرگين: طبيب جي ڳالهه سچي ٿي ڏسجي. منهنجو حال ڪونهي، وڃي ڪنهن وڪيل کي سڏي اچو ته قادر کي لکي پڙهي ورثو ڏيان.

(ڊرڪي ٿو.)

ڪريم: سائين، آءٌ وڃان؟

قادر: سيگهه ڪر، متان هن پڇڙي جو فيصلو ٿي وڃي،

۽ اسان جو ڪم رهجي ويو! هڪدم ڪو ٻيو نوڪر ڊوڙاءِ.

(ڪريم ٻاهر وڃي، وري اچي ٿو.)

گرگين: او الا... وڃان ٿو، سران ٿو... (مٿن وانگي پئجي رهي ٿو.)

زهره: (روئي) يا الله، آءٌ مري ويئس!

قادر: هاءِ هاءِ، چاچي، منهنجو ته دم نڪرڻ تي آهي!

ڪريم: هاءِ هاءِ، آءٌ ته جيئري ئي قبر ۾ آهيان!

زهره: گهوڙا، هاڻ ڪيئن ڪريان؟ — منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو!

ڪريم: سائين، پير مرد ويچارو ته گذر ڪري ويو؛ پر ملڪيت بابت لکائڻ تي گهريائين، سو ڪم ته رهجي ويو!

قادر: چاچي، بس خدا جي مرضي اِها هئي؛ هاڻ مرڻ وارو ته مري ويو، جدائيءَ جو داغ عمر تائين ڏيئي ويو. اوهان پڌو ٿي ته مون کي وارث ٿي ڪيائين، ۽ وڪيل تي گهرايائين: اوهين پڪ ڄاڻجو ته آءٌ اوهان کي پٽ وانگي سنڀاليندس، ۽ سليم کي به ڪين وساريندس؛ ليڪن هينئر ڪا تجويز ڪجي ته وڪيل جي اڳيان منهنجي ئي نالي وصيعت نامو لکجي، جيئن سڀ به مري ۽ لٺ به نه ڀڄي؛ لعل به لبي، پريت به رهجي اچي.

زهره: ابا، جيڪا تنهنجي مرضي؛ جيڪا تجويز تون

ڪرين، سا مون کي قبول آهي.

قادر: تڏهن، چاچي، هيئن ڪجي جو ڪريم کي چاچي جي جاءِ تي بيمار ڪري ٿا سمهاريون؛ هو، بيمارن وانگي سهڪي سهڪي، وڪيل جي اڳيان وصيت جيڪا چاچي ڪرڻ ٿي گهري سا لکائيندو وڃي.

ڪريم: هائو، سائين، اها تمام چڱي رٿ آهي؛ آءٌ خوشيءَ سان بيمار ٿيندس.

قادر: تڏهن هاڻ چاچي جو لاش ڪيڏي ٿاري پاسي ڪجي؟

ڪريم: ٻي ڪا ڪوٺي نہ هجي، تہ فلحال ڪٺي پاخاني ۾ رکونس؛ ڪم تہ ٿيايون، پوءِ بهتر بندوبست ڪنداسون.

(قادر ۽ ڪريم ٻڍي کي کڻي جڏي وري اچن ٿا. ڪريم، ٻڍي جي هنڌ تي ليٽي ٿو، تہ وڪيل اچي ٿو.)

وڪيل: سائين، اوهان مون کي گهرايو؟

قادر: وڪيل صاحب، منهنجو چاچو قريب‌المرگ آهي؛ وصيت ڪرڻ ٿو گهري.

وڪيل: (ڪريم کي) سائين، ٻيو تہ خير آهي؟

ڪريم: (ڪنجهي، آهستي) خير ڪونهي؛ آءٌ مرڻ تي آهيان؛ جيڪا وصيت ڪريان سا لکو، تہ پوءِ جهيڙو جهڳڙو نہ ٿئي ۽ انهيءَ تي عمل ٿئي.

وڪيل: حاضر. (ڪاغذ، مس ۽ قلم ڪڍي ٿو.) فرمايو.

(قادر ڪريم جي سيرانديءَ کان ويهي ٿو.)

ڪريم: (آهستي، قادر کي) سائين، هاڻ ڇا چوان؟

قادر : (آهستي، ڪريم کي) جيئن چوانءِ، تيئن لکاءِ.
ڪريم چڱو.
قادر : (آهستي) ’منهنجيءَ پراڻيءَ نوڪرياڻيءَ زهره کي ٻه هزار رپيا انعام.‘
ڪريم : هائو، وڪيل صاحب، لکو. منهنجي پراڻيءَ نوڪرياڻيءَ زهره کي چار هزار رپيا انعام.
قادر : (پاڻ تي) بسم الله ئي غلط — ٻن جا چار! نقد يا اڌار؟ (ڪريم کي، آهستي) ’۽ پنج هزار روپيا منهنجي نوڪر ڪريم کي انعام.‘
ڪريم : هائو، لکو : ۽ پنج هزار منهنجي ڀائٽئي قادر کي انعام.
قادر : اڙي، هي ڇا ٿو چئين، ڪمينا غلام!
ڪريم : بس، انهيءَ کان وڌيڪ هڪڙي ڪوڏي به حرام!
وڪيل : هائو، سائين، اڳتي.
ڪريم : (قادر کي) هاڻ، سائين، ٻيو ڇا لکايان؟
قادر : (آهستي) ڪمبخت، آءٌ ڇا ٿو چوان، ۽ تون ڇا ٿو لکائين؟
ڪريم : بس، جيڪي منهنجي دل ۾ ٿو اچي! تنهنجو تنهن ۾ ڇا هي؟
قادر : ڇو، اهو مال ڪو پڻهين جو آهي؟
ڪريم : جيڪي هٿ لڳو، سو برابر منهنجي پيءُ جو آهي! هائو، وڪيل صاحب، لکو.
وڪيل فرمايو.

ڪريم : لکو ته باقي جيڪي نقد روپيا آهن سي ، ۽ ٻيو جيڪا ٻني ۽ باغ ۽ وهٽ ۽ ڍوڙ ڍڳا آهن سي، سڀ منهنجي نمڪحلال بورچيءَ کي ملن، جنهن جو نالو 'ڪريم' آهي — اُنهيءَ جي ذالي لکو.

قادر : هان، هان، چاچا سائين ، هي ڇا ٿا ڪريو — ساري جائداد بورچيءَ کي ڏيئي ٿا ڇڏيو ! وڪيل صاحب، اهو وصيتنامو اسان کي منظور ناهي : چاچي جو هوش برابر ناهي، بيماريءَ ۾ وٺلي ٿو.

ڪريم : نه نه، سائين ، آءٌ پوري هوش ۾ آهيان، بلڪل هوش ۾ آهيان!

وڪيل : ته، جناب، آءٌ به ٿو پڇان ته پنهنجي سڀ ملڪيت هڪڙي بورچيءَ کي ڇو ٿا ڏيو؟

ڪريم : سائين، هن مون سان ڏاڍي رهائي آهي؛ مرڻ گهڙيءَ تائين مون سان وفادار رهيو آهي : مون کي هميشه چوندو هو ته آءٌ غريب آديان، ڪڏهن مون کي ڪو ايترو مال ڏجو جو آءٌ سائو ٿي پوان، سو ڀلي ته هو مون کي ياد پيو ڪري — سڀ انهيءَ جي نالي لکي ڇڏيو!

قادر : افسوس، مون ڇا ٿي ڪرڻ گهريو، ۽ ڇا ٿي پيو!

زهره : بابا، افسوس نه ڪر، جيڪي ٿئي سو ٺيڪ ڏي.

قادر : نه نه، تون ماٺ ڪر؛ هن ڪميني پنهنجو گهر وسايو آهي ، ۽ منهنجو گهر ڦٽايو ۽ ڦڙايو آهي!

زهره : ڇو، ٻڌو ڪين اٿئي ته جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي ؛ جهڙي نيت تهڙي مراد : جيڪو ٻئي جي

لاءِ ڪڏ ڪٽندو آهي، تنهن ۾ پاڻ پوندو آهي.
هي ڪلجڳ آهي - 'اِس هاٿ دي آس هاٿ لي'
ڪريم: هائو، وڪيل صاحب، - ۽ پنج هزار اوهين پنهنجي
نالي ۾ لکي ڇڏيو!
وڪيل: جناب، ايتري تڪليف جو ڇا ڪريو؟
ڪريم: جي، تڪليف جي هتي ڪهڙي ڳالهه آهي، هتي
تہ مفت جو مال آهي! دنيا ۾ ماڻهو هٿين خالي
آيو آهي، ۽ وري هتان هٿين خالي ويندو آهي؛
دين ايمان کان سواءِ ٻيو ڪي حاصل نہ آهي؛
جيڪي هٿ ڏيو، سو هٽي ملندو - ڏهہ دنيا،
ستر آخرت!
(اِتي گرگين خان ڪاهي اچي ٿو.)
گرگين: واہ، حاتم طائي، واہ! چڱيون سخائون ٿو
ڪرين!
ڪريم: (پنهنجي منهن) هيءُ شيطان وري ڪٿان پيدا
ٿيو؟
قادر: اڙي، هي چا - چاچو وري جيئرو ٿي پيو!
وڪيل: توبهہ، توبهہ، هي ڪهڙو واقعو آهي!
گرگين: نڪرو، نڪرو، سڀ منهنجي گهر مان نڪرو، نہ تہ
سيٺي کي بي‌آبرو ڪري موچڙا هڻيو ٿو ڪڍان!
(قادر کي ڌڪ هڻي ٿو. گڙٻڙ مچي ٿي. سڀ
نڪري وڃن ٿا.)

## ٻرڙو ٻهڄون

### جميل جو باغ

[جميل ۽ سندس چار ساهليون ويٺيون ڳائين.]

سهيليون: ونگ بهار جو آهي اڄ ڏسڻ وٽان!
ٽي بلبل ٻوليون اڄ ڪري، گل گل لاءِ پڪاري ٿي؛

جميل: ايءَ ڳت انهيءَ جي آهه، عجب، ڏسي هرڪو ٿئي ٿو خوش.

سهيليون: هارگلن جا ٿاهيون اڄ – پايون پايون، ري، هردم ٻايون، ري...

هڪڙي ساهيلي: واه واه!
ٻي ساهيلي: سبحان الله!
ٽي ساهيلي: ماشاء الله!

نشي بهار جي ۾ وڻ سڀ لڏن نڇن ٿا؛
مستيءَ مان پائي پاڪر هڪ ٻئي کي سي چمن ٿا.

چوٿين ساهيلي:

ڪوئل وڄائي ڍولڪ، بلبل تي راڳ ڳائي،
مڃري ۾ گل جي آڏو، هر هر ٿي سر جهڪائي.

جميل:

موتي آهن پنن تي، يا ماڪ جا ڦڙا هي،
نڪري ٿو گل مان د ونهون، ڪوهيرو آهي يا هي؟

پهرين ساهيلي :

گلرخ ۽ سروقامت، غنچ، دهن تون آهين،
سچ ٿي چوان، سراپا خود هڪ چمن تون آهين!

جميلہ :

تـو مون ۾ ڇا ڏٺو آهہ، جـو تون چمن سڏين ٿي؟
چرچا ۽ مسخريون اِج، چو مون سان تون ڪرين ٿي؟

ٻي ساهيلي : بيبي، هـيءَ سچ ٿي چوي : هن موسم بهار ۾ تنهنجو منهن اهڙو تہ گلزار آهـي ، جو بلبل توتان هزار جان سان نثار آهي!

چوٿين ساهيلي : هائو ڙي هائو، ــ انهيءَ گل ڪـي برابر ڪنهن بلبل جو انتظار آهي!

ٻي ساهيلي : جـتـي گل هـونـدا آهـن ، اُتـي بلبليون بـہ اڏامنديون ايندیون آهن!

پهرين ساهيلي : هائو، جتي ڪوئا هوندا آهن، اُتي ٻليون بہ ڊوڙنديون ايندیون آهن!

ٽين ساهيلي : پر، بيبي ، جـي ڪا بلبل ڪٿي آچي نڪري تہ انهيءَ کي ڪاوڙ ڪري ڀڄائي نہ ڇڏجو!

پهرين ساهيلي : پاڻ ڀيٽي ڏيکاري، پاڻ ڏي سڏجو!

ٻي ساهيلي : جڏهن اچـي ، تڏهن قاسائي ، ڀيٽي ۽ ڏورو وجهي، پنهنجن همنشينن سان ڪٽي گڏجو!

جميلہ : اج اوهان سان خير آهي؛ يا ڪو اوهان جي اندر ۾ غير آهي؟ جي مون کي وڏ يڪ ستائيندیون، تہ قسم آهي آءٌ روئي ڏيندس!

ٽين ساهيلي : پياري، تـو کي پنهنجو قدر ڪونهي، نـہ تـہ

جيڪر اِئين ڪين چوين :
پَري تون، حور تون، ۽ مشتري زهره لقا آهين،
ڪٿي آئينو ڏس منهن پنهنجو، تان چاٿين ته چا آهين!

جميله : نياڳيون، اوهان مان ڇو ڦاٿي آهيان؟ اڄ سيني مون کي ڇيڙائڻ جي پڙي ڪئي آهي ڇا؟

چوٿين ساهيلي : انهيءَ ۾ ڇا آهي : باغ ۾ دل خوش ڪرڻ لاءِ آيون آهيون؛ پاڻ به ٽيون کلون، ۽ توکي به ٽيون کلايون.

سهيليون : هلو اد يون اوهين سيگهه مان، ڪريون خوشيون باغ ۾،

اچي باغ ۾، ڪريون خوشيون باغ ۾ ......

هلو ناز سان ڳايو ساز سان، پير پري، نا دير ڪري ڪريون آت مزا.

جميله : دل پرپايون، چڪليون پايون، پير گسايون، ٺمريون ڳايون!

(اتي هڪڙي پاسي کان سرفراز ۽ فريد اچن ٿا.)

فريد : غريب نواز، گهران سودي تي نڪتو، ۽ هتي اچي ڪري پيو! هي زنانو باغ آهي؛ هتي مرد ماڻهوءَ جو اچڻ، اچي ڪپڙي تي داغ آهي. جي چوڪيدار ڏسندا، ته پورءِ گهٽن جا متا ڦسندا!

سرفراز : اڙي، تون چو تو دچين، ۽ دپ کان ڇڇين؟ ڏکا تنا آهيون؛ ٿورو آرام ڪنداسين، ڪنهن جو باغ متي تي ڪٽي ڪين ويندا سين. تون اتي

بيهه، آءٌ ورڻو ٿو اچان .

(ڦَٿاڪي جو ٺڪاءُ ٿئي ٿو . ساهيليون ڀڄن ٿيون .
جميله بيهوش ٿئي ٿي.)

ساهيليون : (اندران) ڀڄو، ڀڄو، ... شينهن آيو، شينهن آيو ...!

سرفراز : هاءِ هاءِ، گلاب جهڙو منهن ڪيئن نه ڊپ کان پيلو ٿي ويو!

فريد : اڙي، هي ڇا ٿيو؟

سرفراز : تون ڙي هتي ڇو آئين؟

فريد : اوهان جو تماشو ڏسڻ .

سرفراز : وڃ هليو، تنهنجي هتي ڪابه ضرورت ناهي .

فريد : هائو، سچ آهي - ڪباب ۾ هڏيءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

سرفراز : اڙي وڃ، نه ته انهيءَ دم ساه ٿو ڪڍائين!

فريد : حاضر جناب، آءٌ وڃان ٿو . (وڃي لڪي بيهي ٿو.)

سرفراز : (جميله وٽ اچي) آه، آه، پياري، تنهنجي ائم انتظاري .

جميله : (هوش ۾ اچي) اڙي نرگس، سوسن، شَبُوُ!... سُنيون، اوهين سڀ سون کي ڇڏي ڪيڏي ويئون ؟

سرفراز : پياري ڊڄ نه ؛ آهي سڀ اِتي هَڪيون آهن، پر شينهن جي ڊپ کان ڪٿي وڃي لڪيون آهن .

جميله : ڪيئن، سائين، شينهن کان منهنجي جان اوهان

بچائي؟
سرفراز: بچائڻ وارو قادر ذوالجلال آهي، انسان کي ڪهڙي مجال آهي؟
جميلہ: منهنجي بچائڻ ۾ اوهان کي ڪو زخم يا ايذاءُ تہ ڪونہ ٿيو؟
سرفراز: ٻاهر تہ ڪونہ ٿيو آهي، مگر اندر تہ گهڻوئي ڦٽجي پيو آهي!
[فريد: (پاسي تي) عشق جي اندر-سيا جو ٻهريون باب شروع ٿيو!]
جميلہ: سائين، اوهين ڪير آهيو؟
سرفراز: بيگم، آءٌ هڪڙو مسافر آهيان.
جميلہ: هتي ڪيئن آيؤ؟
[فريد: (پاسي تي) ٻانهن ڳولڻ آيو آهي!]
جميلہ: مون ڀانيو تہ ش ش ش ... شايد ...
[فريد: (پاسي تي) هائو، هائو- ش ... ش ... ش ... شادي ڪرڻ لاءِ آيو آهي!]
(ساهيليون اچن ٿيون، ۽ سرفراز هٽي بيهي ٿو.)
هڪڙي ساهيلي: واه، هت تہ ڪو تماشو لڳو پيو آهي!
ٻي ساهيلي: هيءُ سير جو ٻاءُ سوا سير ڪٿان آيو؟
ٽي ساهيلي: پياري، هي شخص ڪير آهي؟
جميلہ: ڪير؟ ڪٿي؟
چوٿين ساهيلي: اهو، جو توکي يا اسان کي ڏسي خوش ۽ سرهو پيو ڏسجي.
جميلہ: ڪٿي آهي؟ ڪهڙي پاسي آهي؟

پهرين ساهيلي : هيڏي، هيڏي ڏس.
جميل : او هيءَ ؟
ٻي ساهيلي : هائو، اهو.
جميل : اهو تہ آهو آهي، جنهن منهنجي جان ڊوڙي اچي بچائي!
ٽي ساهيلي : هان، تڏهن تہ توکي انهيءَ جي شڪرگذاري ڪرڻ گهرجي!
فريد : ويچاريءَ ڪئي پئي شڪرگذاري، جا اوهان جي آئي هن وساري.
چوٿين ساهيلي : اسان جي بيگم اهڙي احسان فراموش ڪين آهي؛ ضرور ڪئي هوندائين.
پهرين سهيلي : ڪئي هوندائين، تہ ڪو انعام بہ مليو هوندس!
ٻي ساهيلي : پياري، جيڪي مليو هجئي سو تہ ڏيکار.
جميل : اوهان مان ڇو اچي ڦاٿي آهيان؟ ڇو اجائي بڪ مچائي اٿو؟
ٽي ساهيلي : چڱو، ڀليو، هاڻ هلو تہ گهر هلون؛ گهڻو وقت لڳو آهي.
جميل : چڱو، هلو. (سرفراز کي) سائين، سلام.
سرفراز : بندگي.
هتي، سنگهيم پيي ڪينڪي، تان ويو آڏاسي گل هلي!
[فريد : (پنهنجي منهن)
رهجي ويا ڪانگن جا ٻچا، ۽ ويئي بلبل هلي!]
جميل : سائين، مون کي معاف ڪجو، آءٌ اوهان جي

پوري شڪرگذاري ڪري نہ سگهيس ۽ تڪڙ مان وري ويم.

سرفراز: انهيءَ جي حرڪت ڪانهي ۽ مگر خدا ڪري تہ شل آءٌ بہ نہ وسري وڃان!

جميل: اوهان جي مهرباني ڪڏهن وسرڻ جي ناهي.

پهرين ساهيلي: بيبي، تون تہ اتي جو اتي بيٺي آهين، پير بہ نٿي کڻين! (جميل هلي ٿي.)

سرفراز:

ڪهڙي چاندوڪي هئي، ڏس هاڻ ڪيئن ونداهہ ٿي!

فريد:

عاشقن جي شهر دل جي تي ڏکن جي ڪاهہ ٿي!

سرفراز: هل، هاڻ بڪ بڪ نہ ڪر.

جميل: (مُڙي بيهي) سائين، اوهان مون سان ٿي ڳالهايو ڇا؟

فريد: مار... هائو، مون ٿي چيو تہ چنڊ رات جو، ۽ سج صبح جو ڏسبو، مگر هي نوراني چهرو وري خبر ناهي تہ ڪڏهن پسبو؟

پهرين ساهيلي: واہ، وري بيهي رهين!

ٻي ساهيلي: ڏاڍي دير ٿي ويئي آهي؛ هلو نہ!

ٽين ساهيلي: ڀلا هتي ڇمڪ پهڻ بيٺل آهي، سو هتي لوهہ کي ڇڪيو وٺي!

چوٿين ساهيلي: ٺهيو ٺهيو، هاڻ هلءِ.

جميل: هلان ٿي...، هلان ٿي...، اوهان ڇو متو ڪاڙو آهي؟

سهيلون : هل ڙي پياري، هيڏي نہ بيهہ تون اڪيلي،
البيلي !
تنهنجي لڪن جي آبرو لاهي نہ ڪوئي، سهيلي، البيلي !
جميلہ : اوهان سان ڇو آهيان ڦاٽي، آهيان ڦاٽي، مون
کي نہ ستايو، آءٌ وڃان !
سهيلون : ڇو ٿي رسين تون، ڇڙين تون، اي پياري؟
جميلہ : مون کي نہ ستايو، آءٌ وڃان ...!
(سڀ وڃن ٿيون. سرفراز ۽ فريد بہ وڃن ٿا.)

## پرد و ڇهون

### لطيف جو گهر

[عمر ۽ لطيف ويٺا آهن.]

لطيف : (ڳائي ٿي)

مولا محبن سان ملائي، اندر کو آرام نہ آهي.
دل ٿي ڌڙڪي، ٻاهہ ٿي ڀڙڪي، اچي اچي
کو ڏينم دلاسو ...
ماري جدائي مون کي جاني، اچي سڄڻ، منهنجو
جهل تون پاسو ...
ڏڙن ٻلائون، لنگهن جفائون، ملي سڄڻ مون
نيٺ خلاصو ...

عمر : (ڳائي ٿو)

ڪريان، سڄڻ، جان توتي نثار !
ڪين گذاريان آءٌ تو ڌارا، هردم توکي ساريان،

راتيان ڏينهان، هيءَ دل منهنجي، اصل اصل تنهنجي،
تـــن مـــن ڌن جان تـــو کـــي ڏيـــان ........
ڇو نہ مون کـي تـون پنهنجي ڳلي تـي لائين ؛
ساهؤن آهين پياري ، دل جـان مٿان تـو واري ؛
ٻانهو تـُنهنجو دائـم آهه، تـو تـي نثار نت آهه :
مهرباني مون تي سڄڻ اڄ ڪئي تو آهي، ري ...

عمر : پياري لطيف، پـوءِ نيٺ پنهنجي وصال جو بہ ڪو بندوبست ٿيو يا نہ ؟

لطيف : اڃا تہ ڪونهي، خدا ڪري تـہ من ٿئي ؛ انهيءَ ڪانسواءِ پنهنجي تہ ڏاڍي ڏکي گذرندي !

(اتي فريد خان ٻاهران ڳالهائيندو تـو اچي . نوڪر ساڻ اٿس .)

فريد خان : خـدا جـو قـهـر_ هيڏو وڏو شهر ، ۽ منشي ڪونہ تو ملي سگهي !

لطيف : (عمر کي، پاسي تي) ٻڌين ٿو ؟ اسان کي هڪڙي منشيءَ جي گهٽي گهرج آهي؛ انهيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو بندوبست ٿيندو ؛ تہ تون منشيءَ جي جاءِ تـي نـوڪر بيهين_ پـوءِ پيا ملنداسين، ۽ مزا مائيندا سين !

عمر : ايئن تہ منهنجي خوشنصيبي !

لطيف : چڱو، تـڏهـن هاڻ تون وڃ ؛ ٻپهرن جو بيفڪرو وري اچجئين ؛ آهه پنهنجي ڪارباريءَ سان پورو بندوبست رکي ڇڏيندس .

(عمر وڃي ٿو.)

لطيف: (ڳائي ٿي)

آس منهنجي پوري ٿي، بخت ٿيو بالا!
برهه تنهنجو ڀاري، ڀاڻ لڳو ڪاري.
محبت پڻ تنهنجي ماري ويچاري؛
پرين پيارا، جيءَ جيارا،
دل ٿي ديواني، ڏسي چالا نرالا،
ڪيڏي پئي ڪشالا، اوپالا ......!

(فريد خان ۽ نوڪر اچن ٿا)

فريد خان: هڪ ڀن اخبارن ۾ اشتهار ڪرايو اٿم، ڍنڍورو گهرايو اٿم، ته به منشي ڪونه ٿو ملي.

نوڪر: نه سائين.

فريد خان: ڀرين ته بورچيءَ جي ڳولا ڪر - جتان هٿ اچي، آتان وٺي اچ.

نوڪر: (پنهنجي منهن) اسان جو رئيس به حيرت جهڙو ماڻهو آهي!

(فريد خان وڃي ٿو)

لطيف: (نوڪر کي) ڪهڙيءَ ڳڻتيءَ ۾ آهين؟

نوڪر: انهيءَ ڳڻتيءَ ۾ آهيان ته منشي ۽ بورچي ڪٿان آڻيان.

لطيف: آءُ ڏس ڏيانءِ؟

نوڪر: فرمايو.

لطيف: اڄ هتي اسان وٽ هڪڙو وڏو منشي پاڻيهي نوڪريءَ جي ڳولا ۾ اچڻو آهي.

نوڪر: سا اوهان کي ڪينئن خبر پيئي؟

لطيفہ : مون کي پنهنجي ساهيليءَ ٻڌايو آهي . جي هو پنهنجو نالو عمر سڏائي، تہ انهيءَ کي هڪدم ڪڍي رکجو — سمجهيئہ ؟

نوڪر : سمجهيم .

(اتي ڪريم اچي ٿو .)

ڪريم : (پنهنجي منهن) ماڻهو چوندا آهن تہ دنيا ٺڳيءَ مڪر سان، ۽ گيهہ کائجي شڪر سان : تورو ئي مڪر ڪيم، تہ عمر جو فڪر پرايم — سو چڙا ٻہ کاڌم، ۽ نوڪري بہ وڃايم؛ عزت بہ ويئي، دولت بہ ويئي — هاڻ اهڙي مڪر کان توبهہ ڪيم! هاڻي نمازي بنجان تہ چڱو آهي . نہ نہ، ائين بہ چڱو نہ آهي : ماڻهو چوندا تہ ڏانوائي نمازي آهي، تنهن ۾ ضرور ڪا دغابازي آهي، پر، مون ٻڌو آهي تہ هتي ڪنهن ماڻهوءَ جي گهرج آهي، ۽ هي هڪڙي امير ماڻهو جو گهر آهي . متا مونا هٽي، هيءَ پوشاڪ هٽ ڪئي اٿم؛ هينئر جيڪو مون کي ڏسندو، سو چوندو تہ هي ڪو وڏو مولوي يا مير منشي يا محرر آهي!

نوڪر : هي ڪير آهي؟ شايد اهو ئي شخص آهي، جنهن جي نالي بيبي لطيفہ تي ذڪر ڪيو . ميان، تنهنجو نالو؟

ڪريم : (پنهنجي منهن) ٻيلي ڪريم، جي پنهنجو سچو نالو ٻڌائيندين، تہ موچڙا کائيندين! (نوڪر کي) منهنجو نالو آهي عمر .

نوڪر : عمر تنهنجو نالو آهي، ته اچي هن ڪرسيءَ تي ويھ . مون کي اميد آهي ته جيڪو ڪم تنهنجي حوالي ڪبو، سو چڱيءَ طرح ڪري سگھندين .

ڪريم : بيشڪ، خدا جي مهرباني سان ۽ اوهان جي دعا سان .

نوڪر : صاحبزاديءَ تنهنجي سفارش ڪئي هئي.

ڪريم : منهنجي سفارش؟ اوهان جي صاحبزاديءَ ڪئي!

نوڪر : نه، منهنجي رئيس جي صاحبزادي، جا هن گھر جي مالڪ مختيار آهي .

ڪريم : هان، رئيس جي صاحبزادي! مون کي ته ڪين سڃاڻي، سفارش ڪيئن ڪئي هوندائين؟ ... هاڻ مون سهي ڪيو : اچڻ شرط منهنجي خوبصورت شڪل ڏٺي هوندائين، يا ڪٿي منهنجي هٿ جي رڌل ماني کاڌي هوندائين — ضرور اهو سبب هوندو !

نوڪر : پنجٽيھ روپيا پگھار ملندو .

ڪريم : هان، پنجٽيھ رپيا ! سچ ٿو چئين؟ ڏاڍو ڀهڙو استاد هو، ته به ارڙهن رپيا ملندا هئس؛ ۽ بابو گھڻو اڏاڙو، ته به ويھ رپيا ڪمائين — منهنجا سڄا پنجٽيھ؟ واه واه!

نوڪر : ۽ ماني رئيس سان گڏ پيو کائيندين .

ڪريم : صاحبزاديءَ جي سفارش، پنجٽيھ رپيا پگھار، ۽ رئيس سان گڏ ماني! يا الله، تنهنجا هزار شڪرانا . منهنجو سٺو نصيب جاڳيو آهي .

(ڪريم ڳائي ٿو)

چا مانُ مليو، چا شانُ مليو، شڪرانو ڪريان!
ڏيو راضي خدا، مليو مطلب مدعا؛
ڪريان راتيان ۽ ڏينهان مزا، ويئي هلي سڀ جزا ۽ سزا—
ويئي بُک جي بلا، ڏيو خير صلاح—
هاڻي آءٌ چوڙيان ۽ ماڻيان، هيڏي هوڏي تاڙيان—
هزارين ڪريان آن بان!

نوڪر: ڏس، هوءَ سامهون ڪوٺي تنهنجي لاءِ تيار ڪئي ويئي آهي.

ڪريم: منهنجي لاءِ، ... خلاصي ڪوٺي؟ پر اُتي ته نڪا هَندي نڪا ڏوئي، نه تڏو نه ٻهاري، نه چُلهو نه ڪاٺي!

نوڪر: اُتي گادي وڇايل آهي، ۽ قلم مس ڪاغذ موجود آهي.

ڪريم: قلم مس چا ڪبو؟ مون کي لکڻ پڙهڻ نٿو آچي. خدا بابي سائينءَ کي بهشت نصيب ڪري جو الف-بي سيکاري هٽائين، پر سا به وسري ويئي. پر، يارو، ٻڌاءِ ته سهي ته هتي کهڙو ڪم مون کي ڪرڻو ٿيندو؟

نوڪر: منشيءَ جو.

ڪريم: مار، هيءَ ته جٽ ٿي! هتي به پاڻنجي ٿو ته منهنجي لاءِ موچڙا پسيا رکيا آهن!

نوڪر: هاڻ تڏهن جي نوڪري گهرجيئي، ته هلي

هوڏي گاديءَ تي ويهه.
ڪريم: ڀلا، ٻاهران ٿيو ٿو آچان. (وڃي ٿو.)
نوڪر: هيءَ منشي تہ ڪين ٿو ڏسجي، ڪو بورچي ٿو ڏسجي!
(اِتي عمر اچي ٿو.)
عمر: سائين، مون ٻڌو آهي تہ هتي ڪنهن ماڻهوءَ جي گهرج آهي.
نوڪر: آهي، مگر پگهار گهڻو نہ ملندو.
عمر: جيڪي ڏيندا، سو مون کي منظور آهي.
نوڪر: کاڌي کان سواءِ، پنج روپيا ملندءِ
عمر: پنج رپيا! منشي اهڙا سهانگا ٿي ويا آهن ڇا؟ مزور بہ مهيني ۾ پندرهن رپيا ڪمائي ٿو— انهيءَ کان بہ پري ٿيس؟
نوڪر: فقط چئن ماڻهن جي ماني رڌڻي آهي.
عمر: فقط چئن ماڻهن جي ماني؟
نوڪر: هائو، رئيس ۽ سندس صاحبزادي، ٿيو آءٌ، ۽ چوٿون منشي.
عمر: ڪيئن، منشي اڳي ئي رکي ڇڏيو اٿوَ ڇا؟
نوڪر: هائو، انهيءَ کي رکيو اٿن.
عمر: تڏهن منهنجي لاءِ ڪهڙي جاءِ خالي آهي؟
نوڪر: بورچيءَ جي. چو تہ نوڪري ڪرڻي اٿيئي يا نہ؟ جي ڪرڻي اٿيئي تہ بسم الله، هل.
عمر: (پنهنجي منهن) هاڻ ڪيئن ڪريان؟ جيڪڏهن لطيف سان ملڻو اٿم، تہ پوءِ جيڪي چوَن سو

منظور آهي. (نوڪر کي) هائو، سائين، منظور
آهي.
ٻيو نوڪر: (اچي پهرئين نوڪر کي چوي ٿو) ادا،
صاحبزادي چاءِ تي گهري.
پهريون نوڪر: (عمر کي) اي، ٻڌين ٿو، صاحبزادي ۽
جي لاءِ چاءِ ٺاهڻي آهي!
عمر: ڀُڏا! سائين — زال جي لاءِ مڙس ٿو چاءِ ٺاهي!
پهريون نوڪر: تون نئون آيو آهين، بورچيخاني جو
واقف ناهين، تنهنڪري توکي چاءِ جو سڀ
سامان هتي گهرائي ٿو ڏيان. (ٻئي نوڪر کي)
ادا، وڃي چاءِ جو سامان ڪٺي آءُ — ڪيٽلي،
چُلهي، چائداني، وغيره.
ٻيو نوڪر: اهو ته آڻيان ٿو؛ پر رئيس هن خط جي
جواب لکڻ لاءِ حڪم ڪيو آهي.
پهريون نوڪر: چڱو، تون وڃ. (ٻيو نوڪر وڃي ٿو.)
(اتي ڪريم موٽي اچي ٿو).
ڪريم: هي ڪير آهي؟
پهريون نوڪر: اهو بورچي آهي، جو مون هينئر رکيو
آهي.
ڪريم: هان، بورچي! ڪهڙو بورچي؟ ساري جهان جي
بورچين کي ته آءُ سڃاڻان، هن کي اڄ تائين
ڪونه ڏٺو اٿم؟ ميان، هن کي ماني رڌڻ اچي
ٿي؛ هن کي مرچ مصالحي جي خبر پوندي آهي؛
يا ائين ڏ ڪٺي نوڪر رکيو اٿؤ س؟ چڱو، آءُ

پاڻ ٿو هن جو امتحان وٺان! اڙي، تون ڪنهن جو پٽ آهين؟

عمر: (پنهنجي منهن) هاڻي ڪهڙي بورچي جو نالو وٺان؟ (هن کي) منشي صاحب، آءٌ خميسي نانوائيءَ جو پٽ آهيان.

ڪريم: هان، اهو ته منهنجي پيءُ جو نالو آهي! آءٌ توکان تنهنجو نالو ٿو پڇان.

عمر: منهنجو نالو... ڪريم.

ڪريم: اڙي، هي ته وري خود منهنجو نالو آهي! چڱو، تون رهندو ڪٿي آهين؟

عمر: او، ڪوٽ واري چاڙهيءَ تي جيڪو پهريون نانوائيءَ جو دڪان آهي، اتي.

ڪريم: (پنهنجي منهن) اهو ته منهنجي پيءُ جي دوڪان جو پتو ڏئي — شايد هي سون کي سچائي ٿو، تنهنڪري ٿو ائين چوي. هاڻ هن کي ميلان! (هن کي) مگر پڌ، هي هڪڙي امير جو گهر آهي، جتي عمدا عمدا طعام رڌا ٿيندا، آءٌ پانيان ٿو ته توکي ماني رڌڻ نٿي اچي. چڱو، توکان ٿو پڇان ته چؤزي جو آبگوشت يا شوروو ڪيئن ٺاهبو آهي— جي سچو بورچي يا نانوائي هوندين، ته ضرور ڏسيندين — هاڻ سڀ حال کُلي پوندو.

عمر: منشي صاحب، مون ڪڏهن اهڙو عمدو کاڌو نه رڌو آهي؛ جڏهن ڪو ڪتي رڌڻو ٿيندو آهي؛ تڏهن ڪتابن مان ڏسي تيار ڪندو آهيان.

ڪريم: اهي ني ناهه تو ناهين؛ چو نٿو چوين ته آءٌ بورچي ناهيان!

عمر: منشي صاحب، پانئجي تو ته اوهان طعامن جا ڪتاب گهڻا مطالع ڪيا آهن.

ڪريم: هون، هون، هون... ڪتابن تورڙي پڙهڻ لڪڻ جي ڳالهه تان لهي وچ – آءٌ ته الف کي سيخ، ۽ بي کي پاٽ، ۽ جيم کي ڪيتلي سمجهند و آهيان! هاڻ پڌ ته توکي چوزي جي آبگوشت ناهڻ جو رستو سيکاريان: پهرين ته چوزي کي حلال ڪجي؛

عمر: اهو ته آءٌ به ڄاڻان ٿو.

ڪريم: بس، پوءِ گرم پاڻيءَ ۾ جوش ڏيئي، انهيءَ جا کنڀ پٽجن؛

عمر: اها به ته رواجي ڳالهه آهي.

ڪريم: پوءِ انهيءَ کي ڌوئي، ديگڙي ۾ پاڻي وجهي، چلهه تي رکجي، ۽ انهيءَ ۾ ڪڻي وجهجيس - بس، آبگوشت تيار!

عمر: پوءِ چا ڪبو؟

ڪريم: پوءِ ٿورو گرم مصالحو وجهڻ گهرجي.

نوڪر: (ڪلي) ڪيڏي شوروو، ڪيڏي آچار! جڏهن اهو جوڙيندي ين، تڏهن پاڻيهي معلوم ٿيندءِ!

ڪريم: پر امتحان ته وٺڻ ڏينم!

نوڪر: امتحان جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ها، منشي، تو هو خط پڙهي ڏٺو آهي يا نه؟ انهيءَ جو جواب

جلد لکي وٺ، جو رئيس گهريو آهي. (عمر کي) تون ويهي چاءِ تيار ڪر.

ڪريم : (پنهنجي منهن) هاڻ ڇا ڪريان — پنهنجيءَ قسمت کي روئان؟ عمر ۾ مون مڪتب جو منهن ڪونہ ڏٺو ۽ الف - بي پڙهيم، سا بہ وسري ويئي!

عمر : (پنهنجي منهن) هاڻي آءٌ ڇا ڪريان — هن چلهہ سان ڪهڙو ويهي متو هڻان! چاءِ تہ ڏينهن ۾ ڇهہ ڇهہ ڀيرا پيئندو آهيان، مگر رڌڻ پچائڻ نہ ڄاڻندو آهيان. خير، پاڻي تہ چلهہ تي رکان.

(عمر ڳائي ٿو)

قسمت جي ڏسي بازي، منهنجو مـن ٿئي ماندو!
جانب سان سـون نينهن اڙايـو، ڪهڙي سانگـي ؛
تنهنجي خاطر سوُر پيا ٿم سَهڻا —
اي سُهڻا، من مهڻا، اي پيارا...
من ڪا لهين سنڀال، مون تان لهي وبال،
جيءُ پيو جنجال، سگهو ڇٽان شال :
ٿيان واندو هيڪاندو، منهنجو من ٿئي ماندو!

ڪريم : (پنهنجي منهن) ائين تہ آءٌ بہ ڀڳو ٽٽو نالو لکي ويندس، مگر هن خط جو سڄو جواب ڪيئن لکندس؟ هي اکر آهن، يا ڪڪڙ جون ٽنگون آهن! (عمر کي) اڙي، ڏس، ٻاق

نڪرندي ٿـي وڃي؛ ڪيئنايءَ جو منهن تـہ بند
ڪر! ڪمبخت، بـورچي بنجي آيـو آهين، رڳو
چاءِ ئي ڏاهڻ نٿي اچيئي!
عمر: منشي صاحب، اوهين تہ سڀ ڪم ٿا چاڙهو.
ڪريم: هائو، مون تنهنجو مطلب سمجهيو آهي: تنهنجي
مراد آهي تہ آءٌ توکي چاءِ ٺاهي ڏيان! اڙي، ها،
توکي ڪي لکڻ ايندو آهي؟
عمر: هائو، سائين.
ڪريم: تڏهن تون مون کان بہ جلد لکي ويندين؟
عمر: هائو، آزمودو وٺي ڏسو.
ڪريم: چڱو ڀلا، ڏسون ـــ هن خط جـو جواب تـہ لکي
اچ، مگر اکر صفا هجن!
عمر: وينا ڏسو! (خط وٺي ويهي لکي ٿو.)
ڪريم: هـن ڪمبخت جا وڏا نصيب، جـو مون جهڙو
رحمدل ماڻهو هن کي مليو آهـي، نہ تـہ خبر
ناهي تہ جيڪر هن جو ڪهڙو حال ٿئي؛ ڀلي تہ
هي بہ پيو ياد ڪري!
عمر: وٺو، منشي صاحب، پنهنجي خط جو جواب.
۳ڪريم: شاباس، شاباس؛ برابر چڱو لکيو اٿيئي.
عمر: لکڻ پـڙهڻ تـہ اوهان جي مهربانـيءَ سان منهنجي
اڳيان ٻارن جي راند آهـي ـ اهڙا خط تہ جيڪر
آءٌ هزارين لکي وڃان!
ڪريم: آفرين، آفرين! هاڻ چاءِ بہ تيار آهي. هاڻ وڃي
پنهنجو ڏسالو ڪر؛ پـر پهرين صاحبزاديءَ جي

لاءِ چاءِ ڪٽي وڃ.

عمر: چڱو، ائين ٿو ڪريان؛ پر ڪيئن ڪٽي وڃان؟

ڪريم: بيعقل، تو کي چاءِ ڪٽي وڃڻ به نٿي اچي!
هن ترائي ۾ رکي، مٿان ڪپڙو وجهي، ڪٽي
وڃ – اُستاد بورچي ائين ڪندا آهن.

(ٻه نوڪر اچن ٿا.)

ڇڪڙو نوڪر: ڪيئن، چاءِ تيار آهي؟

عمر: هائو، سائين، تيار.

ٻيو نوڪر: ۽ خط جو جواب؟

ڪريم: اُهو به، سائين، تيار.

پهريون نوڪر: (ٻئي نوڪر کي) هي ترائي کڻي هل.

(هو کڻي ٿو، ۽ ٻئي وڃن ٿا).

عمر: سائين، آءٌ کڻي هلان؟ مون کي به وٺيو هلو.

پهريون نوڪر: تنهنجي ضرورت ڪانهي.

عمر: واه، هتي ته بورچيءَ جي ڪابه آبرو ڪانهي!

ڪريم: رفتي رفتي ٿي ويندي!

(عمر ڳائي ٿو)

لا ئي نينهن، نياڻي مون سان، مل شل جاني!
پيارو جاني، ري لا ثاني، مون جان جنهن تي واري،
جنهن تي واري،
تي نت پُر غم، تنهن کي هردم، دل ساري ٿي،
— دل ساري ٿي، دل ساري ٿي، دل ساري ٿي!

[پردو ڪري ٿو]

## پردو ستون

### قلعي جو تلهه

عصمت : يا خدا، يا خدا! هي خوفناڪ آواز ڪهڙا ٿا اچن؟ شاهي جنگ لڳي ويئي آهي! افسوس، هزارين زالون بيوه ٿينديون، ۽ هزارين ٻار ڇورا ٿيندا، ڪيترين جانيون مفت تلف ٿينديون، ۽ ڪيترا خانا ناحق خراب ٿيندا!

(اتي شفيق اچي ٿو.)

شفيق : پياري عصمت!

عصمت : ڪير؟ شفيق! افسوس، تنهنجي بيعزتي ٿي ... بس، مون کان پري ٿي!

شفيق : عصمت، تون مون تي ڪاوڙ ٿي ڪرين؟

عصمت : هائو، ڪاوڙ ڪريان ٿي، بلڪ حقارت ۽ نفرت ڪريان ٿي!

شفيق : انهيءَ جو سبب؟

عصمت : تون بزدل آهين، زال آهين، پر مڙس بنجي دنيا کي ٺڳيندو وتين! ڪيئن جنگ ۾ فتح ٿي؟

شفيق : افسوس، اسان شڪست کاڌي، ۽ اسان جي ساري فوج ٻڪرين وانگي ڪسي ويئي!

عصمت : تڏهن تون ڪيئن جيئرو رهئين - تو کي ته ميني کان اڳي مرڻ کپندو هو! جنگ جي ميدان مان

پڇي، پنهنجي بدقسمتيءَ جي شڪايت مون وٽ
ڪٽي آيو آهين؛ سوٽ سان مقابلي ڪرڻ جي
بدران ڏچي، منهنجي جهوليءَ ۾ لڪڻ آيو
آهين!

شفيق : يا خدا، هاڻ آءٌ هن کي ڪهڙو جواب ڏيان؟
پياري، آءٌ انهيءَ لاءِ آيو آهيان ته مرڻ کان اڳي
تنهنجي آخرين وفاداري آزمايان: آءٌ انهيءَ
ڪاڻ آيو آهيان، ... ته مرڻ کان اڳي تو کي
ماريان!

عصمت : چا، مالڪ پنهنجيءَ ٻانهيءَ کي ڏو آزمائي، ۽
مڙس پنهنجيءَ زال کي قتل ڪرڻ ڏو گهري؟
بسم الله، منهنجو سر حاضر آهي، خوشيءَ سان
منهنجي سسي لاهه؛ فرمانبرداريءَ جي ته اها
آزمائش آهي، هاڻ وفاداريءَ جي به آزمائش وٺ:
هيس اڳ به تنهنجي، اڃا آهيان تنهنجي،
ڪچان جي ذرو ڪي، ته تقصير منهنجي!
اچو، اڳي ڏيو، منهنجا مالڪ! سڀاڳي آهي اُها زال،
جا پنهنجو سر مڙس جي قدمن تي قربان ڪري!

شفيق : شاباس، آفرين! بيشڪ، نيڪبخت زال مڙس سان
انهيءَ طرح ايماندار ۽ وفادار ۽ فرمانبردار
رهندي آهي. پياري عصمت، آءٌ تو کي قتل ته
ضرور ڪندس، پر هٿ سان نه هڪڙيءَ رٿ سان.

عصمت : تنهنجو مطلب؟

شفيق : مطلب هي، ته اصغر کي وفادار نظام سان پڇائي

ڇڏيون، ۽ انهيءَ جي بدران، پنهنجي دل ڀهڻ ڪري، پنهنجو لخت جگر، نور نظر، رفيق، ظالم عماد جي هٿان ڪهائي ڇڏيون!

عصمت : هاءِ هاءِ، اوهين پيءُ ٿي هي ڇا ٿا چئو! آءٌ ماءُ ٿي، ڪيئن اِهو ڪم قبول ڪندي يس؟ افسوس، — منهنجا ٻچا، منهنجا رفيق!

شفيق : جي پٽ جي محبت مالڪ کان بيوفا ٿيڻ ٿي سيکاري، ته دنيا جي خوشي به آخرت جي خوشيءَ کي ٿي ٽاري. پياري عصمت، مون کي خوفناڪ پڇاڙيءَ جو خيال ٿو رهي: جيستائين ظالم عماد کي يقين نه ٿيندو ته سندس دشمن قتل ٿي ويو، تيستائين، اجا اصغر ڪٿي لڪي سگهي ٿو، مگر انهيءَ ظالم جي ترار لڪڻ جي ناهي!

عصمت : آءٌ زبان سان ته قبول ڪريان ٿي، مگر منهنجي دل نٿي قبول ڪري: آءٌ پاڻ راضي آهيان، مگر جگري اُلفت ۽ مادري محبت راضي نٿي ٿئي!

شفيق : اِها محبت وڃائي ڇڏ، اِها الفت اُڏائي ڇڏ: جنهن مرحوم بادشاهه جا احسان اسان تي لکين هزارين آهن، انهيءَ جي لعل تان پنهنجا سؤ پٽ هجن، ته اُهي به جيڪر قربان ڪري ڇڏجن!

عصمت : چڱو، جي اوهان جي اها مرضي آهي، ۽ خدا جي اِها خواهش آهي، ته آءٌ ساهه ڪَوڙو ڪري پنهنجي فرزند دلبند کي پنهنجي آڏو ذبح ڪرڻ لاءِ تيار آهيان!

آءٌ هٿي خنجر به کهند يس پنهنجي هن معصوم کي،
پوءِ ساريند يس بـ ويهي پنهنجي تنهن مظلوم کي !

شفيق : آفرين، منهنجي پياري وفادار عورت! هاڻ آءٌ هينئر جنگ ۾ خوشيءَ ۽ راحت جو موت مرندس، ۽ قيامت جي ڏينهن فخر ۽ عزت سان توڏي ورندس!

جيسين تائين هوش رهي، جسم رهي، جان رهي،
تيسين شل شرم ۽ ايمان رهي، ڏيان رهي!

عصمت : منهنجا مالڪ، اهو ماڻهو هميشه حيات آهي، جنهن کي ايمان ۽ محبت مدام آهي.

شفيق : منهنجي جان، هيءَ آخرين ملاقات آهي؛ هاڻ هن مسڪين جو سلام آهي.

(وڃي ٿو.)

عصمت : هاءِ هاءِ، منهنجي سيني ۾ آچنگارون ڏيو ڪير پيو روئي؟ او وفاداري پري ٿي، نڪري وڃ؛ او بيرحمي، برطرف ٿي ... پٽ جي محبت مون کي خدا ۽ مڙس کان بي ايمان بنائڻ ٿي گهري، ۽ وفاداريءَ جي وات کان ڦيرائڻ ٿي گهري؟ نه نه، آءٌ پٽ جي خون تي خوشيءَ سان پنهنجي وفاداريءَ جي مهر هڻند يس! ... اي زال ذات جي دل، همت جهل! اي بيرحمي، تون انهيءَ تي پهرو ڏي، ته ڊپ يا خوف اندر لنگهي ونس نه وڃي! ... او رات، تون اهڙي گهگهه اونداهي ڪر، جو جيڪي منهنجا هٿ

ڪن، سو منهنجون اکيون نہ ڏسن...!

(اتي نظام اچي ٿو.)

نظام: بيبي، ٻارن جي سنڀال رکجو، قلعي جو اولهہ وارو دروازو بہ فتح ٿي ويو!

عصمت: نظام، نظام، هڪڙو تہ نمڪحلاليءَ جو ڪم ڪر، ۽ وفاداري ڏيکار: اصغر کي کڻي، چور دريءَ مان پٺي وڃ - انهيءَ جي عيوض، آءٌ پنهنجي پياري پٽ رفيق کي قربان ڪنديس.

نظام: پر، بيبي، اهو ڪيئن ٿي سگهندو؛ دشمن سڃاڻي وٺندا.

عصمت: ڪڏهن نہ. اصغر ۽ رفيق عمر ۾ هڪ جيڏا آهن، ڪو ٿورو فرق آهي؛ ڪنهن کي شڪ ڪونہ پوندو؛ هاڻ دير نہ ڪر، وقت تنگ آهي - اصغر کي جلد وٺي وڃ.

اصغر: امان جان، تون مون کي ڪٿي ٿي موڪلين؟

عصمت: بابا، اتي، جتي دشمن کان جان جي امان آهي.

اصغر: (روئي) نہ، امان، آءٌ ڪيڏي ڪين ويندس. امان، ڇو تنهنجيءَ دل مان منهنجي محبت نڪري ويئي آهي، ۽ مون تي قياس ڪونہ ٿو اچيئي جو پاڙون پري ٿي ڪرين!

عصمت: هاءِ هاءِ، هاڻ ڪيئن هن کي سمجهايان، ۽ دل چيري پنهنجا داغ ڏيکاريان! اصغر، ٻچ ٻچ، ڪاسائي تنهنجي ڪهڻ لاءِ اچن ٿا؛ دوزخ جا ڪتا توکي شڪار ڪرڻ جي لاءِ اچن ٿا!

اصغر : نہ نہ، امان، آءٌ ڪونہ ويندس!

عصمت : اصغر، خدا کي پرتين.

(نظام اصغر کي ونئي وڃي ٿو. عصمت بيهوش ٿي ڪري پوي ٿي. رفيق حيران ٿي بيهي ٿو.)

رفيق : امان، او امان! (روئي ٿو) يا الله، امان کي ڇا ٿيو! امان، او منهنجي پياري امان...!

عصمت : (اوچتو، ڇرڪ پري) رفيق، منهنجو لعل! منهنجو پيارو پٽ! .پر... نياڻا، پري ٿي — تون منهنجو پٽ ناهين!

رفيق : امان، هي ڇا ٿي چوين — آءٌ تنهنجو ننڍڙو پيارو پٽ آهيان؟

عصمت : هائو، هائو، امان صدقي، تون منهنجو جگر، منهنجو جيرو، رفيق آهين. آءٌ، اچي سون کي ڀاڪر پاءِ، منهنجيءَ ڇاتيءَ سان لڳ. ابا، مون توکي ڏاڍي ناز سان پاليو، ڏاڍي لاڏ سان سنڀاليو. تون منهنجو ٻچو، سچ سچو... پر ڪنهنجو ٻچو، ڇا جو ٻچو؟... ٻچو! شيطان ٻنجي، منهنجو ايمان ڪسڻ آيو آهي! نڪر، نڪر، پري ٿي، توکي پيار ڪرڻ اجايو... سون ڪڏهن ڪو پٽ ڄڻيو هو؟ منهنجي اونداهيءَ واري گهر ۾ ڪڏهن ڪو سوجهري جي لاءِ ڏيو هو؟... نڪر، نڪر!

رفيق : (ڀاڪر پائي) امڙ، امڙ، ڇا ٿي چوڻ؟ تنهنجو هوش برابر نٿو ڏسجي!

عصمت : پري تي ، پري تي ، — آءٌ ديواني ٿي آهيان ، خونڻ ٿي آهيان، ڏائڻ ٿي آهيان ، نانگڻ ٿي آهيان ...!

رفيق : (روئي) گهوڙا! ... امان، تون ڇا ٿي چوين!

عصمت : افسوس، اي ڪوڙي دنيا! ڪهڙي مذهب ۾ روا آهي ، ڪهڙي قانون جو حڪم آهي، ته ڪنهن جي پٽ لاءِ پنهنجي پٽ جو رت وهائجي؟

(اٿي، اندران هڪ شيشي پٽ کي سنگهائڻ جي لاءِ کڻي ٿي اچي.)

هاڻ آءٌ، رفيق، هيڏي آءٌ.

رفيق : هيءَ ڇا آهي؟

عصمت : بيهوشيءَ جي دوا!

رفيق : ڇا ڪبي؟

عصمت : توکي سنگهائيندي س، ته بيهوش ٿين، ۽ متان مرڻ مهل تڪليف نه ٿئيئي.

رفيق : آءُ ان ائين، نه چؤ.

عصمت : ڇوڪرا، توکي ضرور سنگهڻو ٿيندو ،...... توکي ضرور مرڻو ٿيندو!

رفيق : (گوڏا کوڙي، هٿ ٻڌي) امان، رحم ڪر ، رحم ڪر! (زور ڪري سنگهائيس ٿي، ۽ هو بيهوش ٿي اڳيانئس پئجي رهي ٿو.)

عصمت : سمهي رهيو! بلڪل بيهوش ۽ خاموش آهي! (منهن مٿي ڪري) اي دنيا جا سک ۽ آرام ، وڃ وڃ ، وڃي بهشت وساءِ ۽ حورن ۽ ملائڪن

ڪي مزا ماڻاءِ، اتي جيڪڏهن ڪن اوليائن ۽ بزرگن جي پاڪ روحن سان تنهنجي ملاقات ٿئي، ته انهن کي منهنجي مصيبت بيان ڪري ٻڌائجئين . اي منهنجي سخت دل، اي منهنجون بي نُور اکيون، جي آءٌ لاچار ۽ مجبور آهيان، ته من اوهان کان ايترو ٿئي جو رحم جا ٻه ڳوڙها ڳاڙيو! پيارا ٻچڙا، رفيق، ڇو تون اهڙو جلد پنهنجيءَ ماءُ کان رنج ٿي رُٺو آهين؟ هميشه جي لاءِ سمهي رهين ڪيئن؟ جاڳ، جاڳ، هڪڙو ڀيرو ته ڳالهاءِ ـ فقط هڪڙو ڀيرو پنهنجي مِٺي ٻولي ٻڌاءِ! (اتي ڦٽاڪي جهڙو ٺڪاءُ ٿئي ٿو.) يا خدا، هيءُ ٺڪاءُ ڇاجو، ۽ اوچتو پٽ مان دروازو ڪيئن ٿي پيو؟ افسوس، دشمن اچي پهتو!

(عماد ۽ حيدر اچن ٿا.)

عماد: فتح، فتح ... مراد حاصل، مطلب واصل!

عصمت: اي سنگدل، بيحيا، تون ڪير آهين؟

عماد: ڪير آهيان؟ عمادالملڪ، جنگ بهادر، خلق جي عزت لاءِ ملڪ جو امن!

عصمت: يا خلق جي ذلّت ۽ ملڪ جو دشمن!

عماد: جي اهو اصغر نه ڏيندينءَ، ته برابر تنهنجي ذلت ۽ تنهنجو دشمن ٿيندس.

عصمت: اڙي، تون ڇا آهين، جي ساريءَ دنيا جا شطانزادا گڏجي ايندا، ته به اصغر نه ڏيئي

سگهندا!

عماد: صبر ڪر، ڪمبخت زال! حيدر، هيڏي آءٌ؛ هن کي پڪڙ ۽ چابڪ هڻينس!

عصمت: چابڪ ڇو هڻين، جي موت مارين، ته به آءٌ ڪڏهن نه ڏيندي يس!

عماد: موت مون کان زياده بيرحم ناهي. حيدر، سگهو ٿي ءٌ. ماٺ ڪري ڇو بيٺو آهين، منهنجو حڪم نٿو پڙ ين!

حيدر: سائين، حيا ۽ اشرافت مون کي اوهان جو حڪم پڙڻ نٿي ڏئي!

عماد: نامرد، بزدل، هيءَ ڪهڙي بي همتي تو ڏيکارين؟

حيدر: معاف ڪجو، نامرد ۽ بزدل آهو آهي، جو مرد ٿي هڪڙيءَ ضعيف ڪمزور اشراف زال تي هٿ سنئون ڪري!

عماد: لعين، دغاباز، نمڪحرام...!

حيدر: سائين، ڏسو، آءٌ نمڪحرام ناهيان؛ مون اڄ تائين اوهان جي پگهر تي پنهنجو رت وهايو آهي، مون پنهنجن ٻن نوجوان پٽن کي اوهان جي لاءِ قتل ڪرايو آهي، ليڪن هتي لاچار آهيان: هيءَ هٿ زال جي برخلاف نه، مگر مڙس جي برخلاف کڻڻ لاءِ تيار آهيان!

عماد: تڏهن تون منهنجو حڪم ڪين مڃيندين؟

حيدر: جيڪو اشراف ۽ بهادر سپاهي هوندو، سو مرڻ کاڻ مري ويندو، مگر ضعيف زال کي ڪڏهن

ايذاءَ نہ پهچائيندو !

عماد : چپ ڪر، بي اثر ! هٽيئن ٿـو تپاچو، ۽ ڏارئين ٿو سر !

(تپاچو ڪڍي ٿو.)

عصمت : اڙي ظالم، اهو آئينو نہ پيچ، جو توکي پنهنجي اصلي سچي صورت ڏيکاري ٿو !

(اوچتو ٺڪاءُ ٿئي ٿو. حيدر ڪري پوي ٿو. شفيق اندر ڪاهي ٿـو اچي.)

عماد : هي ڪير؟ — منهنجو شڪار !

عصمت : منهنجا پيارا شفيق !

شفيق : مصيبتن جي طوفان ۽ آفتن جي سامان ۾ تہ ننڍي هوندي کان وٺي جوانيءَ تائين پئي مون گذاريو آهي، هاڻ پيڌاپي ۾ بہ انهن اچي منهن ڏيکاريو آهي ؛ پر

سَر تہ دنيا وڃي عقبا جي طلبگاريءَ ۾،
سر وڃي تان وڃي، وه واه، وفاداريءَ ۾ !

عماد : اي باغي نابڪار، هيترو خراب ۽ خوار ٿيو آهين، تہ بہ اجا آخرت جو طلبگار ۽ حق جو وفادار آهين؟

شفيق : وفاداري سچو مذهب ۽ پاڪ ايمان آهي ؛ وفاداريءَ تي زال ۽ ٻار ٻچو سڀ قربان آهي !

عماد : اي بيعقل شفيق، اجائي بڪ نہ ڪر ؛ حياتي ۽ اصغر — انهن ٻنهي مان جيڪا شي زياده پياري

هجيئي، ما پنهنجي لاءِ پسند ڪر.

شفيق : خوني ڪتا، سون کي اُصغر زياده پيارو آهي؛ ساهه ويو ته حرڪت ناهي، آهو اصل آڌارو آهي.

عماد : تون موت کان اصل نٿو ڏڄين چا!

شفقيق : سپاهي ته موت کي راند سمجهندا آهن!

عماد : ته وٺ موت، پنهنجو شڪار...

(ٺڪاءُ ٿئي ٿو، ۽ شفيق ڪِري مري پوي ٿو.)

شفيق : يا خدا، حق ادا!

عصمت : گهوڙا گهوڙا! ڪمبخت ظالم، هي تو چا ڪيو؛ شل خدا جي تو تي مار پوي، تو هي ڪهڙو قهر برپا ڪيو!

عماد : صبر ڪر، اي ڪمبخت زال : اصغر نه ڏنئي، ته چاڻ ته تو پاڻ کي به مڙس وانگي فنا ڪيو!

عصمت : يا خدا!

تاج سر جو تان ڪريو هاڻ گود پڻ خالي ڪريان،
۽ هٿن پنهنجن سان پنهنجي گهر جي پامالي ڪريان!

عماد : چؤ، اي نياڳي زال، چا ٿي چوين — اصغر، يا موت؟

عصمت : وڃ، خوني ڪتا، اجهو تنهنجو لقمو پيو آهي، وڃي سور ڪرينس — وٺيئي ته ڪهينس، وڍيئي ته پرزا ڪرينس! يا خدا،

تون باهه ۾ غضب جي پنهنجي جلاءِ هن کي،
قدرت سان پنهنجي قادر تون رستي لاءِ هڻ کي!

(مٿانئس تپاچو پري بيهي ٿو.)

عماد : اِهو، — اِهو آهي منهنجي بهاد ريءَ جو ميوو!

عصمت : يا خدا، هي خون آءُ ڪهڙين اکين سان ڏسي سگهند يس! ساريءَ دنيا جي مصيبت فقط اسان جي لاءِ آهي ڇا؟

منهنجو گهر آهي هي، يا ڪربلا آهه،
جو نازل ان ۾ هي هر بلا آهه!

[ڊراپ سين]

————

# باب ٻيو

## پردو ڇهريون

### جهنگل

[سپاهي اصغر جي ڳولا ۾ نڪتا آهن.]

ڇهريون : اڙي اصغر، سڱهو ليئي پؤ؛ تو ته اسان کي حيران ڪري ڇڏيو آهي!

ٻيو : اس ۾ رلي رلي، منهن ئي ڪارو ٿي پيو آهي!

ڇهريون : هي رستو ڏس ته کهڙو نه مشڪل گذار آهي!

ٻيو : جي هيٺ هلون،

ڇهريون : ته سامهون اڳيان ان ۾ غار آهي؛

ٻيو : جي هون لڙون،

ڇهريون : ته چار طرف ڪوهسار آهي؛

ٻيو : جي گهر هلون،

ڇهريون : ته چاڙ ته ٻيڙو ئي پار آهي!

ٽيو : جي هر طرف ٽيو خوف خطر، ڪيئن ٿئي گذر؟

چوٿون : منهنجي ته هيءَ صلاح آڌي يارو، سوٽون گهر!

ڇهريون : هيءَ يار گهر هلڻ لاءِ تيار ٿيو آهي، پاڻئجي تو ته پنهنجيءَ حياتيءَ کان بيزار ٿيو آهي؛ اڳيان

راڻي شاهہ بانو نٿي سجهيس، سسي لاهي وجهيس!
چوٿون : ادا، جي شهزادي اصغر ڪي هيستائين نہ لڌو اٿئون، تہ هن ڪان پوءِ وري ڪٿان لهنداسونس؟
مفت ڪو شينهن يا بگهڙ نہ ڪائي رکيئون!
پهريون : تون تہ ڪو ڏچڙو ٿو ڏسجين!
چوٿون : ۽ تون تہ وڏو رستم پهلوان آهين!
پهريون : بيشڪ، اسين خانداني بهادر آهيون!
چوٿون : هائو، برابر فردوسيءَ شاهنامي ۾ تنهنجو بيان ڏنو آهي!
ٽيو : اڙي، اوهين اصغر شاهزادي کي گولڻ نڪتا آهيو، يا ڌ مڇر مچائڻ؟
پيو : بس، تہ تڏهن اڳتي هلو.
پهريون : وک کڻو، ڊوڙ پايو.
سڀ : يارو، ڪيستائين پيا رلنداسين ...؟

## پردو پيو
### شاهي محلات

[راڻي شاهہ بانو، سهراب خان ۽ گرگين خان ويٺا آهن.]
شاهہ بانو : چالاڪ عصمت، اصغر جي طرفداريءَ جو بهانو ڪري، سگهوئي اسان جي ملڪ تي حملو ڪرڻ تي گهري؛ تنهنڪري آءٌ اوهان ۽ گرگين خان سان صلاح ڪرڻ ٿي گهران. اوهين ٿـهرايـل

وقت تي اچي، مون کي پوري ۽ نيڪ صلاح ڏجو.

سهراب: اي ملڪه عالم، هن ڪوڙيءَ ۽ دغاباز دنيا ۾، پيءُ پٽ جي، ڀيڻ ڀاءُ جي، ۽ زال مڙس جي، سسي لاهي خوش ٿين ٿا — آءٌ ايماندار ۽ وفادار ٿيڻ جو انجام ڪندس، تہ ڪنهن کي يقين ايندو؟ پر، آءٌ ڪير آهيان، ڇا آهيان، ۽ پنهنجي مرضيءَ سان جيڪي ڪرڻ ٿو گهران، سو سڀهو ئي معلوم ٿيندو.

شاهه بانو: چڱو، اوهين وڃو؛ آءٌ هاڻي انهيءَ ڏينهن جي انتظار ۾ رهندي آهيان.

(سهراب وڃي ٿو.)

(گرگين سان) آءٌ جڏهن هي خيال تي ڪريان تہ عصمت چالاڪي ڪري، اسان جي اکين ۾ مٽي وجهي، اصغر کي بچائي لڪائي ڇڏيو. تڏهن منهنجو رت ڏاڍو جوش ٿو کائي!

گرگين: ملڪه، اوهين بيفڪر رهو، اصغر هاڻ ٿورن ڏينهن کان وڌيڪ جي نہ سگهندو: انهيءَ جي هٿ ڪرڻ جي لاءِ پورو بندوبست رکيو ويو آهي؛ انهيءَ جي تلاش ۾ لشڪر جون ٽُلنگيون هر طرف موڪليون ويئون آهن.

شاهه بانو: جيڪڏهن انهيءَ ڇوڪر جو خاتمو تي وڃي، تہ پوءِ سو جيڪر اسين ۽ اوهين هن دنيا ۾ ڏاڍيءَ خوشيءَ ۽ فرحت سان گذاريون.

گرگين : انشاء الله، ڏنو ويندو.

شاهه بانو : دلو ته هاڻ هلي جانچ ڪريون ته اصغر جو ڪو پتو پيو يا نه.

(شاهه بانو ۽ گرگين خان وڃن ٿا، ته سهراب اچي ٿو.)

سهراب : اي خوني غاصبو ۽ لعنتي ظالمو، ڪيئن نه مزي سان کلندا وڃو ٿا! اوهين هميشه انهيءَ طرح کلندا رهندؤ ڇا؟ انهيءَ طرح مزا ماڻيندا رهندؤ ڇا؟ نه نه، هرگز نه: اوهان جي خوشي غم سان، اوهان جي کل ماتم سان، ۽ اوهان جو پنهنجو ناهيل هوائي بهشت سچي پچي دوزخ سان نه مٽائي ڇڏيان، ته آءٌ سهراب ناهيان! اوهان منهنجي غريب دوست شفيق تي ۽ ان جي ويچاريءَ بيگناهه زال ۽ معصوم پٽڙي تي جيڪي ظلم ڪيا آهن، سي ڪي مون کي وسري ويا آهن ڇا؟ اي غافلو، اي گمراهو، اوهين ڄاڻيون ٿا ته سهراب خان رڳو عهدي ۽ پگهار جي لاءِ اوهان سان شامل آهي؟ پر، اي عقل جا انڌؤ، اوهان کي خبر نٿي پوي ته هو اوهان کان انهن ظلمن جو پورو پورو وير وٺندو!

## ڊرد و ڏيو

### جميله جي جاءِ

[فريد خان ۽ اسحاق خان ويٺا آهن.]

فريد : بيهه، پهرين آءٌ ويندس.

اسحاق : نه، ڀهرين آءٌ ويندس.
فريد : ڏس، ڀهرين آءٌ آيس نه؟
اسحاق : نه، ڀهرين آءٌ آيس.
فريد : اي ڪُڪڙ، پنهنجي ڇهنب سنڀال!
اسحاق : تون وڃي آنا وڪڻ، ۽ ٻچا پال!
فريد : تڏهن تون ڏهيڙي ڪرڻ لاءِ تيار آهين؟
اسحاق : جيڪڏهن تون انهيءَ ارادي ۾ استوار آهين.
فريد : (ڌڪ هڻيس ٿو) هي ڌڪ، هاڻ ٺيڪ پڪ؟
اسحاق : بس، يار، بس؛ هاڻ پڪ ٿي ته اسين ٻئي اشراف آهيون — ۽ ٻن اشرافن جي وچ ۾ جهيڙو، انصاف جي برخلاف آهي!
فريد : بلڪ رواج جي بہ برخلاف آهي! پر، اسحاق خان صاحب، هي ته ٻڌايو ته اوهين هتي ڪهڙي ڪم آيا آهيو؟
اسحاق : ميان فريد خان، اڄ بيبي جميله بيگم جي سالگرهه آهي؛ انهيءَ جي خوشيءَ ۾، ۽ مبارڪباديءَ لاءِ، مون هيءُ موتين جو هار پنهنجي رئيس عماد خان جي طرفان نذرانو ڪري آندو آهي.
فريد : ڀلا، آءٌ بہ انهي لاءِ آيو آهيان، ۽ بنده نواز سرفرازخان جي طرفان هيءُ گلن جو هار آندو اٿم.
اسحاق : وڃ ڙي وڃ، منهن ته ڏسينس! جميله بيگم گلن جي هار ڏي نهاريندي بہ ڪين.
فريد : ۽ 'عماد' نالي وارو ڪتو ڏاريندي بہ ڪين!

اسحاق : ڇو؟
فريد : ڇا لاءِ جو سرفرازخان سير آهي!
اسحاق : ته عماد خان سوا سير آهي!
فريد : سرفراز پهلوانيءَ ۾ رستم جو به بابو آهي!
اسحاق : عماد زور ۽ طاقت ۾ سفيد! ديو جو به ڏاڏو آهي!
فريد : عماد پير، ۽ سرفراز سُر آهي!
اسحاق : سر کي ڦاڙڻ جو علاج وري سَر آهي!
فريد : چڱو چڱو، ڏسجئين ته تعريف جو دسترخانو وڇائي، سرفرازخان کي مصالحا مڙا لڳائي، کهڙو نه مزيدار کري پيش ٿو کريان!
اسحاق : بابا، آءٌ به پنهنجي عماد کي لوڻ مرچ مکي، اهڙو لذيذ لقمو کري اڳيان ٿو رکان، جو تنهنجي قورمي کي پڇندي به ڪين!
فريد : ڇا، تون ڪو مون کان زياده فصيح لسان آهين؟
اسحاق : تون ڪو وري مون کان زياده چرب زبان آهين؟
فريد : خبر نه اٿئي ته آءٌ شاعر جو پٽ آهيان!
اسحاق : ته آءٌ به سعديءَ ۽ حافظ جو مَٽ آهيان!
فريد : چڱو، جي شاعر آهين، ته منهنجيءَ مصرع تي بي مصرع چئو.
اسحاق : چوندو وڃ.
فريد : پڌ — بلبل جي عضوي عضوي ۾ نيت گل جي باس آهه.
اسحاق : گل جي فراق ۾ تنهن کي ٿورو سور ۽ ٿورو

آماس آهه!

فريد : واه سائين، واه! مصراع ته وزن ڪان وڏي ويئي!

اسحاق : پوءِ ڇا ٿيو؟ شاعري اسان جي خاندان مان نڪتي – مصراع جي گهٽائڻ وڌائڻ جو اختيار به اسان کي آهي!

فريد : چڱو، آءٌ ٻي هڪڙي ڏنگي مصراع ٿو چوان.

اسحاق : چؤ، ڏس ته ڪيئن نه آءٌ ان کي ماري ڪٽي سنئين ٿو ڪريان!

فريد : اڄ رات مون کي خواب ۾ تارو نظر آيو.

اسحاق : ڪوليون مون اکيون جڏهن، نظارو نظر آيو.

فريد : واه واه – وزن آهي، ته معنيٰ لٺي ڪانه!

اسحاق : بابا، قافيو تنگ ٿي ويو ته پوءِ ڇا ڪجي؟

فريد : ڀلا، هاڻ ٿي مصراع تي مصراع لڳائجئين.

اسحاق : واه جي لڳائيندس – چؤ.

فريد : رات جو آنو ٻڇايم، سو به ڪچو رهجي ويو.

اسحاق : ويا مري شاعر، فقط اللهءَ جو ٻچو رهجي ويو!

فريد : واه ڙي نادان، گاريون ٿو ڏين! هي شعر-سازي آهي يا دشنام بازي آهي؟ نهيو ۽ هاڻ ٿي روانو!

اسحاق : چڱو، آءٌ وڃان ٿو. (هلي ٿو.)

فريد : ايڏي ڪيڏي ٿو وڃين – رستو نٿو ڏسين؟

اسحاق : نه، آءٌ هتان ئي ٿو وڃان.

فريد : ايڏي ويندين، ته آءٌ سونٽو لڳائيندس!

(فريد ۽ اسحاق ڳائين ٿا)

فريد : ٻچي تي دور ڪريئين نه، ته چورن پون ٿا ڀور چريائيءَ جا!

اسحاق : ڦٽا ڪر ڦند برائيءَ جا ...،
فريد : سزا ڏس خوب ڪڙائيءَ جا ...،
اسحاق : اها ها ها، اهو هو هو، اهو هو هو —
تماشا ڏس ڏ ڙوائيءَ حلوائيءَ جا !
فريد : هاچ، ساڪي چوم، چنن ڻ ڻ جوم، چنن ڻ ڻ چوم...
چ، ڻ ڻ ڻ چوم، چ، ڻ ڻ ڻ چوم، چ، ڻ ڻ ڻ چوم...
اسحاق : تا ڻ تنن ڻ ڏا، تا ڻ تنن ڻ ڏا ڻ تنن ڻ ڏا،
تا ڻ تنن ڻ ڏا ......!
(وڄن ٿا. جميل ۽ سندس سهيليون اچن ٿيون.)
اسحاق : هائو، آءٌ انهيءَ سان مري ويندس !
ٻهرين سهيلي : هان هان، هيءَ کهڙي اگرائي، مفت
جي لڙائي !
اسحاق : ڏسو، ڏسو : هي وڪٽي ڦلا پڳڙا ۽ ڪري ٿو
ڪُڏ پٽي جهڳڙا !
جميل : مگر هنن کان ته پڇو، ته هتي ڇو آيا ؟
اسحاق : آءٌ، پنهنجي رئيس عماد خان جي پاران، اوهان
جي سالگره جي خوشيءَ ۾ هي موتين جو هار
کڻي آيو آهيان.
جميل : ۽، فريد خان، تون ڪيئن آيو آهين؟
فريد : مون به پنهنجي رئيس سرفراز خان جي طرفان هيءَ
گلن جو هار سوکڙي ڪري آندو آهي. (جميل
ٻئي هار ونئي هٿ ۾ ڪري ٿي.)
جميل : واه واه! عماد جي طرفان موتين جو هار : ۽ سرفراز
جي طرفان گلن جو هار : هين هار

جي ڳاهڻ ۾ ڪنهن جي به جان جو نقصان نه ٿيو هوندو، ۽ هُن هار جي ڳاهڻ ۾ سوين ٽوپڻ ۽ سيڻ جو ساهه ويو هوندو؛ هي مسڪيني هار آهي، ۽ خوني هار آهي؛ هي موتين جو هار ماڻهن جون سسيون ٿو لهرائي، ۽ هي گلن جو هار سونهن جي خلعت ٿو پهرائي؛ هي هار دنيا جي فڪر سان دماغ کي چور ٿو ڪري، ۽ هي هار پنهنجيءَ خوشبوء سان دماغ کي خوش ۽ مسرور ٿو ڪري؛ هي فقط اميرن ۽ دولتمندن جي محلاتن ۾ ٿو چمڪي، ۽ هي جهڙو اميرن جي گهرن ۾ ٿهڙو غريبن جي پُنگين ۾ پيو ٽمڪي؛ هن کي اعليٰ ادنيٰ، امير فقير، پير پيغمبر، سڀ نفرت کان ڏڪارين ٿا، ۽ هن کي محبت سان پاڻ وٽ رکي خوش گذارين ٿا؛ هن ۾ هٿ ۽ وڏائيءَ جي خوُء آهي، ۽ هن ۾ سچي اُلفت ۽ محبت جي بوُء آهي: انهيڪري، اي هردلعزيز تحفا، گلن جا هار، آءٌ توکي منظور ٿي ڪريان؛ ۽ نڪر تون، ڪوڙيءَ دنيا جا خوني اُپاءَ، توکي نفرت سان دؤر ٿي ڪريان! (موتين جو هار موٽائي ڏئي ٿي، ۽ گلن جو هار ڳچيءَ ۾ وجهي ٿي)

اسحاق: بيگم صاحب، هي ڇا ٿا ڪريو!

جميله: بس، وڃي پنهنجي ڏٽيءَ کي چؤ ته اڳتي

مون ڏي ڪنهن سوڪڙيءَ سوڪلڻ جي تڪليف
نہ ڪري!

فريد : هل، نڪر، هاڻ ڍولڪون وڄائيندو وڃ!

اسحاق : چڱو، بابا، هيءَ سڀ تنهنجي حرڪت آهي —
تون وري اسان جي محلي ۾ نہ ايندين ڇا؟

فريد : اڙي، وڃ وڃ، نہ تہ مار نہ کائين!

اسحاق : بس ڪر، نامراد؛ پرپٺ مارڻ جون ٻوليون
ٺـو ڪرين، منهن تي ڪرين تہ خبر ڏيانءِ!
(وڃي ٿو.)

فريد : حضور، هاڻ مون کي موڪل آهي؟

جميلہ : چڱو وڃ، ۽ پنهنجي رئيس کي منهنجا سلام
ڏج، ۽ شڪرگذاري ادا ڪج.

فريد : چڱو، هاڻ آداب. (وڃي ٿو.)

هڪڙي ساهيلي : پياري، مبارڪ!

ٻي ساهيلي : سونهن واري، مبارڪ!
گلشن ۾ دهر جي آئي موسم بهار جي،

ٻهرين ساهيلي :
بلبل کي گل ملڻ جي خوشي ۽ خمار جي!

## پردو چوٿون
### جهنگل ۽ جبل

[سردار سهراب خان ۽ سنگتي ويٺا آهن]

سهراب : ويجهي آهي ويجهي آهي — ڪمبخت گرگين،

عماد ۽ ظالم شاهہ بانوءَ جي خوفناڪ پڇاڙي ويجهي آهي!

ٻهريون سنگتي: سردار سهراب خان، انهن خونخوارن ۽ ظالمن جي ظلم کان اسين سڀ، وطن ڇڏي، پرديس جي جهنگلن ۽ جبلن ۾ جانورن وانگي ڏڪا کائيندا وتون، ۽ انهيءَ ڏينهن جا اُميدوار آهيون: خدا ڪندو تہ جلد اوهان جا مددگار هنن کان اسان جو وير وٺندا، ۽ زبردستيءَ جي ترار سان هنن جون سسيون لاهيندا!

ٽيو سنگتي: خدا جو شڪرانو آهي تہ بيگناهہ معصوم اصغر، وفادار نظام جي پناهہ هيٺ، جبل جي غار ۾ لڪل پئي ويو، ۽ ڏکن جي ستايل عصمت بيگم جهنگ ۾ رلندي اسان کي ملي ويئي!

سهراب: هائو، ويچاريءَ عصمت کي اڄ ڪير ڇئي سگهندو تہ جيئري آهي: گهر لٽجي ويس، ور مارجي ويس، پسر پرزا پرزا ٿيس، ڏينهن رات، چرين، وانگي جبلن ۽ جهنگلن ۾ گهمندي وتي – رڳو ڪنهن مهل هوش اچيس ٿو، ۽ اک پٽي ٿي، نہ تہ خبر ئي ڪانہ اٿس!

ڏيو سنگتي: اوجها سائين، هيڏي پيئي اچي!

(عصمت اچي ٿي.)

عصمت:

راتيون ويون خوشيءَ جون، ۽ لذت جا ڏينهن ويا،
خانو سڄو خراب ٿيو، عزت جا ڏينهن ويا!

سهراب : يا الاهي ، هن غريب زال جي مصيبت پوري
ڪر !

عصمت : اي خوبصورت چنڊ، تون ئي ڪٿي پنهنجو هڪڙو
ٽڪر مون کي ڏي ، تہ آءٌ انهيءَ کي پنهنجو
رفيق سمجهي پيار ڪريان !

آپ بہ آهي سوجهرو، ڌرتيءَ تي آهي سوجهرو،
بحر بَر بہ روشنيءَ کان تنهنجي آهي سوجهرو؛
آءٌ، لهي آءٌ، تان ر کان سيني تي پنهنجي تو کي آءٌ —
ٿئي اکين بہ سوجهرو، جي دل کي آهي سوجهرو !

سهراب : بيگم ، منهنجي بہ تہ هڪڙي ڳالهہ ٻڌ !

عصمت : ڏسو، ڏسو، شاهہ بانو منهنجي ٻچي کي پيئي ماري !
اڙي خوني عماد، تون خنجر ڇو ٿو تکو ڪرين؟
هاڻ جهوليءَ بہ ٻار ئي ڪونهي — منهنجي هنج
خالي پيئي آهي !

جيڪي هو مون وٽ سوسپ وينيس لٽائي، هاءِ هاءِ !
من عذابن کان خدا مون کي ڇڏائي ، هاءِ هاءِ !

چوٿون سنگتي : افسوس، ويچاري ديواني ٿي پيئي آهي !

عصمت : اڙي، ڪنهن اولاد واري کان وڃي پڇو تہ اهو
داغ ڪهڙو آهي !

چوٿون : بانو، آءٌ بہ اولاد وارو آهيان !

عصمت : هائو، سچ هوندو... مگر

وسي تنهنجو ٿو گهر، منهنجو نڪو وارث نہ والي آهہ، [illegible]
لٽڻ پينگها ٿا گهر گهر بہ، ۽ جهولي منهنجي خالي آهہ !

چوٿون : بانو ، انهيءَ غم جي وڻ کي اکين جي پاڻيءَ

سان ريج ڏيئي سائي ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو —
سڪو ڪو وري سائو ٿيندو؟

عصمت: هائو، مون کي روئڻ ڏيو ،... روئڻ ڏيو — ڀيٽ ڀري روئڻ ڏيو! آءٌ پنهنجن هنن اکين سان رت جا درياهہ وهائيندي رهيس، ۽ انهيءَ ۾ ترندي رهيس، ۽ نيٺ انهيءَ ۾ ٻڏي مرنديس...!

(اتي اصغر ۽ نظام اچن ٿا.)

اصغر: پياري امان!

عصمت: ڇوڪرا، تون ڪير آهين؟

نظام: چاچا،اوهان کي هيءَ ويچارو معصوم وسري ويو آهي؟

عصمت: وسري ويو؟ ڪيئن وسري ويندو — ڪڏهن ماءُ کي به پنهنجو ٻچڙو وسري ويندو؟ منهنجي ٻچڙي مون کي وساريو آهي، پر مون هن کي ڪين وساريو آهي!

ڀهريون: بيبي، هي ڪير آهي؟

عصمت: ڇوڪرا، تون ڪير آهين؟

اصغر: امان، آءٌ تنهنجو اصغر آهيان!

عصمت: ڪير، ڪير... اصغر؟ ... بادشاهہ جي آخرين نشاني؟ منهنجا پيارا، منهنجا پيارا، پيارن جا پيارا — اکين جا تارا!

سهراب: بيگم، جي اوهان جي اهڙي حالت ٿيندي، ته پوءِ اصغر جي ڪير سنڀال ڪندو؟

عصمت : هائو، هائو، هاڻ آءٌ سڀڪجهه ڪندي س : جنتي
هن جي حفاظت ۾ ٻه جانيون ڏيئي چڪي آهيان،
اتي جي ضرور ٿيو ته هيءَ جان به قربان ڪندي س!

سهراب : نيڪيءَ جو ملائڪ!

ڦهريون : وفاداريءَ جو روح!

ڀيو : زال ذات جي رونق!

[پردو ڪري ٿو]

## پردو ڇهون

### عماد خان جي محلات

[عماد خان، اسحاق کي ڪنڌ کان وٺيو اچي.]

اسحاق : سائين، منهنجو ڪو انهيءَ ۾ ڏوهه؟

عماد : ته ڇو منهنجو هار ڪيئن ٿيو؟

اسحاق : سائين، ڪنڌ مان ته هٿ ڪڍو!

عماد : اڙي، ڇئين نٿو ؟

اسحاق : چوانٿو، چوانٿو! منهنجي ته ڪنڌ جون هڏيون
ٻه پيئون سور ڪن!

عماد : ڇو، ڇو ته جهيلڻ منهنجي هار بابت ڇا چيو؟

اسحاق : هن چيو ته ... اهڙا سوڍن ڇتا ڪتا منهنجي
گهٽيءَ ۾ ڏڪا کائيندا وتن!

عماد : منهنجي محبت جو اهو انجام !
اسحاق : جيِي او هان جي محنت جو اهو انعام.
عماد : منهنجي هار جي بيعزتي !
اسحاق : خود اوهان جي بہ فضيحتي !
عماد : غضب ٿيو !
اسحاق : قهر ٿيو !
عماد : اهڙيءَ نفرت تي هزار لعنت !
اسحاق : پوءِ بہ ايتريءَ محبت تي هزار نفرت !
عماد : چڱو ٻيو ڇا چيائين؟
اسحاق : جڏهن مون چيومانس تہ منهنجي رئيس جي نسبت ۾ هيتري بيپروائي، تڏهن ڀاڻ ڇوڻ لڳي تہ تنهنجي رئيس جي منهن ۾ ڌوڙ ۽ ڇائي !
عماد : نمڪحرام هُن تنهنجي منهن تي اهڙو اکر ڳالهايو، توکي ڪو شرم ڪونہ آيو؟
اسحاق : واه سائين، ڪو اوهان کي ڀيو گاريون ڏيندو، تہ مون کي ڇو شرم ايندو ؟
عماد : تون منهنجو مصاحب، منهنجو زيرد ست ناهين ؟
اسحاق : زيرد ست تہ آهيان پوءِ 'زير' هٽائس يا 'د ست'؟
عماد : منهنجي طرفان تڏهن ڇو ڪين چيئہ؟
اسحاق : چيومانس تہ گهٽو ئي.
عماد : ڇا، ڇا — ڇا چيئيس، ٻڌاءِ؟
اسحاق : مون چيومانس تہ منهنجو ڏٺي، پيرن جي پٽي؛ جناب عماد خان صاحب جنگ بهادر، آهي و ڏو نادر؛ جڏهن مٿس غصو ٿئي قادر، تڏهن سند س واتان

گاريون ڏيـن صادر، نـوڪرن کـي هٽي پادر،
ڦاڙي انهن جي چادر؛ نـہ ڏسي پاءُ نـہ برادر،
نہ پيءُ نہ مادر!

عماد: شمطان، هيءَ تو منهنجي تعريف ڪئي؟

اسحاق: سائين، تعريف ڪيم، تڏهن تہ ايترو بہ چوڻ لـڳي تہ جتي ملائڪن جـو گذر ڪونهي، اتـي اهڙن شيطانن ۽ جنن پوتن کـي ڪير تـو پڇي؟ افسوس، هيڏانهن هيترو پيار ۽ هوڏانهن هيتري ڦتڪار!

عماد: يا خدا، هاڻ ڇا ڪريان!

اسحاق: سائين، هڪڙو ويهي پٽيو پنهنجي نصيب کي، ٻيو پٽيو پنهنجي رقيب کي!

عماد: رقيب کي، – ڪنهن کي؟

اسحاق: هائو، رقيب کي – پنهنجيءَ جميلہ جـي حبيب کي!

عماد: تڏهن هن جـي دل، ڪنهن ٻئي سان قاتل آهي ڇا؟

اسحاق: هائـو، سائين. اوهان جيڪو تنئو چاڙهيو هـو، تنهن تي ٻيو تو پڇائي؛ ۽ جيڪا د يگڙي هيستائين ٻئي رڌ يڌ، تنهن کي اچيو تو ڪائي!

عماد: آهو ڪير، ... ڪير؟ ٻڌاءِ، ٻڌاءِ!

اسحاق: سرفراز خان!

عماد: سرفراز؟

اسحاق: ائين، غريب نواز.

عماد : پر سرفراز کي ڪهڙي طاقت، جو جميل ڏي اکيون
کڻي نهاري!

اسحاق : تڏهن هن جي ڏسڻ لاءِ ليسن وٺڻ جي ضرورت
آهي ڇا ؟

عماد : بيوقوف، تنهنجو مٿو ته نه ڦريو آهي؟

اسحاق : سائين، مون کي به اهو شڪ ٿو پوي!

عماد : منهنجي گل کي پٽڻ ته خير، پر ان ڏي هٿ
کڻڻ جي به هن کي ڪهڙي طاقت آهي!

اسحاق : بلڪل ڪانهي — قاعدي جي صاف منع
ٿيل آهي!

عماد : تڏهن جميل منهنجي هٿان نڪري ويندي ؟

اسحاق : او نو، سر!

عماد : مون کي جيئن وٽي تيئن ڪري سگهان ٿو!

اسحاق : او يس، سر!

عماد : بس، هاڻ نڪري وڃ ۽ آءٌ اڪيلو ويهڻ ٿو گهران.

اسحاق : سائين، پاڻ کي پاڻيهي اڪيلائيءَ جو قيد نه
ڏيو ۽ آءٌ اوهان جو ’ايڊيڪانگ آهيان،
اوهان سان هجان ته . . .

عماد : نڪري وڃ، ڪانگ جا ٻچا، نه ته ونئين ٿو
وير سچا!

اسحاق : سائين، ائين متان ڪريو!

عماد : نافرمان، تون وڃين نٿو؟ وڏيڪ ڇو ترسيو آهين؟

اسحاق : سائين، اوهان کي دلاسي ڏيڻ لاءِ.

عماد : مون کي دلاسي جي درڪار، نه آهي!

اسحاق : سائين، ڏاڍي د رڪار آهي!
عماد : ڪاڏهي! هڪدم ذڪري وڃ ؛ نہ تہ بي آبرو ڪندو سئين!
اسحاق : آل رائيٽ، سر!
عماد : سرفراز، سرفراز، آءٌ تنهنجو رت پيئندس!
اسحاق : ڊونٽ مائينڊ، سر!
عماد : اڙي، تون وري بيهي رهين — ذڪر، خانہ خراب!
اسحاق : چڱو، گڊ مارننگ، سر!
عماد : شينهن جو لقمو بگهياڙي کسي، ۽ لومڙيءَ جو لقمو بگهڙ هضم ڪري! سرفراز، تو اڃا منهنجي سچي پچي صورت نہ ڏٺي آهي — هاڻي سگهو ئي معلوم ٿيندءِ تہ آءٌ ڪير آهيان!

[پردو ڪري ٿو]

## پردو چهون

### جميلہ بانوءَ جو گهر

(جميلہ ڳائيندي اچي.)

آهي عشق عجب، تنهن کي ڪير پلائي،
اهو سپ کي هلائي، تنهن کي ڪو پلائي!
ڏسو ڏسو ديوانو، مستانو، بيگانو، نادانو —
ڏسو برهہ جو پنگ، عشق جو رنگ —
اندر کي جلائي، جگر کي کائي!

جيڪو رکي سڄڻ سان ڪا محبت،
پيو ساري سدا تنهنجي صحبت.
ڪري هردم سو زاري، هنجون نيڻن مان جاري.
ڏسو ڏسو ديوانو ..........

(اتي سرفراز ڳائيندو اچي ٿو.)

ڍولڻا، ڍولڻا، ڍولڻا، ري — سڳهو جاني هلي آءُ ...
جاني هلي آءُ، سڳهو، جاني هلي آءُ! ...
توکي آءٌ ساريان، هردم سنڀاريان،
ڪانگ ويٺو تو لاءِ اڏايان، ري — سڳهو جاني ...
ڏينهن ڏسان راهون، رات ڪريان دانهون،
گهڙي گهڙي توڏي واجهايان، ري — سڳهو جاني ...

سرفراز: جميله، پياري جميله، سچ آهي ته عشق انڌو ٿيندو آهي.

جميله: آهو ڪيئن ٿو چئين ؟

سرفراز: جي اکيون هجنس ها، ته عماد جهڙي عملدار جي مقابلي ۾ هڪڙو غريب سپاهي — جنهن کي اشرافت، ايمانداريءَ ۽ وفاداريءَ کان سواءِ ٻي ڪابه سفارش ڪانهي — ڪيئن تو جهڙيءَ معقول باذوق وٽ مقبول ٿئي ها؟

جميله: پيارا، اهو سچ آهي؛ پر جهڙيءَ طرح چنڊ گرهڻ کان پوءِ تارن جي ڪابه سنڀال نٿي رهي، تهڙيءَ طرح اشرافت ۽ وفاداريءَ جي اڳيان دولت ۽ دنياداريءَ جي ڪابه دال نٿي ڳري. ڏس، محبت جي ڪهاڻي ڇا ٿي چوي :

منڙين پولين سان من موهين، محبت وارا سي دلدار—
او محبت وارا سي دلدار، رهن راضي سدا !
سهڻي جن صورت، سو هڻي جن مورت، ساهه تن تان آهي گهوريان —
او ساهه تن تان آهي گهوريان، رهن راضي سدا !
ويٺي هردم تن جا ڳڻ ڳايان،
من منهنجا دلبر رهن راضي سدا !
(هڪڙي ساهيلي اچي ٿي.)
ساهيلي : بيبي، در تي ڪو ماڻهو تنهنجو پيو پڇي.
سرفراز : ڏسان ته ڪير آهي.
جميله : وري جلدي اچجئين، دير متان ڪرين.
سرفراز : چڱو ته آيس.
جميله : هزار شڪرانا، اڄ خوشي ۽ خورمي بي‌انداز آهي،
جو جميله وٽ سندس صحبتي سرفراز آهي !
(اتي عماد اچي ٿو.)
عماد : بس، هاڻ آخرين سوال ۽ آخرين فيصلو :
هن منهنجو تن من هاءِ جلائي ڇڏيو،
ڦٽڪان پيو آهيان رشڪ حسد ۾ —
تنهن سڄ اندر ۾ مچائي ڇڏيو !
باهه بدن ۾ جنهن ٻري، سيڪ اچي تنهن کي،
درد مندن جي درد جي ڪل نه ٻئي ڪنهن کي !
جميله : هي نانگ وري ڪهڙو زهر هارڻ آيو آهي !
عماد : جميله، هيڏي تي آءُ، ويجهي آءُ، ۽ جيڪي آءٌ پڇان
ٿو، تنهن جو مون کي جواب ڏي.

جميله : سائين، اوهان ڇو ايتري تڪليف فرمائي ۽ تشريف آندي؟

عماد :

ڳلي ۾ طوق لعنت جو پيل نروار ڪنهن جو آهه،
هي ۽ ڦاسي ڪنهن وڌي تنهنجي، هي ڳچي ۾ هار ڪنهن جو آهه؟

جميله :

وڏو جنهن طوق هي محبت جو، سو دلدار منهنجو آهه،
سڏين ڦاسي تو جنهن کي تون، سو ئي سينگار منهنجو آهه!

عماد : بيوقوف،

هي گلن جو هار ناهي، هي ڪنڊن جو هار چاڻ!
لاهي ڇڏ اڇلائي هن کي، پاڻ تي هي بار چاڻ :

جميله :

ناهي ممڪن ڏور مون کان هي ڳچيءَ جو هار ٿئي،
ڪهڙو پيو مون تي ڪٿي ايذاءَ ۽ آزار ٿئي!

عماد : ڪين لاهيندينءَ؟

جميله : ڪڏهن ڪين!

عماد :

جي رهي هيءَ هوڏ تنهنجي، ۽ جي هو نڪار رهندو،
ته نه هي ڳلو ئي رهندو، نه ڳلي جو هار رهندو!

جميله :

جي ڳلو وڃيو، ته گهوريو؛ هي بدن تيار رهندو،
نه سسيءَ نه ساهه جو، ڪو مون کي انتظار رهندو!

عماد : جميله، توکي هي چا ٿيو آهي : هڪڙي ڪين جهڙي رذيل سپاهيءَ کي هڪڙي عزتمند سردار

ڪان زياده پسند ٿي ڪرين!

جميله : بس، سائين، بس، آءٌ پنهنجي پياري جي نسبت ۾ اهڙا اجايا اکر ٻڌڻ نٿي گهران!

عماد : ڇا، پيارو هوُ ناڪارو؟ گهر ڪان آوارو، سو تنهنجو پيارو!

جميله : هائو هائو، آهو منهنجو پيارو، سدا ناميارو!

عماد : جمليم، جميله، سنيال، ڏس، ٻڌ، ٺڳيج نه، گمراه نه ٿي.

جميله : مون کي ڇڏ، آءٌ تنهنجي لائق ناهيان.

عماد : تڏهن ڪنهن جي لائق آهين؟

جميله : جو تنهنجي نظر ۾ نالائق آهي!

عماد : ڏس، اوهين ٻئي پڇتائيندؤ!

جميله : جهڙي ڪو ڪندو، تهڙي سزا پائيندو.

عماد : اي نابڪار، مغرور مردار، مون جهڙو نامدار، شاندار ۽ مالدار دلدار — انهيءَ ڪان شادي جو انڪار!

(اتي سرفراز اچي ٿو.)

سرفراز : ڪير، عماد خان!

عماد : نڪر، اي مڪار، پويئي مار، بس ڪر ته هٽئين نه ترار!

سرفراز : سائين، ايتري خفي جو سبب؟

عماد : ٻڌائيندوسئين، اي بي ايمان نمڪحرام!

سرفراز : ائين نه چوُ آءٌ اوهان جو نوڪر آهيان، نه غلام!

عماد : خدا جي قدرت، ڪيڏي زمين ڪيڏي آسمان—
ڪيڏي تون، ڪيڏي جميله!

سرفراز : تڏهن اوهان کي انهيءَ تان چڙ لڳي آهي، جو
منهنجي جميله سان محبت آهي؟

عماد : پر توکي هن سان محبت رکڻ جو ڪهڙو حق آهي؟

سرفراز : ڇو، آءٌ ساڌو ناهيان، منهنجي سيني ۾ دل
ڪانهي؟

عماد : نڪري وڃ، نڪري وڃ، سرفراز، منهنجي منهن
تان نڪري وڃ!

سرفراز : اوهين مون کي ڌمڪايو ٿا؟

عماد : البت، مون کي ڌمڪائڻ جي طاقت آهي.

سرفراز : اوهان کي ڪابه طاقت ڪانهي.

عماد : سنڀالي، زيردست وانگي، ادب سان ڳالهاءِ!

سرفراز : ته اوهين به شريف عملدار وانگي ڳالهايو.

عماد : ڏس، پڇتائيندين!

سرفراز : جهڙي ڏينديءَ، اهڙي وٺنديءَ.

عماد : تون ڪو مون کان زياده قوت وارو آهين؟

سرفراز : انهيءَ جو جواب هٿ ۽ ٻانهون ڏينديون!

عماد : تون ڪو مون کان زياده خوبصورت آهين؟

سرفراز : انهيءَ جو جواب آرسي ڏيندي!

عماد : تون ڪو مقابلو ڪري مون کان ڪٿي ويندين؟

سرفراز : انهيءَ جو جواب قسمت ڏيندي.

عماد : تون ڪو مون کان زياده هن جو حقدار آهين؟

سرفراز : انهيءَ جو جواب جميله بانو ڏيندي!

عماد : سرفراز، آءٌ توکي وري بہ چوان ٿو تہ آءٌ جميلہ جو توکان وڌيڪ حقدار آهيان!

سرفراز : سو ڪهڙيءَ طرح ؟

عماد : ههڙيءَ طرح تہ تون هڪڙو زيردست سپاهي آهين، ۽ آءٌ سپهہ سالار آهيان!

سرفراز : تہ تڏهن عشق ۽ محبت تي رڳو سپهہ سالاريءَ جي مهر لڳل آهي ڇا؟

عماد : چپ ڪر، بي ادب!

سرفراز : ڇو؟

عماد : ڇو، جو تون منهنجو زيردست آهين!

سرفراز : جي زيردستيءَ ۽ بالا دستيءَ تي مدار آهي، تہ بندو انهيءَ نوڪريءَ کان دستبردار آهي.

عماد : سرفراز، سنڀال ڪر!

سرفراز : پنهنجي نوڪري قابو ڪر!

عماد : (آواز سان) هن کي پڪڙيو، ٻڌو...

(ٻاهران سپاهي اچن ٿا، ۽ سرفراز کي پڪڙين ٿا)

جميلہ : ٺڳي، دغابازي! يا پرور دگار، تون تون مددگار...!

عماد : خبردار، هوش ڌار.

## پرده ٻيو

### فريد خان جي جاءِ

(عمر اچي ٿو)

عمر: لاحول ولا قوت! منهنجي قسمت به ڪهڙي نه خراب آهي— بورچي ٽيس، ته به لطيفه سان ملڻ جو وجهه ڪونه مليو!

(اتي نوڪر اچي ٿو.)

نوڪر: اڙي، چا ٿي ٿو ڪُرڪين؟

عمر: اڙي سائين، ڪهڙيون ڳالهيون ٿو پڇين، هينئر مون کي ڏاڍي ڪاوڙ آهي— اصل چريو ٿو ٿيان! ڪالهه صاحبزاديءَ جي چاءِ ڪنيو ٿي ويس، ته هو ڪمبخت نوڪر آيو، سو منهنجن هٿن مان چاءِ جا ٿانوَ کسي ويو... نيٺ مون کي به صاحبزاديءَ جي حاضريءَ جو شرف حاصل ڪرڻو آهي يا نه؟

نوڪر: ڪائي ضرورت ڪانهي. تون وڃي بورچيخاني ۾ ماني تيار ڪر!

عمر: ماني وڃي کڏ ۾ پوي؛ اوهان وٽ بورچيءَ جي ڪا به عزت ڪانهي!

نوڪر: اڙي ميان، رفتي رفتي ٿي ويندي. ٻڌ، توکي هي خوشخبري ٿو ٻڌايان: سڀاڻي صاحبزاديءَ جي

شادي ٿيڻي آهي، انهيءَ ۾ ڏاڍا عمدا عمدا طعام رڌا آهن– پوءِ پاڻيهي تنهنجي عزت ٿيندي.

عمر: شادي! ڪنهن سان؟

نوڪر: او، هن نئين منشيءَ سان. هاڻ هلي بورچيخاني ۾ چاءِ ڏاهه!

عمر: منشيءَ سان... شادي؟ يا خدا، هيءَ ڪهڙي بربادي! او لطيف، لطيف، هاڻ ڪنهن وٽ وڃان فريادي؛ تو مون سان ڏاڍي ڪئي آهي تعدي! هاڻ چا ڪريان، جو ڏکن ڏوجرن ڪان منهنجي ٿئي آزادي – وڃي ستا مونسا هٽان، جو منهنجي قسمت آهي سادي!

(عمر وڃي ٿو، ته فريد ۽ لطيف اچن ٿا.)

فريد: بيشڪ، هن جي علمي لياقت هن خط سان ظاهر آهي؛ پر اهو چوڪر ڪير آهي؟

لطيف: بابا سائين، اوهين هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻندا آهيو.

فريد: نيٺ، هن جو نالو نيشان؟

لطيف: سردار نوشاد عليءَ جو......

فريد: پٽ؟

لطيف: پٽ نه، پوٽو.

فريد: چا، قربانعليءَ جو پٽ، احسانعلي؟ سبحان الله: ڪو وقت ته اهڙو هو جو هو منهنجي رت جو پياسو هو؛ آءٌ هن جي جان جو دشمن هوس! پر، ڏيءَ، هن کي هتي ڪنهن آندو؟

لطيف: بابا، مون پاڻ هن کي هتي گهرايو. هو ڏاڍو هوشيار آهي، ۽ خبردار ماڻهو آهي؛ ڪم ڪار هلائڻ جو آزمودگار آهي؛ شڪل جو به شاندار آهي: ڀلائي ڪري منظوري ڏيو، ته پوءِ شاديءَ جو بندوبست ڪجي.

فريد: چڱو، بابا، تون بيفڪر رهه. سڀاڻي ئي شاديءَ جو بندوبست ڪنداسين. مگر، پهرين هن کي معافيءَ جو خط لکي ڏيڻ گهرجي، جنهن ۾ لکي ته "مون پيءُ جي اجازت کان سواءِ، لطيفه سان محبت رکي، ۽ شاديءَ جي خواهش ڪئي، تنهنڪري مون کي معافي ملي". ائين ڪرڻ سان اسان جو مان رهجي ايندو، ۽ خلق ۾ ڪل نه ٿيندي.

لطيف: ائين ئي سگهندو.

فريد خان: پوءِ، هو ڪٿي آهي، هتي ته ڪونه ٿو ڏسجي. خير، آءٌ پاڻيهي پڇا ڪري هن سان ملندس، ۽ جيڪو احوال هوندو سو وري توکي ڏيندس.

( لطيفه ڳائي ٿي )

سڀ سؤر دؤر هاڻ ٿيا، اڳتي خوش رهان،
جيءُ جيءُ، جيءُ اجيءُ، خوشيون ڇو نه ڪريان؟
فڪر ٿيا فاني ري، ملن هاڻ جاني ري،
ملسي دوست پنهنجي کي، سؤر سڀ سليان —
ڏنيه ڏن، ڏن، خوشيون ڇو نه ڪريان؟

[ پردو ڪري ٿو ]

# پردو اٺون

## جهنگل

اصغر : ڏسو، اسين ڪهڙي نہ ڪشادي ميدان ۾ ٿا رهون : بلبلين جون ٻوليون، قمرين جون ٽوليون، گاهہ جي ساوڪ، وڻن جي ڇانوَ، چوڏاري گلڪاري، بهار جي تياري — ڪهڙي نہ فرحت آهي، ڪهڙي نہ لذت آهي!

نظام : بيشڪ، سائين، خدا جي قدرت آهي، سندس عجب حڪمت آهي.

اصغر : سيڪنهن شي جي هتي عجيب سرشت آهي؛ هي جهنگل ناهي، بهشت آهي!

(اوچتو سپاهي اچن ٿا، ۽ نظام کي ڏڪ هڻن ٿا.)

ٻهريون سپاهي : اجهو هي آهي! وٺوس، ٻڌوس...

اصغر : نہ نہ، آءٌ ڪين ايندس... نظام، مون کي بچائج!

نظام : ڇڏيو، بدمعاشو، ڇڏيو...!

ٻهريون سپاهي : صبر ڪر، اي بدڪار، بند ڪر تڪرار!

نظام : خوني، چور، ڌاڙيلا، ... ڊوڙو ڊوڙو...!

(عصمت اچي ٿي.)

عصمت : نظام، تون رت ۾ لعل آهين!

نظام : مون کي ڇڏيو، سون کي مرڻ ڏيو... وڃو،

وڃو، اصغر کي دشمن جي چنبي مان ڇڏايو —
معصوم کي ڇڏايو!

عصمت: نظام، نظام، تون ڇا ٿو چوين — اسان جي تقدير وري بگڙي ويئي ڪيئن!

نظام: افسوس، تقدير سان ڪهڙي تدبير هلندي!

عصمت: نه نه، اصغر ڪڏهن هتان نه ويندو — جيسين منهنجي بدن ۾ ساهه هوندو. آءٌ اجها سنبري ٿي وڃان، ۽ پنهنجي پياري ٻچي کي ٿي بچايان!

پهريون سپاهي: هاڻ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

ٻيو سپاهي: همت ۽ مدد!

(وڃن ٿا.)

## پردو ڏاڍون

### جهنگل

[جميلہ ڳائيندي اچي ٿي.]

پيارا مون سان اچي ٿي ملاقي،
نيڻ تارا، منهنجا پيارا، پيارا ...
نت نهاريان توکي، سنڀاريان،
منهنجا پيارا، دل جاني،
تنهنجي درسن ملڻ لاءِ نت نهاريان،
منهنجا پيارا، دل جاني —
اڙي هان، اڙي هان، اڙي هان، ناري ...

جميله : (زباني) يا خدا! تو کان سواءِ ڪنهن کان مدد
گهران، تون ئي منهنجو حامي ۽ مددگار آهين؛
تون هميشه ٻُڏندن کي بچائيندو آهين، سون
کي به تون بچائج ۽ سنڀالج!
(وڃي ٿي.)

## پڙدو ڏهون

### لشڪرگاهه

[هڪڙو آفيسر ۽ سرفراز بيٺا آهن.]

آفيسر : سرفراز، گهڙيءَ کان پوءِ موت تنهنجي ملاقات
لاءِ ايندو : تون هڪڙي بهادر سپاهي وانگي
انهيءَ جي استقبال ڪرڻ لاءِ تيار آهين؟

سرفراز : بيشڪ تيار آهيان!

آفيسر : ڪا دل جي خواهش اٿئي؟

سرفراز : ڪابه ڪانه.

آفيسر : ڪي چوڻو اٿئي؟

سرفراز : ڪي به ڪين.

آفيسر : ڪي به ڪين!

سرفراز : ڇا چوان؟ جيڪي انصاف ۽ قانون جو خون
ڪن، عدالت ۽ سرڪاري حڪم تي ٺٺوليون
ڪن، ڪوڙيون شاهديون ڏيئي، دنيا جي لالچ

تي بيگناهن کي قتل ڪرائن، تن کي آءٌ ڇا
چوان؟
(اتي عماد اچي ٿو. ساڻس ڇهو عملدار آهي.)
عماد: گهڻي بڪ بڪ نہ ڪر؛ اها توکي بندوقن جي
نشان تيئن کان بچائي ڪين سگهندي.
سرفراز: بس ڪر، آءٌ توسان ڳالهائڻ پنهنجي بيعزتي
ٿو سمجهان: جيڪڏهن توکي پنهنجي شڪست
کائڻ جو بدلو وٺڻو هو، تہ هڪڙي بهادر
سپاهيءَ وانگي ميدان ۾ اچين ها، ۽ وڙهڻ لاءِ
مون کي هاڪارين ها — ويڙهہ کان پوءِ، بهادرن
وانگي، يا مارين ها، يا مارجين ها!
جو اچي سامهون وڙهي ٿو، مرد تنهنجو نانءُ آهہ،
جو لکي ڏک ٿو هڻي، نامرد سو چڻ ڪانءُ آهي!
عماد: احمق، هاڻ تو ۾ باقي ڪي پساهہ وڃي بچيا
آهن، آهي اجائي بڪوات ۾ نہ وڃاءِ؛ انهيءَ
جي بدران، خوفناڪ موت سان مرڻ جي لاءِ
افسوس ڪاءُ!
سرفراز: موت سان افسوس ڪرڻ، زالن جو يا تو جهڙن
نامردن جو ڪم آهي؛ مردن ۽ بهادرن کي
موت کان ڪهڙو شرم آهي!
عماد: تڏهن توکي پنهنجي مرڻ جو ڪوبہ غم
ڪونہ آهي؟
سرفراز: ڪوبہ ڪونهي: مگر جي ڪو آهي، تہ اهو تہ
جنگ جي ميدان ۾ ڪنهن شريف بهادر جي

ترار سان مارجڻ جي بدران تو جهڙي نامرد جي
هٿان تو مارجان ۽ پيو هيءَ ته دغاباز دنيا ۾
پياريءَ جميله کي اڪيلو ڇڏيو تو وڃان!

عماد: جميله! — حياتيءَ ۾ به جميله، ۽ سرڻ وقت
به جميله!

ڏس هاڻ جميله تي اچي منهنجي بغل ۾،
تون قبر ۾ هوندين، هوءَ منهنجي رنگ محل ۾!

سرفراز: ائين ڪڏهن ڪين ٿيندو: تارا ڪارا ٿي
پوندا، سج ۽ چنڊ ٽڪرجي ناس ٿي ويندا،
ملائڪ گمراهه ٿي ويندا، مگر تنهنجي اميد
ڪڏهن به پوري نه ٿيندي، ۽ جميله منهنجي ئي
منهنجي رهندي!

(اتي جميله اچي ٿي.)

جميله: هائو، هائو— آءٌ تنهنجي ئي تنهنجي رهنديس!

عماد: ڪمبخت، نامراد، تون هن نياڳي بدنصيب جي
مرڻ تي ماتم ڪرڻ آئي آهين ڇا؟

جميله: نه نه، آءٌ اهو چوڻ آئي آهيان ته موت هر وقت
ڪاهي اچڻ لاءِ تيار آهي؛ ۽ اهو خدا، جنهن وڏن
وڏن فرعونن کي نيست نابود ڪري ڇڏيو،
اهو اڃا ٿائين قائم ۽ بقادار آهي: آهو خدا جڏهن
سڀني تي مهربان ۽ رحم ڪندڙ آهي، تڏهن تون
به رحم ڪر، جو توکي به رحم جي ضرورت آهي!

سرفراز: اهو رحم، جو شيطان کي منٿون ڪري حاصل
ڪجي، سو مون کي نه گهرجي!

جميلہ : نہ پيارا، بيهہ، مون کي ڳالهائڻ ڏي؛ قسمت آزمائڻ ڏي. (عملدار کي) ڇڏ، سائين، تون نہ ڇڏ.

عملدار : جنهن جي لاءِ عدالت موت جي سزا ڏيئي چڪي آهي، تنهن جي لاءِ ڪي بہ ڪري نٿو سگهجي!

جميلہ : جي عدالت مان حڪم جاري ٿي چڪو آهي، تہ آءٌ انسانيت جي عدالت ۾ اپيل ٿي ڪريان!

عماد : جميلہ، پنهنجي وات جي موتين کي ڪتن ۽ سوئرن جي اڳيان نہ اڇلاءِ! تون ڪهڙي نہ سودائڻ آهين، جو تون منهنجي ڪميني دشمن جي اڳيان سندس مرڻ وقت مون کي خوار ٿي ڪرين!

جميلہ : تڏهن بہ منٿ — فقط بہ منٿ مون کي ڳالهائڻ ڏي!

سرفراز : نہ جميلہ، نہ؛ تو کي محبت جو قسم آهي، وڌيڪ مٿو نہ هڻ، مون کي مرڻ ڏي!

جميلہ : منهنجا پيارا، هي تون ڇا ٿو چوين!

سرفراز : چوان ٿو تہ آءٌ ناشاد آهيان، نامراد آهيان، بدنصيب آهيان — مون کي مرڻ ڏي: پوءِ دنيا گهٽ نہ جواهرن سان ڀري پيئي آهي — هڪڙا ڀين ڪان وڌ پيا آهن — ڪو اڻملهو موتي، عقل جي سوجهري سان ڳولي، ڪٿي پنهنجي لاءِ هٿ ڪجئين. (ڳائي ٿو.)

سمجهيئہ، سمجهيئہ، منهنجي هاڻ پياري،
ٿيان توتان مان هر دم واري!

رکجئين رکجئين دل تي منهنجو قول،
توسان گڏ گذري منهنجي عمر ساري!
ڇا چوان توکي، پاڻيهي سمجهه، تون، آهين تميز واري.
صلاح توکي ڏيان جا تو، سا پسند ڪجئين؛
نہ منهنجي روح کي ڪنهن طرح دردمند ڪجئين—
هيتي هُتي سدا رهين خوش!

جميلہ: پيارا، هي ڇا ٿو چوين: تون منهنجيءَ محبت کي بازاري عورتن جي محبت جهڙي ٿو ڄاڻين؛ مون کي بيوفا ۽ بيحيا ٿو سمجهين؟!

عملدار: بس، وقت پورو ٿيو.

عماد: ڦاسي ڏيوس.

جميلہ: جيسين آءٌ پاڻ لاش تي پنهنجي پياري جي قدمن تي نہ ڪري پونديس، تيسين مون کي ڪوبہ ڦاسي نہ ڪري سگهندو!

عماد: ڏس، آءٌ بہ وري بہ ٿو چَوَئين تہ هن ڪمبخت جي لاءِ پنهنجي جان نہ ڏي.

جميلہ: آءٌ وري ٿي چَوَئين تہ توهان ڏينهن جي حياتيءَ لاءِ پنهنجو ايمان نہ وڃاءِ!
چئن ڏينهن جو فقط هي شان شوڪت جبر آهه،
پوءِ خدا آهي ۽ تون آهين ۽ تنهنجي قبر آهه!

عماد: بيوقوف، هن اجل رسيدي سان گڏ تون بہ اجل جو شڪار ٿيڻ ٿي گهرين ڇا؟

جميلہ: هائو —

جي اڪيون ويئون، تہ پوءِ هن زندگيءَ کي ڇا ڪريان؟
جيءَ جو سک جي ويو، تہ پوءِ جانيءَ ري جيءَ کي ڇا ڪريان؟

عماد : جي هيءَ نٿي مڃي، تہ هن سان گڏ هن مُردار کي بہ جهنم ۾ وڃڻ ڏي... هڻ بندوق!

(عملدار بندوق سنئين ڪري ٿو.)

جميلہ : يا خدا!... اي آسماني ملائڪو، منهنجي انساني ملائڪ کي بچائجو!

(اوچتو سردار سهراب خان اندران بندوق جو فائر ڪري ٿو. بندوق هٿان وارو آفيسر ڪري پوي ٿو. سهراب خان جا سپاهي عماد جي سنگتين کي گرفتار ڪن ٿا، ۽ عماد پٺجي وڃي ٿو.

[ پردو ڪري ٿو ]

## پردو يارهون

### شاهي محلات

[ راڻي شاهہ بانو ۽ گرگين خان بيٺا آهن. ]

شاهہ بانو : گرگين خان، ڊاءِ ڪهڙي خبر آندي اٿئي؟
گرگين : مون اهڙي خبر آندي آهي، جو آها ٻڌي ڪپڙن ۾ نہ ماپند ينءَ!

شاهہ بانو : سچي پڇي، اهڙو ڪو احوال آهي؟
گرگين : ڏاڍي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي.

شاهه بانو : گرگين، جلد ٻڌاءِ، دير نه ڪر : دشمن مري ويو، ڪٿي ويو، گرفتار ٿيو؟

گرگين : ٻڌو، ... اصغر اسان کي هٿ اچي ويو!

شاهه بانو : (خوشيءَ ۾) هي آءٌ ڇا ٿي ٻڌان!

گرگين : آءٌ سچ ٿو چوان.

شاهه بانو : ته تڏهن هاڻ جلدي ڪر — خنجر ڪڍ، ٻانهون ڪُنج؛ وڃي هن کي پورو ڪري اچي خوشخبري ٻڌاءِ، ته پوءِ منهنجي مٿي جو سور لهي!

گرگين : نه نه، ائين مارڻ ڪو چڱو آهي!

شاهه بانو : انهيءَ ۾ ڪهڙي حرڪت آهي؟

گرگين : هڪڙي خاص مصلحت آهي.

شاهه بانو : آها ڪهڙي آهي— آءٌ به ته ٻڌان؟

گرگين : جيڪڏهن اسين اهڙيءَ طرح ظاهر ظهور اصغر کي قتل ڪنداسين، ته رعيت ضرور بدگمان ٿيندي، ۽ ڊپ آهي ته بغاوت ۽ فساد ڪري نافرمان ٿيندي.

شاهه بانو : پوءِ ڪهڙي تجويز آهي، جنهن سان دشمن به دفع ٿئي، ۽ مون کي تسلي به اچي؟

گرگين : جنهن جاءِ ۾ اصغر کي قيد ڪري رکيو اٿئون، انهيءَ کي سياٽي اڌ رات جي مهل سرنگهه هٽي، باروت سان آڏائي ڇڏيون : سڀ ڇاٽندا ته اوچتو باهه لڳي، جاءِ ڪري پيئي، ۽ شاهزادو مري ويو!

شاهه بانو : اها تمام چڱي رٿ آهي. تڏهن چڱو، وڃي

انهيءَ سرنگهہ جو بندوبست ڪر.

گرگين : آءٌ اجهو ٿو وڃان،... مگر، شاهبانو، هو شاديءَ جو انجام تہ ياد هوندءِ؟

شاهہ بانو : انهيءَ جي ڳڻتي نہ ڪر، مون کي ياد آهي. پهرين تہ اصغر کي پورو ٿيڻ ڏي، پوءِ آءٌ تنهنجي، تون منهنجو. (گرگين وڃي ٿو.)

(ڪلي) احمق ڪنهن جاءِ جو— مون سان ٿو شادي ڪري! گرگين، گرگين، تون ڪهڙو نہ بيعقل آهين! ڪنهن جي دل چوندي تہ جنهن مرض مان هاڻ تازو اُٿي آهيان، انهيءَ ۾ وري گرفتار ٿيان؟ مون شاديءَ جو انجام برابر ڪيو هو، پر رڳو پنهنجي مطلب ڪڍڻ لاءِ! مون پنهنجي مڙس کي زهر ڏيئي ماريو، سو ڇا لاءِ؟— آزاد ٿيڻ لاءِ! مون پنهنجي پٽ کي تنهنجي هٿان کهايو، سو ڇا لاءِ؟— بادشاهي هٿ ڪرڻ لاءِ! تون ڀانئين ٿو تہ شاهبانوءَ کي انهيءَ بهاني سان پنهنجي قبضي ۾ آڻيان، ۽ انهن ٻنهي ڳالهين کان هن کي نا اميد ڪريان؛ پر ائين ڪڏهن ڪين ٿيندو. گرگين، ترس— اصغر جي موت تائين ترس— پوءِ توکي بہ پورو ڪيو ويندو!

مون کي سڃاڻين نٿو تون تہ آءٌ آهيان ڪير؛
بلا آهيان، جا وٺان دشمنن کان پنهنجا وير؛

دغا سان تنهنجي سسي لاهيان، ڏس تون منهنجو سَت،
سُمهان نہ سک ثي، پيان آءٌ جيسين تنهنجو رت!

## پردو ٻارهون

### ڪريم خان جي جاءِ

[ڪريم اچي ٿو.]

ڪريم: عجب گهر جو رنگ آهي؛ رنگ ۾ ترنگ آهي؛ عقل منهنجو گنگ آهي؛ قافيو منهنجو تنگ آهي؛ هٿن ۾ تير تفنگ آهي؛ عشق وارن جي جنگ آهي؛ مون کي بہ انهيءَ جو چڱو ڍنگ آهي! خدا جي قدرت، هيءَ جاءِ ڪهڙي نہ چڱي آهي! مون ٻڌو آهي تہ اڄ ٻيو ٻاڻ مون سان ملاقات ڪندو: جي ڪا لکڻ پڙهڻ جي ڳالهہ نڪتي، تہ پوءِ چنبو تہ ڳالهہ ۾ وڏو ڀنگ آهي، ۽ آبرو بچائڻ جو ننگ آهي! اجهو، اچي ٿو!

(فريد خان اچي ٿو.)

فريد خان: ابا نيڪمرد، آءٌ ڏاڍو خوش ٿيو آهيان جو تو ننڍيءَ عمر ۾ چڱي لياقت حاصل ڪئي آهي؛ تنهنجي عبارت نويسي ڏٺي اٿم، تو کي آفرين هجي!

ڪريم: سائين، لکڻ پڙهڻ تہ منهنجو ابي ڏاڏي جو

ڪم آهي. اهڙا خط سون گهڻائي لکيا هوندا.
انهيءَ ۾ مون کي مشڪلات ڪان ٿيندي آهي.

فريد خان: شاباس، شاباس، اها ڳالهه ته ظاهر آهي؛ مگر آءٌ توکان پڇان ٿو ته تون اهڙو خانداني ۽ پڙهيل ۽ عقل وارو ٿي، ڪيئن منهنجيءَ مرضيءَ کان سواءِ منهنجيءَ نياڻي جي محبت ۾ گرفتار ۽ ان جي شادي جو طلبگار ٿيو آهين؟

ڪريم: قبلا، ائين ڪيئن ٿي ٿو سگهي؟

فريد خان: ائين آهي، جو ڇوڪريءَ پاڻ مون کي ائين چيو آهي!

ڪريم: هان! هوءَ پاڻ قبولدار ٿي آهي؟

فريد خان: هائو. سو، آءٌ انهيءَ ۾ خوش آهيان، راضي آهيان؛ مگر هڪ شرط آهي.

ڪريم: (پنهنجي منهن) هيءُ پيرو ديوانو ته ڏٺو ڏسجي! (هن کي) سائين، آهو ڪهڙو شرط؟

فريد خان: اهو هي، ته تون منهنجي مرضيءَ ۽ اجازت کان سواءِ منهنجيءَ نياڻي جو خواستگار ٿيو آهين، تنهن جي معافيءَ جو خط لکي ڏي، ته اسان جي بي آبروئي نه ٿئي!

ڪريم: (پنهنجي منهن) آيو موت؛ خط جي ڏالي کان ٿي وڃان ٿو فوت!

فريد خان: ڇو، ڏڇين ڇا لاءِ ٿو؛ ڪهڙي مونجهاري ۾ آهين؟

ڪريم: سائين، خبر ناهي؛ اوهان جي دهشت کان، خط

جو نالو ٻڌي، منهنجا حوصلا ئي خطا ٿي ويا آهن!

فريد خان: هان، حوصلا خطا ٿيا آهن؟ جڏهن اکيون پوري منهنجيءَ ڏيءَ تي ديوانو ٿو ٿئين، تڏهن حوصلا خطا نٿي ٿيئي!

ڪريم: (پنهنجي منهن) هاڻ ڪيئن ڪريان؟... صاف چئي ٿو ڏيان. (هن کي) سائين، آءٌ اوهان سان ڪوڙ نٿو ڪريان؛ سچ ٿو چوان ته آءٌ ڌانڌوائيءَ جو پٽ آهيان!

فريد خان: چوڪرا، تون ٿو مون کي ٺڳين! آءٌ تو کي چڱو سڃاڻان ـــ تنهنجي پيءُ جو گهاٽو يار آهيان!

ڪريم: بابي جو گهاٽو يار...؟ يا الله، هي ڪهڙو اسرار!

فريد خان: هائو، اسين ورهين جا ورهيه گڏ رهيا آهيون!

ڪريم: ورهين جا ورهيه گڏ هئا؟ ـــ تڏهن هي ٻڌو ته اصل ڌانڌوائي ٿو ڏسجي!

فريد خان: سچ آهي، هو ماني ڏاڍي چڱي رڌيندو هو.

ڪريم: هائو، بيشڪ، ماني تمام عمدي رڌيندو هو.

فريد خان: پر هو ته صوبيدار هو؟

ڪريم: صوبيدار! يا خدا، منهنجو ته خاندان ئي بدلجي ويو ـــ ڪيڏي بورچي، ڪيڏي صوبيدار! هي ٻڌو ننڊ ۾ آهي، يا هوشيار؟

فريد خان: تون انهن ڏينهن ۾ ننڍو هوئين؛ زنگبار جي لڙائيءَ ۾ اسين ٻئي گڏ هئاسين!

ڪريم: سائين، بابو ته ڪنهن به لڙائيءَ ۾ ڪونه ويو!

فريد خان: توکي خبر ناهي، هن جي ترار ڏاڍا ڪارناما ڪري ڏيکاريا هئا!

ڪريم: (کلي) هائو، هو ترار جي بدران ڏوئي خوب گهمائيندو هو!

فريد خان: هن کي وڏا وڏا پِلا ۽ نشان مليا هئا.

ڪريم: هائو، برابر، آءٌ پنهنجي والد کي ڏسندو هوس، منهن تي ڪارنهن جا داغ لڳل رهندا هوس!

فريد خان: ڇڏ هاڻ مسخري، معافينامو لکي ڏي.

ڪريم: وري به معافي نامي جي ڳالهه آئي! ڀلا، سائين، مون کي توري موڪل ڏيو ته ٻاهران ٿي اچان.

فريد خان: ڇو، ڪيڏي ويندين؟

ڪريم: ذرو جاءِ - ضرور مان ٿي اچان ته پوءِ فارغ ٿي معافيءَ جو خط ويهي لکي ڏيان.

فريد خان: نه نه، پهرين معافيءَ جا ٻه ٽي اکر لکي ڏي، پوءِ جيڏي وڻيئي اوڏي وڃ.

ڪريم: سائين، ٻي به ڳالهه آهي: اوهان جي هوندي مون کان هڪڙو اکر به لکيو نه ٿيندو.

فريد خان: سو ڇو؟

ڪريم: بس، اهو سو مون ۾ عيب آهي ته جڏهن ڪو ماڻهو اڳيان بيٺو هوندو آهي، تڏهن مون کان هڪڙو اکر به لکيو نه ٿيندو آهي.

فريد خان: چڱو، جي ائين آهي، ته آءٌ منهن ڦيرائي پاسي ڪري ٿو بيهان.

ڪريم: (پنهنجي منهن) خدا ڪري ته تنهنجو منهن شل

هميشہ ڦريل هجي. (هن کي) ۽ منهن ڦيرائڻ کان سواءِ اڪيون بہ پوري بيهندؤ!

فريد خان: اڙي، تون مون سان مسخري ٿو ڪرين ڪيئن؟ اڇهو اکيون بہ ٿو پوريان.

ڪريم: تہ اِجهو، هاڻ آءٌ بہ ٿو لکڻ شروع ڪريان. (پنهنجي منهن) هاڻ ڇا ڪريان؟ ٻورچيءَ ڏي پڇي وڃان! اِجهو، اِجهو...

فريد خان: هان، ڇا ٿو ڪرين؟

ڪريم: ڇا ٿو ڪريان؟ اوهين آڏيءَ اک سان لکيو ٿا ڏسو!

فريد خان: هيءَ تہ حيرت جي ڳالهہ آهي تہ لکڻ جي وقت ڪوبہ ڪونہ ڏسي! هيءَ تہ ڪو اونڌو رواج آهي! ڏس، تون منهنجو نوڪر آهين؛ تو کي منهنجو حڪم مڃڻ گهرجي: هي ڪاغذ ۽ قلم کڻ، ۽ هڪدم ويهي لک – پهرين عبارت ۽ القاب لک.

ڪريم: حاضر، سائين، لکان ٿو. سائين، القاب ڪهڙا لکان؟

فريد خان: اڙي، تون منشي ٿيو آهين، القاب لکڻ نٿو ڄاڻين؟

ڪريم: ڄاڻان ٿو، ڄاڻان ٿو...

فريد خان: ڄاڻين ٿو تہ لِک.

ڪريم: سائين، هي قلم تہ ڦڪو پيو آهي! ڪو چاڪون آڻيو؟

فريد خان : اڙي، سڏائين منشي ۽ چاڪون ندارد! هان، وٺ چاڪون.

ڪريم : ۽ سائين، ڪُپڙيءَ ۾ مس ته ڪانهي!

فريد خان : اڙي، آچا هاڻ سياهيءَ سان ڀري پيئي هئي، خالي ڪيئن ٿي؟ هوڏي ٻي مس رکي اٿيئي، سا کڻي وٺ، ۽ اچي ڀرين القاب لک.

ڪريم : جُٽ ٿي، مصيبت آئي! هاڻ عبارت ۽ القاب ڇا لکان؟ 'مهربان'، 'قدردان' : ميم، هي، ري، 'مهر'؛ بي، الف، نون، 'بان' - مهربان! باقي رهيو قدردان؟ هي ته وڏو لفظ آهي : قاف، دال، ري، 'قدر'؛ دال، الف، نون، 'دان' - قدردان! ڏهيو، سائين، عبارت ۽ القاب لکي رهيس.

فريد خان : چڱو، هاڻ اڳتي لک.

ڪريم : (پنهنجي منهن) هي ڪمبخت ڪل ڳرا ڳرا لفظ ٿو لکائي!

فريد خان : 'آءٌ اوهان جي گهر ۾ چوريءَ لڪي آيس'.

ڪريم : هيءَ ته وڏو پسارو ٿيو!... چي، واو، ري، يي - آءٌ اوهان جي گهر ۾ چوري لڪي آيس. هائو، سائين.

فريد خان 'انهيءَ ڪري شرمندو آهيان'.

ڪريم : انهيءَ ڪري شرمندو آهيان - ها سائين.

فريد خان : 'ع معافي ٿو گهران'.

ڪريم : معافي ته وڏو لفظ ٿو ٿئي! معافي... ٿو... گهران.

فريد خان: هاڻ لک پنهنجو نالو.
ڪريم: (پنهنجي منهن) آئي شامت! نالو ته اڳي ئي مٽايو اٿم ــ لکان ڇا؟ ڪو بهانو ڪريان؟ اڙي... الاءِ، اررر...
فريد خان: هان! ڇا ٿيو، ڇا ٿيو؟
ڪريم: (وات تي هٿ رکي) سائين، اوچتو ڏاٽ ۾ سور پيو اٿم، (اٿي ٿو) وڃي ڪو نوشادر ذرو وٺي ڏاٽ هيٺ رکان!
فريدخان: نه نه، ويهه، آءٌ توکي نوشادر گهرائي ٿو ڏيان، تون پهرين خط ته پورو ڪر.
ڪريم: سائين، ڏاٽ جو سور ٿو ماري، خط ڪيئن پورو ڪريان؟
فريد خان: سوير ته ڏاڍيون ٻٽاڪون ٿي هنئين، هينئر وري ڇا ٿيو؟
ڪريم: سائين، ڏاٽ ۾ سور پيو آهي، ٻيو ڇا ٿيو آهي؟
فريد خان: هل هل، نالو لک. ڏي خط ته ڏسان.
ڪريم: وٺو سائين.
فريد خان: (خط پڙهي ٿو) ــ "مهراب قدرن گهر چري لڪ شرمو مافو"!
ڪريم: معافي، معافي ــ سائين، هزار ڀيرا معافي!
فريد خان: اڙي، هي ڇا لکيو اٿيئي؟
ڪريم: لکيو ته برابر اٿم!
فريد خان: برابر لکيو اٿئي، يا ماڪوڙا ڪڍيا اٿئي؟
ڪريم: سائين، مون اڳيئي ڏانهن ٿي ڪئي ته جڏهن

ڪو منهنجي اڳيان وينو هوندو آهي، تڏهن منهنجا اکر وچڙي پوندا آهن!

فريد خان: توُن ڪو ڏڀُ، ڏو ڏسجين! ڀڄاءِ ته تڏهن ڀهريون خط ڪُنهن لکيو؟

ڪريم: سائين، اوهان جي نئين بورچيءَ.

فريد خان: نئين بورچيءَ؟ بدمعاش، تڏهن تو مون سان ڏڀُي ڪئي! اهڙو ڏڏ آهين، ۽ منهنجي ڌيءَ سان تو شادي ڪرين!

ڪريم: آءٌ ڪٿي تو ڪريان؛ هوءَ پاڻ مون سان ڏي ڪري، ۽ اوهين به راضي ٿيا آهيو!

فريد خان: چپ ڪر، بدمعاش!

(اتي لطيف ۽ عمر اچن ٿا.)

لطيف: هان هان، بابا، هي ڪهڙو پسارو آهي؛ سچو منشي ته هي ويچارو آهي؟

فريد خان: تڏهن هي ڪهڙو ناڪارو آهي!

لطيف: هي بورچي منهن ڪارو آهي!

فريد خان: هان، بورچي! اڙي، تون بورچي آهين؟

ڪريم: هائو، قبلا، بورچي— اڳيئي عرض ڪيو هوم.

فريد: ڪهڙو بورچي؟ نالو ڇا اٿئي؟

ڪريم: سائين، مشهور نانوائي خميسي جو پٽ آهيان، نالو ڪريم اٿم؛ پاڻ جهڙن ۾ گهڻي تعظيم اٿم.

فريد: بيوقوف، جڏهن تون بورچي يا نانوائي هوئين، تڏهن منشي يا محرر ڪيئن اچي ٿئين؟

ڪريم: سائين، مون خوشيءَ سان منشگيري قبول نه

ڪئي، پر منشگيري اوچتو منهنجي ستان ڪڙڪي پئي — ڪٿي متو ڏنم. نوڪريءَ جو طلبگار ھوس؛ خدا اھا ڪٿي عطا ڪئي، سا ڪٿي ورتيم.

فريد: ھان، بدمعاش، تون لڪيون ڪري اشرافن جا حاڏا خراب ڪندو وتين — توکي اھڙين لڪين جي جوڳي سزا ملڻ گھرجي! اڙي، وٺوس، نه ڇڏيوس...!

(سيٺي ڪريم کي وڪوڙي وجن ٿا، ۽ ڌڪ ڏجا ھڻن ٿا.)

[پردو ڪري ٿو]

## پردو تيرھون

### جنهنگل ۽ لشڪرگاھ

[سهراب خان ۽ ڪي سپاھي اچن ٿا.]

سهراب: افسوس، شايد اصغر ۽ بدقسمتي گڏ پيدا ٿيا آھن، جو ھوءَ سندس پٺ نٿي ڇڏي، پاڇي وانگي ساڻس لڳي وتي! مون کي پڪي خبر ملي آھي ته ھو وري به راڻي شاھه بانوءَ جي سپاھين جي ھٿ چڙھي ويو آھي.

پھريون سپاھي: بيشڪ، اِھا خوفناڪ ۽ افسوسناڪ خبر آھي.

سهراب: ظالم گرگين جي صلاح سان، راڻيءَ ھن کي

هڪڙيءَ مضبوط جاءِ ۾ قيد ڪيو آهي، ۽ اڄ
رات انهيءَ کي باروت سان اُڏائي مارڻ جي رٿ
ڪئي آهي!
ڇهو سپاهي: شل خدا جي لعنت هجي انهيءَ شيطان تي!
ٽيو سپاهي: انهيءَ شيطان جهڙي انسان تي!
چوٿون سپاهي: جنهن مڪان ۾ اهو رهي ٿو، انهيءَ
مڪان تي!
پهريون سپاهي: جنهن جهان ۾ اهو گذاري ٿو، انهيءَ
جهان تي!
مهراب: منهنجا بهادر، انهيءَ بابت ڪا چڱائي مشورت
ڪريو.
پهريون سپاهي: افسوس آهي ته اسين ظالم راڻيءَ ۽
ناپاڪ گرگين جي نسبت ۾ ڪيتريون ئي رٿون
رٿا ڪريون، پر ويچاري معصوم شاهزادي اصغر
جي لاءِ ڪي به ڪري نٿا سگهون؛ ۽ اها ظالم
راڻي هڪڙي ڏينهن هن کي پوري ڪرڻ واري
آهي!
ٻيو سپاهي: ڪري ڇو نٿا سگهون؟ اسان جي سردار
جهڙيءَ طرح عين وقت تي پهچي سرفرازخان جي
جان بچائي، تهڙيءَ طرح هن جي جان به بچائي
سگهندو.
ٽيو سپاهي: سائين، ڪو خيال ته اوهين به ڪريو.
مهراب: مون کي هڪڙي تجويز خيال ۾ اچي ٿي:
اڄ رات جڏهن خوب اونداهي ٿئي، تڏهن ڪڇ

جيترا سپاهي جدا جدا جاين تي لڪي ويهي رهن، پوري وقت تي ڪٺي هنن تي حملو ڪن.
پهريون سپاهي : اها رٿ تمام چڱي آهي.
سهراب : تڏهن وڃو.
ٻيو سپاهي : حاضر، صاحب؛ پر وقت ته مقرر ڪريو.
سهراب : پوري ٻارهين بجي! وڃي هڪدم بند وبست ڪريو. خدا اوهان جي مدد ڪندو. (هو وڃن ٿا.) دل ۾ ايمان آهي؛ جسم ۾ جان آهي؛ هٿ ۾ ترار آهي؛ خدا جي آڌار آهي؛ هيءَ مسڪين، اصغر جي حفاظت جو حتي المقدور ذمي بردار آهي! (وڃي ٿو)

[پردو ڪري ٿو]

## پردو چوڏهون

اڳوڻيءَ شاهي محلات جو اڳ،

[عصمت ويٺي آهي.]

عصمت : اي اصغر، معصوم اصغر، تون ڪهڙو نه بد نصيب آهين، جو شاهي محلات ۾ تنهنجي لاءِ ڦري قيد خانو يا ڪوس خانو ٿي ٿئي! جي انهيءَ ۾ اندر اچڻ جو رستو نه مليو، ته آءٌ پنهنجو مٺو پٽين سان ٽڪرائي ۾ رستو ڪنديس، ۽ توکي ڇڏائينديس!

(اتي سرفراز اچي ٿو.)

سرفراز: د لجاءِ ڪر، رستو ٿيو آهي — اتر واري پاسي جي ڀت مان هڪڙي سِر نڪتي آهي. وڃي ڪو هٿيار ڪٺي ٿو اچان. تون اتي ترسجئين.

(وڃي ٿو.)

عصمت: يا الله، جيئن تو هي سِر آکيڙي اُميد جو رستو ڏيکاريو آهي، تيئن آئيندي به اسان کي مدد ڪجئين!

(راڻي شاهه بانو اچي ٿي.)

شاهه بانو: ڪير؟ عصمت!

عصمت: افسوس، ... راڻي شاهه بانو!

شاهه بانو: بيوقوف، هتي اچڻ ۾ تنهنجو ڪهڙو ڪم هو؟

عصمت: اي راڻي آياڻي، ڪم اهو آهي ته تون پنهنجي بيگناهه ڀائٽي جي خون ۾ پنهنجا هٿ نه ٻير — هن تي رحم ڪر!

شاهه بانو: چا، تنهنجي مرضي آهي ته هن سَپ جي ٻچي کي ڇڏي ڏيان، ته وڏو ٿئي ۽ مون کي نيٺ ڏنگي ماري؟

عصمت: نه نه، ڪين ڏنگيندو. هن تي توکي رحم ڪرڻ گهرجي. منهنجو ته هو ڪي ڪين ٿئي، تنهنجو ته ڀائٽيو آهي. جي خود تنهنجو پٽ هجي ها، ته جيڪر انهيءَ کي مارڻ لاءِ تنهنجا هٿ هلن ها؟

شاهه بانو : هائو. آءٌ انهن زالن مان آهيان، جو جيڪڏهن پنهنجي کير-پياڪ ٻار ۾ آئيندي جي حرڪت جو ڪو خوف ڏسڻ، ته جيڪر مادري محبت ڇڏي به، ڪاساين وانگي، انهيءَ کي ذبح ڪريان!

عصمت : ڏس، راڻي، ننڍو ٻار به پنهنجي سهڻي راند ڪي کي ڇاڻي ٻجهي ڏنو پڇي؛ تون هڪڙي هلندي چلندي، کلندي ڪڏندي ٻارڙي کي ناحق هڪ لحظي ۾ مارڻ تي گهرين، جنهن کي خداتعاليٰ ماءُ جي پيٽ ۾ پيدا ڪيو، ۽ نو مهينا سنڀالي رکيو — ڏاڍي ارمان جي ڳالهه آهي!

شاهه بانو : بيوقوف زال، جي تون منهنجي حال تي هلين ها، ۽ مون سان شامل ٿئين ها، ته هيتري قدر خراب خوار نه ٿئين ها.

عصمت : شڪر آهي ته آءٌ تو جهڙي نه آهيان! زال ذات جي ڪري سو تون ۽ آءٌ هڪ آهيون، مگر خيالات جي ڪري پنهنجي وچ ۾ وڏو تفاوت آهي : تو کي دولت ۽ حڪومت جي مقابلي ۾ ايمان ۽ عزت جو ڪوبه قدر ڪونهي، ۽ مون کي ايمان ۽ عزت جي مقابلي ۾ دولت ۽ حڪومت جو ڪوبه مانُ ڪونهي؛ انهيءَ دولت ۽ حڪومت جي لاءِ، پنهنجي پيءُ کي قتل ڪري، تو پنهنجي پيءُ جي حياتي خراب ۽ خوار ڪئي، ۽ مون انهيءَ تنهنجي پيءُ ۽ پيءُ جي

لاءِ پنهنجي ٻهادر مڙس ۽ معصوم پٽ جي حياتي
نثار ڪئي!

هرڪنهن جي آهي خيال ۾ هر شي جدا پسند،
توکي خودي پسند، ته مون کي خدا پسند!

شاهه بانو: اهي تنهنجون اجايون ڳالهيون، منهنجي دل
۾ اصغر جي لاءِ قياس ۽ رحم پيدا ڪري نٿيون
سگهن.

عصمت: نه نه، ضرور توکي رحم ڪرڻ گهرجي!

شاهه بانو: چڱو، رحم ڪندي يس.

عصمت: ڏس، اها زال، جنهن پنهنجو گهر اکين سان
لٽيو ڏسي ڪچي به ڪين؛ آها زال، جنهن
پنهنجي ٻچي کي پنهنجي روبرو مرندو ڏسي
داڻهن به ڪاڻ ڪئي؛ آها زال، جنهن پنهنجي
خدا ۽ خاوند کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي اڳيان
پنهنجو ڪنڌ نه جهڪايو، اها ئي ساڳي زال،
پنهنجي باد شاهه جي پيار واسطي، تنهنجن پيرن تي
مٿو رکي، عاجزيون ڪري، اصغر جو جيئدان
توکان گهري ٿي، توکان جهولي جهلي خيرات
ٿي گهري!

شاهه بانو: ته آءٌ تنهنجي جهوليءَ تي ٺٺولي ٿي ڪريان،
۽ خيرات جي بدران تنهنجي سڪرات جي تياري
ٿي ڪريان!

عصمت: نه نه، مون کي پنهنجو ٻچو ڏي!

شاهه بانو: هائو، ڏيندي يس؛ پر جيئرو ڪين ڏيندي يس،

مٿل ڏينديس! آهي ڪو!
سپاهي: حاضر.
شاهه بانو: هن کي قيد ڪر.
عصمت: نه نه، مون کي خدا جي واسطي ڇڏ!
(اتي سرفراز اچي ٿو ۽ سپاهيءَ کي ڌڪ هڻي ماري ٿو ۽ اندر وڃي ٿو، ته عماد اچي ٿو.)
عماد: ڪير؟ سرفراز ۽ عصمت!
(عماد جو اندر وڃڻ، ۽ سهراب جو ٻاهران فئر ڪرڻ؛ جاءِ جو ڪِرڻ؛ عماد جو ٻڏي مرڻ؛ اندران عصمت جو اصغر کي ڪٽي ٻيهند و ڏسڻ ۽ اچڻ.)
شاهه بانو: فتح، فتح! ... خوشي، خوشي!
سهراب: نه نه ... شڪست، شڪست!
شاهه بانو: تون ڪير آهين؟
سهراب: آءٌ!
شاهه بانو: ڪير، دغاباز سهراب؟
سهراب: هيڏي ڏس، جناب!
شاهه بانو: هان، هي ڪير؟ عصمت، اصغر ۽ سهراب! ... خبردار ...

[ڊراپ سين]

## باب ٽيون

### پردو پهريون

[اصغر ۽ ٻين ڇوڪرن جي پريڊ.]

اصغر: ڪيئن، دوستو، جي دشمن ڪنڌ کڻيو، ۽ وڙهي مرڻ جو وقت آيو، ته پوءِ اوهين ڇا ڪندؤ؟

هڪڙو ڇوڪر: اسين ڇا ڪنداسين؟ جي دشمن جبل هوندو، ته انهيءَ تي چڙهي وينداسين!

ٻيو ڇوڪر: جي هو درياهه هوندو، ته انهيءَ ۾ ٽپي پونداسين!

ٽيو ڇوڪر: جي هو باهه هوندو، ته انهيءَ ۾ ڪاهي وينداسين!

چوٿون ڇوڪر: جي ديو هوندو، ته آءٌ ڏک هڻي منهن ڦيرائي رکندو سانس!

پنجون ڇوڪر: جي رستم پهلوان ئي هوندو، ته آءٌ ساڻس وڙهي پوندس!

اصغر: شاباس، منهنجا بهادر دوستو، شاباس!

# پرڊو پيو

## شاهي محل

[عصمت، سهراب، شاهه بانو ۽ گرگين ويٺا آهن.]

عصمت : راڻي شاهه بانو ۽ گرگين! جتي حاڪم جو قانون ۽ انصاف جاري ٿئي ٿو، اتي ڪوبه ماڻهو ڏوهه ڪرڻ جي همت نٿو ڪري؛ مگر اوهان، خدا جهڙي حاڪمن جي حاڪم، ۽ سج چنڊ جهڙن شاهدن، ۽ ملائڪن جهڙن جاسوسن جي وسيلي جيڪو حقيقي قانون ۽ انصاف جاري آهي، تنهن جي برخلاف ڪهڙا نه گناهه ڪيا آهن! انهن کان آزاد ٿيڻ لاءِ اوهين ڪهڙا آپاءَ وٺندؤ؟

شاهه بانو : هي سڀ قصو تون ڪنهن سان پيئي ڪرين؟

عصمت : توسان، جنهن تورن ڏينهن جي حياتيءَ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا ظلم ۽ ستم نه ڪيا! ڪاوڙ ۾ جو تنهنجي آسمان تي نظر ڏئي نٿي پيئي، سو هاڻ تنهنجو اهو هٺ ۽ تڪبر ڪيڏي ويو؟ هينئر ته پنهنجو حال ڏس، ۽ پنهنجي اوج جو زوال ڏس!

شاهه بانو : بيشڪ، سرديءَ کان پوءِ گرمي، ۽ گرميءَ کان پوءِ بارش آهي؛ ڏينهن کان پوءِ رات آهي، ۽

آيرڻ کان پوءِ اُلهڻ آهي؛ ڄمڻ کان پوءِ مرڻ آهي، ٽِڙڻ کان پوءِ ڪُومائجڻ آهي، ۽ مستي چڙهڻ کان پوءِ هيٺ ڪِرڻ آهي: اهو سڀ قدرت جو قانون ۽ طبيعت جو قاعدو آهي: جي آءٌ پاڻ کي هن حال ۾ ڏسي افسوس ۽ ارمان ڪريان، ته ناداني آهي؛ ۽ جي تون انهيءَ تي خوش ٿي ٿيِن، ته ديواني آهين!

عصمت: ڪنهن جي ڪمبختي ۽ مصيبت ڏسي خوش ٿيڻ، نيڪن جو ڪم ناهي: آءٌ خوش نٿي ٿيان، پر خوف کان منهنجي جان ڏڪي ٿي. تون اڳي ڪهڙي هئينءَ، ۽ هاڻي ڪهڙي آهين! آءٌ خيال ٿي ڪريان ته هاڻ تون ڪهڙي منهن سان معافي گهري سگهنديءَ؟

شاهبانو: معافي اوهان جهڙن کان گهرنديس، جي منهنجي دسترخوانيءَ تان ڪِريل پور ڪائي پيٽ ڀريندا هئا؟ آسمان زمين جي اڳيان ڪنڌ جهڪائينديس، ڪتن ٻلن جي آڏو منٿون آزيون ڪنديس، ليڪن پنهنجن ڪمينن غلامن کي رحم جو عرض نه ڪنديس!

سهراب: ڪيڏن گرگين، ڇا ٿيو اٿئي – لاش وا... سرد، قبر وانگي چُپ، ۽ ويرانيءَ وانگي آدا بيٺو آهين!

شاهبانو: سنڀالج، گرگين؛ سنڀالج: عزت سان پيدا " آهين، عزت سان جيئندو رهيو آهين، ۽ عز

سان مر — مگر خسيس د شمن کي جواب ڏ يڻ مهل بزدلي ستان ڏ يکارين!

گرگين : بس، شاهه بانو، هاڻ اسان جو اهڙو حال نه رهيو آهي، جو خدا ۽ انسان سان هٿ ۽ وڏائيءَ سان ڳالهايون!

شاهه بانو : شرم سک، شرم، نامرد پورڙا! تنهنجي ڳالهائڻ مان بزدليءَ جي بانس ٿي اچي!

گرگين : مگر تو کي خبر آهي ته معافيءَ نه گهرڻ جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو؟

شاهه بانو : ڪهڙو ٿيندو — موت ايندو، بيو ڇا ٿيندو!

سهراب : خدا جو سنهن، جيڪڏهن ههڙيءَ ظالم زال جي لاءِ ملائڪ ڪٺي سفارش ۽ شفاعت ڪن، ته به جيڪر مٿس رحم نه ڪجي!

عصمت : نه سهراب نه، خدا پاڻ رحيم ڪريم آهي، هو پنهنجن بندن کي به رحم ۽ ڪرم ڪندو ڏسڻ گهري ٿو. جي اسان ڪٺي هن کي ماري وڌو، ته هن جي موت مان اسان کي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟ جيڪڏهن هيءَ جيئري رهندي، اڳتي جي لاءِ توبهه ڪندي، ۽ برائي ڇڏي نيڪيءَ جو رستو وٺندي، ته هڪڙي گنهگار روح کي دوزخ جي عذاب کان بچائڻ جو اسان کي ثواب ملندو.

شاهه بانو، اچا ڪالهه جي ڳالهه آهي جو مون ڪنڌ جهڪائي، ڳچيءَ ۾ پاند وجهي، تو کي منٿون آزيون ٿي ڪيون، ۽ اصغر جي حياتي خيرات ۾

تي گهري!

شاهه بانو: چا، تون پاڻئين تي ته آءٌ به تـو وانگي بيهي عاجزيون ڪند يس؟

عصمت: نه نه، آءٌ ائين نٿي پانيان؛ آءٌ فقط تـوکـي ياد تي ڏياريان ته تو مون کي انـهـيءَ مهل خيرات جي بدران سڪرات تي آچي، ۽ منهنجي جهوليءَ تي ٺٺولي تي ڪئي!

شاهه بانو: برابر تي ڪئي — ياد آهي.

عصمت: مگر آءٌ اڄ، تنهنجيءَ نيزاريءَ کان سواءِ، توکي معافي ۽ جيئدان تي ڏيان!

شاهه بانو: تنهنجو جيئدان مون کي موت جي سمان آهي، ۽ تنهنجي معافيءَ کان مون کي اِنحرافي آهي — آها آءٌ وري نفرت سان تنهنجي ذليل منهن تـي تي هڻان، مون کي نه گهرجي!

گرگين: بيشڪر زال، حياتيءَ جو قدر ڪر!

شاهه بانو: غلامن وانگي جيئڻ کان شاهن وانـگي مـرڻ بهتر آهي!

گرگين: پر اسين هِئي موت جي لاءِ تيار ناهيون!

شاهه بانو: چو؟

گرگين: موت کان حياتي زياده پياري آهي.

شاهه بانو: صبر ڪر، نامرد، شرم ڪر، بـزدل! آءٌ زال تي موت کان نٿي ڊڄان، ۽ تون مڙس تي پـيـو ڊڄين!

گرگين: خدا جي واسطي پاڻ ٻـ جيءَ، ۽ مـون کي ٻـ

جيئڻ ڏي!

شاهه بانو: هائو، آءٌ تو کي جيئڻ ڏيان ٿي، ۽ پاڻ به جيئان ٿي — هيئن...

(تپاچو ڪڍي، گرگين کي هڻي ماري ٿي، ۽ پاڻ کي به هڻي ماري ٿي.)

گرگين: اهو آهي هڪڙيءَ بدڪار عورت جي محبت جو نتيجو!...

عصمت: ڏورا منٿ مس ٿيندا، ته هن جسم ۾ هٿ ۽ غرور جي رت پئي جوش کاڌو: افسوس، اهو هاڻ هوش ۽ حواس کان سواءِ زمين تي پيو آهي! هي پير، جي لتون هڻي هزارين غريبن جا متا ڦاڙ يندا هئا؛ هي هٿ، جنهن ۾ خوني ۽ خوفناڪ خنجر چمڪندا هئا؛ هي متو، جنهن جي اڳيان هزارين ماڻهو سر جهڪائيندا هئا — آهي سيئي اڄ مٽي تي پيا آهن، ۽ دنيا دولت کي پنهنجي خواريءَ ۽ ذلت جو تماشو پيا ڏيکارين! جن ماڻهن دنيا تي لڳي آخرت کي وساري ڇڏيو آهي، تن کي هي رنگ ڏسي انهيءَ مان عبرت وٺڻ گهرجي.

هتي ئي آهي بهشت دوزخ، هتي ئي جزا ۽ سزا ملي ٿي؛
ڀلي ڪرڻ سان ڀلو ٿئي ٿو، دغا ڪرڻ سان دغا ملي ٿي!

[پردو ڪري ٿو.]

## پردو ٽيون

### رستو

[ اڳيان شبنم، ۽ پٺيان قلندر ديوانو ڏنڊو کنيو اچي ٿو.]

قلندر: منهنجو نالو غلام قلندر، مشهور سمندر؛ منهنجي والد جو نالو سڪندر؛ منهنجي ڏنڊي جو نالو جلندر! جيڪو منهنجي سامهون آيو، تنهن کي چاڙ تہ مون ڏنڊو ڦهڪايو! اڄ آءٌ هڪڙي ماڻهوءَ جي چئي تي هڪڙيءَ زال تي عاشق ٿيو آهيان؛ مگر هوءَ منهنجي دام ۾ نٿي ڦاسي، پاڻ کي مڙس واري ٿي ڀاسي! خير، ڏٺو ويندو تہ اهو قصو ڪيئن ٿيندو؛ هينئر تہ وڃان ٿو سندس ڳولا ۾...

( وڃي ٿو . )

[ پردو ڪري ٿو.]

## پردو چوٿون

### مسافر خانو

اسحاق: نڪ ڪَن سلامت بچائي، هن پوشاڪ جي بدولت، هن مسافرخاني جي ڪوٺيءَ ۾ اچي پهتو

آهيان؛ نہ تہ عماد ڪان پوءِ جيڪو حال سندس طرفدارن جو ٿي گذريو، آهو منهنجو بہ ٿئي ها!

(اتي شبنم لنگهي اچي ٿي.)

شبنم: يا الله، هي چريو تہ منهنجي جند نٿو ڇڏي، پٺيان لڳو اچي!

اسحاق: هان، هي اونداهيءَ ۾ چنبڙ ڪيئن ڪڍيو؟ هيءَ اگربتي هتي اوچتو ڪٿان اچي نڪتي؟

شبنم: صاحب...!

اسحاق: پرم ٿئيئي، آءٌ ڪو صاحب ناهيان، هڪڙو د يسي ماڻهو آهيان!

شبنم: سائين، معاف ڪجو، آءٌ اوهان جي پوشاڪ تي ڀُليس.

اسحاق: آءٌ د يسي ماڻهو آهيان. ڪوٽ- پتلون جو هينئر گهڻو مان آهي ـــ انگريزي ٽوپيءَ جو تہ انهيءَ کان وڌيڪ. سيڪو جاڻي ٿو تہ هي ڪو صاحب آهي، تنهنڪري عام ماڻهو ڊڄن بہ ٿا، ۽ مان بہ وڌيڪ ڏين ٿا.

شبنم: سائين، اوهان جو نالو؟

اسحاق: اسحاق خان! تون ڪهڙي ڪم هتي اچي نڪتي آهين؟

شبنم: سائين، آءٌ پنهنجي مڙس سان گڏ ريل گاڏيءَ ۾ چڙهيو ٿي ويئس؛ هڪڙيءَ اسٽيشن تي هو ڪنهن ضرورت لاءِ هيٺ لٿو؛ سونهن ڪان اڳي، سيٽي هئي، گاڏي ھلي ويئي، جا هن اسٽيشن تي اچي

ٻيئي؛ اچا لٿيس ۽ ٻاهر نڪتيس، ته هڪڙو چريو،
ڏنڊو ڪٽي، منهنجي پٺيان ڪاهي پيو ۽ آءٌ ڀڄي
هيڏي آيس.

اسحاق: تو جهڙيءَ جوان ۽ حسين زال کي ريل ۾ ڪو
اڪيلو سفر ڪرڻ گهرجي؟ اڄڪلهه گاڏين ۾
ڏاڍيون حرڪتون پيئون ٿين – خود ريلوي
وارائي بس آهن!

شبنم: مون کي اميد آهي ته اوهين اشراف ۽ سگهڙ ماڻهو آهيو.

اسحاق: انهيءَ ۾ ڪهڙو شڪ آهي؟ منهنجي شڪل مان ئي
توکي معلوم ٿيندو هوندو: مون کي درٻارين ۾
سڏ ٿيندو آهي؛ تخت تي مٿي ڪرسي ملندي
اٿم!

شبنم: ته ڏهن، ڀلائي ڪري، اوهين مون کي منهنجي
مڙس جي اچڻ تائين هن مسافرخاني ۾ پناهه
ڏيندؤ ۽ بچائيندؤ؟ ٻيءَ گاڏيءَ ۾ هو به اچي
پهچندو.

اسحاق: بيشڪ، بيشڪ، منهنجين اکين ۾ ويهه، منهنجي
دل ۾ ويهه! هن چريءَ جو ڊپ اصل نه ڪر-
جي هتي آيو، ته ڏڪ هڻي سندس کوپڙي ساڌي
سترهن ٽڪر ڪري ڇڏيندس! تون فڪر نه
ڪر- ائين سمجهه، ته ڄڻ پنهنجي مڙس وٽ
آهين!

شبنم: ته ڏهن آءٌ هتان ٻاهران ٿي، وري ٿي اچان.

اسحاق: بيشڪ وڃ، ڪوبه ڊپ نه ڪر.

(هوءَ وڃي ٿي.)

واھ، ھيلي، لقمو ته ڏاڍو ڪو سٺيو آھي، شڪار ته ڏاڍو عمدو آھي— گھر ويٺي خدا آٿي ڏنو آھي!

(اتي قلندر ديوانو اچي ٿو.)

قلندر: ھيءَ ڪيڏي ويٺي... ھيءَ ڪيڏي ويٺي؟ اڙي تون ڪير آھين؟ سنڌس ڀاءُ ٿين، ڀيءُ ٿين، مڙس ٿين، ڇا ٿين؟

اسحاق: سار، ھي ته ڪو جھنگلي ڀُوش، ڪو مست موالي ٿو ڏسجي!

قلندر: اي، آءٌ ڇا ٿو پڇئين؟

اسحاق: بڪ ڦِٽي ڪر! ڇا ٿو چوين؟

قلندر: بيھ، گڏھ جا ٻچا، مون ڏي گُھنبُ وجھي ٿو ڏسين! اکيون ھيٺ ڪر، ٻڌاءِ ته ھوءَ ڪيڏي ويئي؟

اسحاق: ڪير، ڪير؟

قلندر: اھا سھڻي ٻلي، جا منھنجي ڪُئي جھڙي دل ڪٽي ايڏي آئي!

اسحاق: آءٌ ڪنھن کي نٿو سڃاڻان، مون کي خبر ناھي.

قلندر: ڏسجئين، خبردار— ھن ڏنڊي سان مٿو ڦيھي رڪند وسئين!

(ڏنڊو آلھاري ٿو.)

اسحاق: اڙي، اڙي... ھي ڇا ٿو ڪري؟

(ڀڄڻ جي ڪري ٿو.)

قلندر: بيھ، بيھ، ڀڄ نه، ڏس ته ڪيئن نه ٿو ساھ ڪڍائين!

اسحاق : ڇو، آءٌ ڪو بيگاري آهيان ڇا؟ ڇوڙ، تنهنجو
ڪهڙو ڪم آهي؟
قلندر : چڱو، جي تون هن جو مڙس هوندين، ته آءٌ
پنهنجي محبت روڪي هن جي ڪٽي پڇر ڇڏيندس.
اسحاق : هائو يار، هائو، توکي هن جي پڇر ڇڏڻي
تيندي.
قلندر : ڇو؟
اسحاق : ڇو جو هوءَ منهنجي زال آهي.
قلندر : زال آهي؟ هل، هل، تون ته هن جي پيءُ جيڏو
تو ڏسجين، نه ته به پاڻ جيڏو ته آهينس!
اسحاق : نه نه، سچ تو چوان — اجا اڳئين جمعي تي اسان
جي شادي ٿي هئي!
قلندر : چڱو، تڏهن آءٌ هن جي عشق تان هٿ ڪڻان
ٿو. پر، تنهنجو نالو؟
اسحاق : منهنجو نالو اسحاق خان!
قلندر : تڏهن تون ڪوڙو آهين : بيوقوف، هن ته
پنهنجي مڙس جو نالو سنبل خان ٿي ورتو!
اسحاق : هائو هائو ميان، منهنجو نالو سنبل خان آهي.
قلندر : تڏهن پهريندي ڇو نٿي چيئي؟
اسحاق : تو سان چرچو ٿي ڪيم، تنهنجي ڏندي جي ڏپ
ڪان وائي ٿري ويئم!
قلندر : تڏهن چڱو، آءٌ وڃان ٿو.
اسحاق : وڃ، ادا، وڃ، خدا جي واسطي وڃ.
قلندر : مگر ڏسجئين، جي سندس مڙس نه هوندين، نه

ڏنڊن سان ڀاڙ ڀڃي ڇڏيندو سين!
(وڃي ٿو، ته سگهوئي پوليس جو جمعدار اچي ٿو.)

اسحاق: اڙي، هي وري ڪهڙو جهنگراڙ ڀلو ٿو اچي؟ هڪڙي بلا مس ٽري، ته وري ٻي آئي:

جمعدار: اي، هيڏي آءُ.

اسحاق: هن جي پيءُ جو نوڪر آهيان جو هيڏي آءُ!

جمعدار: صبر ڪر، مون کي نٿو سڃاڻين؟

اسحاق: ڪپڙن مان سڃاڻان ٿو ته هن شهر جو جهاڙو وال آهين!

جمعدار: (ڏنڊو ڏيکاري) ڇا ٿو چوين؟ انهيءَ جو مطلب؟

اسحاق: انهيءَ جو مطلب ته تون شهر جو گند ڪچرو سڀ ميڙي صاف ڪرين ٿو، يعني جيڪي خراب ماڻهو — چور، بدمعاش — شهر ۾ آهن، تن کي هڪالي ڪڍين ٿو، ۽ انهن کان شهر کي صاف ڪرين ٿو.

جمعدار: ائين نه هيو. هتي ڪو جهنگلي جانور جهڙو ماڻهو ڏنڊي سان آيو؟

اسحاق: هائو هائو، آيو هو، تنهنجي اڳيان لنگهي ويو. اکر اکر تي سؤنٺو پئي آلهاريئين.

جمعدار: ته انهيءَ کي تو پڪڙيو ڇو ڪين؟

اسحاق: منهنجو ڇا وڃي، اهو تنهنجو ڪم آهي.

جمعدار: ديوانن کي پڪڙڻ اسان جو ڪم ناهي.

اسحاق: تڏهن اوهان جو ڪم آهي رستي تي شين وڪڻڻ

وارن کان گجر، مُوري، ميوو چڏائڻ؛ اشرافن تي ڪوڙا مقدما ناهڻ؛ فرياد ين تـوڙي جـوابـدارن ٻنهي کان رقم وٺڻ؛ ڪوڙا شاهد ٺاهڻ؛ مفت جا چيلا ڪائڻ؛ مفت جا ناٽڪ ڏسڻ ۰۰۰!

جمعدار: خبردار؛ پوليس آفيسر سان اهڙي بڪ نـه ڪر، نـه تـه منظوري وٺـي بـي آبـروئـيءَ جـو مقدمو هلا ئبني ۰

اسحاق: چڱو، جمعدارصاحب، مـون ڪـان خطا ٿي، معاف ڪريو۔

جمعدار: چڱو؛ پر هو چريو ڪهڙي پاسي ويو؟

اسحاق: هيڏي، ڪوٽ جي در ڏي لنگهيو ۰

جمعدار: چڱو، آءٌ هن جي تلاش ۾ ٿو وڃان؛ جي انهيءَ وچ ۾ هتي وري اچي، ته انهيءَ کي پڪڙجئين ۰

(وڃي ٿو۔)

اسحاق: دلجاءِ ڪر، آيـو، تـه ٻانهون ٻـڌي گهات تـي حاضر ڪندو سانس۔ (ٻنهنجي منهن) آءٌ ٿو انهيءَ چرئي کـي هٿ لايان، جـو ڳالهه ڳالهه تي ڏنڊو ڪنيئو بيٺو آهـي — سورڳـو هـٽـي ڏڪ ميچالـو ڪـيـي وجهي!

(اتي قلندر ۽ گل خان جو پائٽيو سنبل خان اچن ٿا۔)

سنبل خان: هائو، منهنجي چاچي جو اهو ڏالو آهي۔

قلندر: چا، گل خان؟

قلندر: (اسحاق ڏانهن اشارو ڪري) تـه ڏس اهـو بيٺو اٿئي۔

سنبل خان : ڪير؟ ... هو؟
قلندر : تون پنهنجي چاچي کي نٿو سڃاڻين؟
سنبل : نه.
قلندر : ڇو؟
سنبل : هو گهڻن ڏينهن کان هليو ويو هو؛ آءٌ تڏهن ننڍو هوس؛ سون سندس شڪل نه ڏٺي هئي، تنهنڪري نٿو سڃاڻان. (اسحاق کي) چاچا سائين، سلام ٿئي. ڀيرين پوان؟
اسحاق : اڙي، تون ڪير آهين؟
سنبل : اوهان جو ڀائٽيو.
اسحاق : سون کي ته ڀاءُ ئي ڪونهي، ته ڀائٽيو وري ڪٿان آيو؟
سنبل : سون کي اوهان جو خط مليو. آءٌ هڪدم اچان ها، پر گاڏيءَ کي پهچي نه سگهيس، تنهنڪري دير ٿي ويئي؛ معاف ڪجو. گهڻن ورهين کان پوءِ ڀلي آيؤ، جيءُ آيؤ.
اسحاق : (پنهنجي منهن) ڀائنجي ٿو ته هي ڀليو آهي، ۽ مون کي چاچو ٿو سمجهي. هاڻ ڪُڇان ٿو، ته هي ڪمبخت سؤنٽو ٿو هٽي! خير، هاڻ ڪوڙ سوڙ ڪري جند ڇڏايان.
سنبل : چاچا جان.
اسحاق : چپ ڪر شيطان، تون ڪو ڏاڍو نالائق آهين.
سنبل : هوندس.
اسحاق : هوندين نه، پر آهين؛ ۽ تنهنجو پيءُ تو کان

وڏيڪ نالائق هوندو هو!

سنبل: (کلي) چاچي جي نالي ٻڌندو هوس تہ ڏاڍو چيڙاڪ ۽ شوخ آهي؛ سو جهڙو ٻڌو هوم، اهڙو ڏٺم، بلڪ وڏيڪ. خير، هاڻي معاف ڪريو.

اسحاق: چڱو، ڀائٽيو ٿي پيو آهين، تنهنڪري مون تنهنجي بي ادبي معاف ڪئي.

قلندر: سچ آهي، پنهنجي چاچي جو ادب پيءُ وانگي بجا آڻجي.

سنبل: بيشڪ— آداب، آداب چاچا، دعا ڪريو.

اسحاق: آداب آداب! چاهي؟ هٿ ٻڌ!

سنبل: حاضر، هٿ ٻڌان ٿو. (هٿ ٻڌي ٿو.)

اسحاق: هٿ ٻڌڻ مان ڇا ٿيندو؟ پيرين پئو!

سنبل: بيشڪ، پيرين پوان ٿو. (پيرين پوي ٿو.)

اسحاق: پيرين پوڻ بہ ٺهيو، هاڻي جاڻا پير!

سنبل: اڇي، پريان ٿو، مون کي بي ادبي معاف ڪريو. (جاڻا پري ٿو.)

اسحاق: هاڻي وري گيسي ڪر!

سنبل: حاضر ائين بہ ڪريان ٿو. (گيسي ڪري ٿو.)

قلندر: بس، ميان، بس؛ ايتري توبهہ ڪرڻ تي تہ خدا بہ معافي ڏئي ٿو: تون تہ ڪو گندو بندو ٿو ڏسجين! هاڻ پنهنجي ڀائٽيءَ کي ڀاڪر پائي مل. (هو ملن ٿا، قلندر خوش ٿي ٽپا ڏئي ٿو.)

هيپ هيپ، هري!... هيپ هپ، هري!

سنبل: چاچا، اوهان جي ٻانهڙي، منهنجي زال، بہ آئي

آهي؛ چئو ته وٺي اچانس.

قلندر : پڇڻ جو ڪهڙو ضرور، وڃي وٺي اچينس.
(سنبل وڃي ٿو، ته سگهو ئي سندس سچو چاچو گل خان اچي ٿو.)

اسحاق : هڪڙي بلا ٽَري وئي، ته ٻي هچا ٿي اچي، هتان نڪران، ته جند ڇُٽي!

گل خان : مون پنهنجي پيائٽئي کي خط لکيو ته هتي اچي مون کي گڏج، ٻڌو اٿم ته اهو هتي آيو آهي. يارو، هن مسافرخاني ۾ ته ڪونه آيو؟ اوهان مان ڪو منهنجو پائٽيو ته ڪونهي؟ اوهان ٻنهي جو نالو ڇا آهي؟ ڳالهايو ڇو نٿا؟... گونگا ته نه آهيو؟

قلندر : منهنجو نالو غلام قلندر، مشهور سمندر، ڏنبو جلندر، ۽ والد سڪندر!

گل خان : ۽ اوهان جو نالو؟

اسحاق! سنبل خان.

گل خان : ته بس اهو ئي منهنجو پائٽيو آهي!

اسحاق : واه، اڳهئو چاچو ٿيس، هاڻ پائٽيو ٿيس!

گل خان : نالا ئق، هيڏي ڏس – هاڻ ڇا چوئين؟

اسحاق : ڪي به نه چوَ.

گل خان : دنيا ۾ تون ئي هڪڙو هڙو بيوقوف آهين!

اسحاق : نه نه، ٻه آهيون – آءٌ به، هي به. (قلندر ڏي اشارو ڪري.)

قلندر : ڇو ڙي؟ (ڏنبو ڪٽي ٿو.)

اسحاق : يار، ڀلا معاف ڪر!
گل خان : مون کي انهيءَ ڳالهه جو جواب ڏي ته تو شادي ڇو ڪئي؟
اسحاق : انهيءَ لاءِ، ته هڪڙو ٻيو بيوقوف به پيدا ٿئي!
گل‌خان : پر جي شادي ڪيئه، ته به اِنهيءَ زال سان ڇو ڪيئه؟
اسحاق : زال سان نه ڪريان ها، ته ڪنهن مڙس سان ڪريان ها؟
گل‌خان : وري اهڙي بيحائي، جو مون کان موڪل به ڪانه ورتيئي!
اسحاق : شادي‌ءَ جي لاءِ حڪم وٺڻ جو ڪو ضرور هو ڇا؟
قلندر : ڇو نه ضرور هو : پيءُ جي غيرحاضريءَ ۾ چاچو پيءُ جي برابر آهي. اچ چاچي جي موڪل کان سواءِ هڪڙيءَ زال جو مڙس ٿيو آهين؛ سياڻي هن جي موڪل کان سواءِ هڪڙي ٻار جو پيءُ ٿي ويهي رهندين — واه!
گل‌خان : خير، هاڻ جي تون پائين ته توکي پنهنجي ورثي ترڪي کان خارج نه ڪريان، ۽ وصيتناسي ۾ تنهنجو نالو وجهان، ته اڳتي جي لاءِ چڱيچال اختيار ڪر، ۽ گذريل قصورن جو اقرار ڪر.
اسحاق : مون ڪهڙو قصور ڪيو آهي، جو قبولدار ٿيان ۽ معافي گهران؟
قلندر : اڙي، چاچي کان معافي گهرڻ ۾ ڪو شرم آهي؟

نہ تہ ورڻو ڏو وڃائين – ڇو ڏو منهن ۾ ڇائي پائين ؟
اسحاق : شرم تہ ڪونهي .
گلخان : تڏهن چؤ تہ 'چاچا، آءٌ خطاوار آهيان، ۽ گناهن جو قبولدار آهيان'.
اسحاق : چاچا سائين، آءٌ شيطان کان بہ وڌ گنهگار آهيان!
گلخان : '۽ معافيءَ جو اُميدوار آهيان'.
اسحاق : ۽ بخشش جو طلبگار آهيان!
گلخان : شاباس، خوش باش، او باش! هاڻ، مون تنهنجي بي ادبي معاف ڪئي، ۽ تنهنجيءَ زال ڏانهن بہ پنهنجي دل صاف ڪئي!
اسحاق : آءٌ اوهان جو شڪرگذار آهيان، عمر لاءِ فرمانبردار آهيان .

(اتي شبنم اچي ٿي .)

شبنم : خبر ناهي، منهنجي گهر واري ڇو ايتري دير لاتي آهي!
قلندر : آچ، آچ، ڀرم واري! پنهنجي مڙس جي چاچي کي ملڻ جي ڪر تياري.
شبنم : هان، اوهين آيا آهيو؟ ڀلي آيؤ، منهنجو نياز ٿئي.
گلخان : ابا تون خوش ٿيندينءَ، هي ٻڌي، تہ مون تنهنجو ۽ تنهنجي مڙس جو قصور معاف ڪيو آهي!
شبنم : چاچا، مهرباني اوهان جي . جيتوڻيڪ اوهان جي شڪرگذاري ادا ڪرڻ لاءِ هينئر منهنجو مڙس موجود ناهي، تہ بہ آءٌ سندس طرفان دل ۽ جان

سان شڪرگذار آهيان .

گل‌خان : ڏي ۽، تنهنجو مڙس ته اڳي ئي هتي موجود آهي ! (اسحاق ڏي اشارو ڪري.)

شبنم : (اسحاق کي) اوهان جي نالي ٿا چون ؟ آءٌ ته اها پروڙي نٿي سمجهان !

اسحاق : پياري، هيڏي آءٌ ته آءٌ سمجهايانءِ .

شبنم : واه، سائين واه ! اشراف آهين، ڇا آهين؟ د يوانو ته ڪين ٿيو آهين؟

اسحاق : اڳي ته ڪين هوس، مگر هاڻ شايد ٿيندس . (پاڻهن ڪان وٺيس ٿو.)

شبنم : ڇڏ ڇڏ، پري ٿي بيهه، مون توکي اشراف سکر ٿي سمجهيو !

اسحاق : اشراف ناهيان ته سفيد باف آهيان؟ سکر ناهيان ته نڪر آهيان ؟ (پاسي ٿي، نمي، پيرين پئيس ٿو.) ڏس، توکي پيرين پوان ٿو، پرچايان ٿو...

شبنم : پيرين ٿو پوين ... شرم نٿو اچيئي !

اسحاق : اڙي، زال کي پيرين پوڻ ته هن زماني جو فئشن آهي ! (ڪن ۾ ڳالهائيس ٿو.)

قلندر : اڙي، د ير ڪرڻ جي ڪري زال رُٺي اٿيئي، ته چڱيءَ طرح سمجهائينس — هي پاسي ٿي ڪن ۾ ڦُس ڦُس ڇاجي ٿو ڪرينس؟

اسحاق : اوهان جو ڇا وڃي؟ زال مڙس جي معاملي ۾ ٽنبي نه پئو !

شبنم : تو مون کي ڪٿي پنهنجي زال بنايو آهي...!

اسحاق : پيلو ٿيئني، پنجن منٽن لاءِ ڪٺي منهنجي زال ٿي... مون کي هن ڏنبي جي مار کان بچاءِ!

شبنم : ماريا، چريو ته ڪين ٿيو آهين!

اسحاق : ڏس، خدا جي واسطي، منهنجي ٿوري تائين زال ٿيءُ!

شبنم : ادا، وچ وچ، ماڻهو نه کلائين!

گل خان : نالائق، هيءَ ڪهڙي حرڪت آهي : هوءَ توکي ادو ٿي سڏي، تون هن کي زال ٿو بنائين! مون کي ته اوهان جو قصو سمجهه ۾ نٿو اچي.
(اتي سنبل خان ٿو اچي.)

سنبل : (زال کي) پياري شبنم، تون اچي نڪتينءَ — مون توکي ڪيترو نه ڳوليو آهي!

شبنم : چڱي منهنجي سنيال ڪئي اٿيئي— ڪيترو نه مون کي رلايو اٿئي!

سنبل : مون توکي رلايو آهي، يا تو هيترو وقت لڳايو آهي؟ نهيو، هاڻ چاچي کي گڏج. پيرين پئينس (اسحاق ڏي اشارو ڪري.)

شبنم : هان، تنهنجو چاچو ته هي آهي! (گل خان ڏي اشارو ڪري.)

سنبل : نه، پياري، نه— هي ڪو ٻيو ماڻهو آهي، تنهنجو چاچو ته هي آهي!

شبنم : نه، ميان، نه— تنهنجو چاچو هي آهي!

گل خان : هان، سنبل خان ته هن جو ناٺو آهي!

شبنم : ڪير ٿو چوي؟ هنجو ناٺو ته اسحاق خان آهي!

اسحاق : بس، هاڻي اسحاق ويچاري جو الله نگهبان آهي !

گل خان : پانئجي تو ته هي منهنجو پائٽيو ڪين آهي. . . !

سنبل : نڪي منهنجو چاچو آهي— انهيءَ جو يقين آهي !

قلندر : هي هن جو مڙس ناهي، بيو ڪو بيد ين آهي !

شبنم : هي ته ڪو ظاهر ۾ انسان مسڪين آهي، ۽ باطن ۾ شيطان لعين آهي !

اسحاق : يارو، هي ٻانهو ڪي به ڪين آهي. خدا جي واسطي منهنجي جند ڇڏيو؛ منهنجو مغز پريشان، ۽ منهنجي دل غمگين آهي. ( پڇڻ جي ڪري تو.)

گل خان : پڇين ڪيڏي تو؟ تون منهنجو پائٽيو آهين نه ! ائين چو ٿي چيئه؟

سنبل : تون منهنجو چاچو آهين نه ! ائين چو ٿي چيئه؟

شبنم : تون منهنجو مڙس آهين نه ! ائين چو ٿي چيئه؟

اسحاق : تڏهن هڪ هڪ کي ڌار جواب ڏيان، يا گڏي؟

گل خان : گڏي ڏي.

اسحاق : چڱو، تڏهن سڀيئي هيئن قطار ٻڌي بيهو، ته اوهان جي ائڊريس جو جواب ڏيان. (سڀئون ٿي، هتي بيهي تو.) ليڊيز ائنڊ جنٽلمين ! آءٌ اوهان جو گهڻو شڪرگذار آهيان، جو اوهين پنهنجو قيمتي وقت ويسٽ ڪري منهنجو ليڪچر ٻڌڻ

گهرو ٿا. اوهان سيني مون نالائق کي پنهنجا لائق ڪري، حدڪان وڌيڪ عزت ۽ آبرو ڏني آهي - اهڙي، جو ڪو ويچهو مائٽ به نه ڏئي - ڇا لاءِ جو اوهان مان ڪنهن مون کي پنهنجو چاچو ڪيو آهي، ڪنهن ڀائٽيو ڪيو آهي، ڪنهن مڙس ڪيو آهي، ڪنهن دوست ڪيو آهي: انهيءَ قدرداني جي شڪرگذاري، جي منهنجي ٻُت جو هرهڪ وار زبان ٿي پوي، ته به جيڪر ادا ڪري نه سگهان. حقيقت هيءَ آهي ته مون کي خدا نه ڪو چاچو ڏنو آهي، نه ڀائٽيو؛ زال هئي، سا به ويچاري خير جي رهائي ويئي: هن غريب نواز، ڏندي باز، جي ڊپ کان مون اوهان سيني سان اهي سنگ ڳنڍيا؛ پر ائين ڪرڻ کي اوهين بيحيائي ۽ گار نه سمجهو، مون اوهان سان چڱائي ڪئي آهي؛ ڇا لاءِ جو هن ديواني، ڏندو ڏيکاري، چيو ته جيسين هن زال جو ڪو مڙس نه هوندو، تيسين هن جي جند نه ڇڏيندس، ۽ هن تي ضرور عشق ڪمائيندس؛ تنهنڪري مون هن جي عزت آبرو ۽ ستيا بچائي - انهيءَ ڪري هيءَ سڀ مصيبت منهنجي سر تي آئي. اميد آهي ته هيءَ واجبي سبب ڏٺي، اوهين سڀ مون کي معاف ڪندا - ضرور معاف ڪندا!

(بس ڪري، تاڙيون ڇائي ٿو.)

گل خان: پر تو پنهنجو نالو سنبل خان ڇو ٻڌايو؟

اسحاق : جي پنهنجو اصلوڪو نالو ٻڌايان ها، ته هيءَ ڏنڊي سان منهنجو مٿو ڦاڙي رکي ها !

گل خان : توبهه توبهه، هن ڀلي مانس کي اسان هيستائين ناحق ستايو. سائين، اسان کي معاف ڪجئين !

اسحاق : خير، خدا ٻڇندو.

سنبل : مون به جيڪي چيو يا ڪيو، سو بخش ڪجئين.

اسحاق : شيطان ٻڇندءِ.

شبنم : سائين، افسوس آهي ته منهنجي عزت بچائڻ ۾ اوهان تي هيتري مصيبت آئي !

اسحاق : ڀاڙيهي ڪندو ڪجندوَ !

(اتي پوليس جو جمعدار اچي ٿو.)

جمعدار : مس مس هٿ آيو ۽ هن ڪيترو نه مون کي رلايو ! (قلندر کي جهلي ٿو.)

سنبل : يار هن بيگناهه کي ڇو ٿو گرفتار ڪرين؟

جمعدار : هي ڪالهه چرين جي اسپتال مان ڀت ٽپي ڀڄي ويو آهي. اسان کي هن رلائي خراب ڪيو آهي.

قلندر : ڇڏ ڇڏ، نه ته ڏنڊو هٿي ماري وجهندو سئين !

اسحاق : ڪيئن، چاچا، هاڻ ڏنڊو نٿو هٿين؟ اسان جو ته ڏنڊو ڏيکاري ساهه ئي سڪائي ڇڏيو هوئي !

# پرد و پنجون

## اصغر جي تاجپوشيءَ جي دربار

پهريون چوبدار:

سدا مبارڪ هجي سيّن کي، خوشي زمين ۽ زمن ۾ آئي؛
دلين کي راحت به ٿي ميسر، خوشي وري جان تن ۾ آئي!

ٻيو چوبدار:

خوشيون ڪري اڄ جهان سارو، بهار موٽي چمن ۾ آئي؛
ٿين سيّن جا دماغ روشن، جو شمع اڄ انجمن ۾ آئي!

درباري:

ويئي لنگهي رات غم الم جي،
خوشيءَ سندو جڳ ۾ ڏينهن آيو؛
مٿانئون ڪارا ڪڪر لنگهي ويا،
۽ هاڻ رحمت جو مينهن آيو!

سرفراز: (ڳائي ٿو)

واهه جو تماشو رنگ ڏٺو سين،
رنگ ڏٺو سين، رنگ ڏٺو سين!
ڏک هنيائون، خوف ڏنائون؛
پوءِ وارن جو ڍنگ ڏٺو سين!...
خير ٿيو آخر، اندر ٻاهر،
صلح صفا جو رنگ ڏٺو سين!...

اصغر : پياري امان، تون خوشيءَ جي بدران اڄ روئين چو ٿي؟

عصمت : بابا، هي ڏک جون ڳوڙهن نه آهن؛ هي خوشيءَ جون ڳوڙهون آهن!

سرفراز : (سهراب کي) هيءَ ساري دربار، سڄي ملڪ جي طرفان يڪزبان ٿي، هيءَ رٿ ڪري ٿي ته جڏهن اوهان ملڪ سان هيتري ڀلائي ڪئي آهي، تڏهن هيءَ تاجپوشيءَ جي رسم اوهين پنهنجن مبارڪ هٿن سان بجا آڻيو.

سهراب : انهيءَ رٿ کي آءٌ پنهنجو وڏو فخر ۽ پنهنجي وڏي عزت ٿو سمجهان.

اصغر : ڏيهو، ڏيهو — پهرين اهو تاج امان کي ڏيکاريو!

عصمت : نه پٽ، نه؛ هي تنهنجي ئي مٿي تي ٿو سونهي.

اصغر : نه، امان، نه؛ آءٌ ڪين مڃيندس، توکي ضرور اهو تاج ڏيکڻو ٿيندو.

عصمت : پيارا اصغر، تو اڳي ته ڪڏهن ماءُ سان اهڙي هوڏ ڪانه ڪئي، اڄ ڪيئن ٿو ڪرين؟

اصغر : تہ، امان، تو به اڳي ڪڏهن منهنجي ڳالهه رد نه ڪئي، اڄ ڪيئن ٿي ڪرين؟

سهراب : ڪهڙي نه سهڻي حجت آهي!

اصغر : (ڇٽ ڪٽي) ڏيک، امان، ڏيک...!

عصمت : بابا، هي توکي ٿو سونهي، تون ڏيک؛ آءٌ توکي تاج ڏيکيندو ڏسي ڏاڍي خوش ٿينديس، ۽ توکي دليون دعا ڪنديس.

اصغر : (سهراب کي) ڏسو، اوهين اسا کي سمجهايو.
سهراب : بانو، جيڪڏهن هھڙا هزار چٽ ڪٽي اوهان کي ڏيکائجن، ته به اوهان جيڪي قيمتي قربانيون هن معصوم جي مٿان ڪيون آهن، انهن سان هو مٽ پئي نه سگهن.
عصمت : سردار صاحب، اوهين ذري منهنجن گذريل ڏکن ۽ مصيبتن ڏي اشارو ڪري، موجوده خوشيءَ کي ڏک سان نه مٽايو.
سهراب : بيگم، اسان جي شاهزادي جي به ڳالهه مڃو؛ هن کي به رنج نه ڪريو؛ هن جي دل جي اڄي اها خوشي ٿي آهي.
عصمت : جي ائين آهي، ۽ اوهان سڀني جي اها مرضي آهي، ته آءٌ لاچار آهيان — اوهان جو چيو مون کي اکين تي آهي.
اصغر : (تاج مٿي تي رکيس ٿو؛ سهراب به مدد ڪريس ٿو) هاڻ منهنجي دل خوش ٿي!
عصمت : ته هاڻ پلي منهنجي به دل خوش ٿئي — هاڻ وري تون ڏيک. (ڏيکائيس ٿي.) اڳتي، هن جي پاڇي ۾، عدل ۽ انصاف سان رعيت کي خوش ڪندو رهج!

تنهنجي اقبال جو اڄ نُور ته گهر گهر چمڪي؛
تاج شاهي به سدا توکي هي برسر چمڪي؛
شل هجين روز قيامت تائين خورسند حيات،
عدل انصاف تنهنجو ملڪ جي اندر چمڪي!

سڀ گڏ : آمين، آمين، آمين!

(سڀ گڏجي ڳائين ٿا)

خوشي، ري، آخر خوشي!
دائم تخت بخت سڀ رهي دنيا ۾، رهين مکي سدا!
خوشيءَ جا رنگ، منجهان اُمنگ، ٿيا سنگ پيي آخرخوشي...
اسين ميئي ٿا ڪريون دعائون، گيت خوشيءَ جا هردم ڳايون —
وڇي ڏاڏ نا، نانا، ڏن ڏنا — مرڏ نگ پيي آخر خوشي...!